ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 08 آگسٽ 2026ع 24 صفرالمظفر 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 وپيا شمارو (353)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

مسلم ليگ (ن) جي وڙهه پيپلز پارٽي سان ناهي، اصل وڙهه ڪجهه ٻي آهي، وزيراعظم جي چوڌاري ماڻهن جون نيتون صاف ناهن: پ پ چيئرمين

وفاقي حڪومت جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن، عوام نوان صوبا چاهي ٿو ته پيپلز پارٽي ساٿ ڏيندي: بلاول ڀٽو

جيستائين عوام جي حاڪميت تسليم نه ڪئي ويندي، تيستائين نظام صحيح نموني نه هلي سگهندو. جيستائين اهو نه مڃيو ويندو ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي، تيستائين نظام ائين ئي هلندو رهندو

نوان صوبا ٺاهڻ جيڪڏهن عوام جو فيصلو آهي ته پيپلز پارٽي ساٿ ڏيندي. اسلام آباد ۾ حڪومت خطري ۾ آهي، اندر ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي آهي، جيڪا پ پ نه پر ماڻهن پاڻ شروع ڪئي آهي

پ پ جي اميدوار ۽ آزاد ڪشمير جي صدر تي حملا ڪو اتحادي نٿو ڪري، ڌانڌلي ۽ رت سان ڀريل چونڊون اسان کي قبول ناهن. مسلم ليگ (ن) جي ڀُل آهي ته مظفرآباد ۾ حڪومت ٺاهي ويندي

آهي ته ٽروٿ ڪميشن ٺاهڻ لاءِ تيار آهن ۽ نه شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن نظام ناڪام ٿي چڪو آهي ته ان جو وڏو مثال آزاد ڪشمير آهي. ڪشمير جي تاريخ ۾ اهڙو ڏکيو وقت نه آيو

اسان آزاد ڪشمير ۾ ڪڏهن ناهي ڏٺو ته 50، 50 ڏينهن تائين انٽرنيٽ ۽ رستا بند هجن. ڏکيو وقت انهن ماڻهن لاءِ آهي، جيڪي ڪاروبار ڪرڻ ۽ معمول جي زندگي بحال ڪرڻ چاهين ٿا

باغ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته نظام ناڪام ناهي ٿيو پر ناڪام ڪرايو ويو آهي. جيستائين عوام جي حاڪميت تسليم نه ڪئي ويندي، تيستائين نظام صحيح نموني نه هلي سگهندو. جيستائين اهو نه مڃيو ويندو ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي، تيستائين نظام اهڙي ئي طريقي سان هلندو رهندو. آزاد ڪشمير جي ضلعي باغ ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته نوان صوبا ٺاهڻ جيڪڏهن عوام جو فيصلو آهي ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري آزاد ڪشمير جي ضلعي باغ ۾ جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

”ڪنهن هڪ ملڪ تي حملو ٽنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو“ پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ دفاعي معاهدو

سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي ۾ ”مڪي گڏيل دفاعي معاهدي“ تي صحيحون ٿي ويون، جنهن تحت ٽنهي مان ڪنهن به هڪ ملڪ تي حملو ٽنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو: پاڪستان جي تصديق

وزيراعظم شهباز شريف، ترڪ صدر رجب طيب اردگان ۽ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان منجهند جو مڪي شريف ۾ گڏيل دفاعي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، معاهدي تي صحيحون ڪيون

هي معاهدو ٽنهي ملڪن ۾ دفاعي سهڪار جي سمورن پاسن کي هٿي ڏيڻ ۽ وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت آهي. گڏيل دفاعي صلاحيت ۽ روڪٿام کي مضبوط بڻائڻ سميت دفاعي شعبي ۾ سهڪار کي هٿي ملندي

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير پاڪستاني وفد سان گڏ خميس ڏينهن سعودي عرب پهتا، ترڪي جو صدر رجب طيب اردگان معاهدي تي صحيحون ڪرڻ لاءِ جمعي جي صبح سعودي عرب پهتو

گذريل سال پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ ”گڏيل دفاعي اسٽريٽجڪ معاهدو“ ٿيو هو جنهن تحت طئي ڪيو ويو هو ته ڪنهن هڪ ملڪ خلاف ٻاهرين جارحيت ٻنهي ملڪن خلاف جارحيت تصور ڪئي ويندي

مڪو شريف/اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تصديق ڪئي آهي ته سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي وچ ۾ ”مڪي گڏيل دفاعي معاهدي“ تي صحيحون ٿي ويون آهن جنهن تحت ٽنهي مان ڪنهن به هڪ ملڪ تي حملو ٽنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو پرڏيهي آفيس طرفان جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف، ترڪ صدر رجب

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ترڪي جي رجب طيب اردگان سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ۽ پاڪستان جي شهباز شريف مڪي ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون

پاڪستان ۽ ترڪي سان ”ڪاغذي معاهدو“ سعودي عرب کي بچائي نٿو سگهي: ايران

نئون دفاعي معاهدو سعودي عرب جي حفاظت جي ضمانت نٿو ڏئي سگهي: ايراني پارليامينٽ جو ميمبر ابراهيم رضائي

سعودي عرب کي گهرجي ته پنهنجي پاليسين ۾ تبديلي آڻي ته جيئن تحفظ لاءِ ٻين ملڪن اڳيان هٿ ٽنگڻ جي ضرورت نه پوي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پارليامينٽ جي قومي سلامتي ۽ پرڏيهي پاليسي ڪميٽي جي ميمبر ابراهيم رضائي چيو آهي ته سعودي عرب جو پاڪستان ۽ ترڪي سان نئون دفاعي معاهدو سعودي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ايراني حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ وارو منصوبو ناڪام، موساد جا اهم عهديدار برطرف

برطرف ڪيل عهديدارن ۾ انٽيليجنس ڊائريڪٽوريٽ جو سربراهه ۽ ايران ڊويزن جو سربراهه شامل

ٻنهي عهديدارن کي هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي تي، جنهن سبب موساد جي سربراهه سميت کين هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

تل ابيب (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ ناڪامي ڪانپوءِ اسرائيلي ڳجهي اداري موساد جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال، اين پي ايم سي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

گوشوارا جمع ڪرائڻ جي حتمي تاريخ 31 ڊسمبر مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ٽه ڌري معاهدي سان پاڪ فوج جي وقار ۾ واڌ، معاشي ۽ واپاري تعاون وڌندو: عبدالعليم خان

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وڏي وزير پاران پاڪستان، سعودي ۽ ترڪي وچ ۾ معاهدي جي آجيان

معاهدو مسلم امه جي تحفظ، مضبوطي ۽ خطي ۾ دفاعي توازن لاءِ هڪ سنگ ميل قرار

مڪي پاڪ جي مقدس ڌرتيءَ تان اتحاد جو هڪ تاريخي پيغام سامهون آيو آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ ٿيندڙ تاريخي مڪي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جا جج سپريم ڪورٽ ۾ عهدي جي حلف برداري جي موقعي تي جسٽس مسرت هلالي کي گلدستو پيش ڪندي

سنڌ حڪومت پاران نوجوانن لاءِ لائيو ڪيريئر ڪائونسلنگ شروع ڪرڻ جو فيصلو

صوبي ۾ مختلف صنعتن سان لاڳاپيل ماهرنوجوانن جي ڪيريئر ڪائونسلنگ شروع ڪئي ويندي: شرجيل ميمڻ

آءِ ورڪ فار سنڌ جي پليٽ فارم ذريعي نوجوانن کي روزگار سان گڏ جديد مهارتن سان به ڳنڍي رهيا آهيون

عالمي روزگار جي منظرنامي ۾ ڊجيٽل پليٽ فارمن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال جي اهم ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت آءِ ورڪ فار سنڌ جي پليٽ فارم ذريعي نوجوانن لاءِ لائيو ڪيريئر ڪائونسلنگ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

لاهور ۾ اي اين پي ايس پنجاب ڪميٽي جو اجلاس، پرنٽ ميڊيا جي واجبات ۽ اشتهارن جي ورهاست تي ڳڻتي

ڊي جي پي آر پنجاب فريد احمد شيخ ۽ پي آءِ ڊي اختيارين ميڊيا سان سهڪار ۽ سڌارن بابت بريفنگ ڏني

پرنٽ ميڊيا جي اشتهارن ۾ گهٽتائي ۽ واجبات جي دير سان ادائيگي سبب اخبارن کي مالي مشڪلاتون

ڊسمبر 2025ع تائين سمورا واجبات فوري ادا ڪري اشتهارن جي منصفاڻي ورهاست يقيني بڻائي وڃي: ڪميٽي جو مطالبو

لاهور(پ ر) آل نيوز تخليق سوسائٽي (اي اين پي ايس) پنجاب ڪميٽي پاڪستان جو صدر پنجاب ڪميٽي جي صدر جميل اطهر قاضي جي زير صدارت منعقد ٿيو جنهن ۾ پنجاب ڀر ۾ اخبارن جي پبلشرن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اي پي اين ايس پنجاب جي اجلاس جي صدارت سينيئر جميل اطهر قاضي ڪري رهيو آهي جڏهن ته صدر اي پي اين ايس سرمد علي ڊائريڪٽر جنرل شيخ رشيد عامر پنجاب فريداحمد، ڊي آءِ ڊي لاهور شفقت عباس سيد منير جيلاني محسن بلال امتنان شاهد، عثمان شامي،سجاد بخاري، اويس رازي، محسن ممتاز سيال، همايوني همايوني گلزان طارق، امجد اقبال، عمران اطهر،فاروق چوڌري،نورالله عرفان اطهر،نويد چوڌري،اويس خوشنود،شاهد محمود،بلال محمود،تنوير شاهه شريڪ آهن

سنڌ جي ڪاليجن ۾ بايو ميٽرڪ نظام کي فعال بڻائڻ ۽ غير حاضر ملازمن خلاف ڪارروائي جو فيصلو

سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ جي صدارت هيٺ بايو ميٽرڪ حاضري ۽ نگراني جي نظام بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ جي صدارت هيٺ پوري سنڌ جي سرڪاري ڪاليجن ۾ بايو ميٽرڪ حاضري جي موثر نفاذ، تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جي حاضري ۽ نگراني جي نظام بابت اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ بايو ميٽرڪ حاضري جي نظام کي مڪمل طور فعال، شفاف ۽ اثرائتو بڻائڻ، غير حاضر ملازمن کي ترت شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ غير حاضر عادي ملازمن خلاف سروس رولز موجب سخت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهريلو تڪرار تان پيءُ پنهنجي پٽ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

نارٿ ناظم آباد ۾ جوابدار صادق علي علي پنهنجي نوجوان پٽ رفيق علي تي فائرنگ ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي تيموريا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 23 سال اڳ ٿيل حادثي جو فيصلو، فوتي وارثن کي هڪ ڪروڙ 6 لک رپيا ادا ڪرڻ جو حڪم

سينيئر سول جج ڏکڻ مئي 2003ع ۾ حادثي ۾ شهري جي فوت ٿيڻ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌايو

شاهراهه فيصل تي ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب نور حميد فوت ٿي ويو هو، ته ٽرڪ ڊرائيور کي ڏوهي قرار ڏنو ويو

فوتي جي وارثن کي 24 لک رپيا اصل معاوضي سان گڏ 15 سيڪڙو ساليانو مارڪ اپ پڻ ادا ڪيو وڃي: عدالت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيئر سول جج ڏکڻ شاهراهه فيصل تي 23 سال اڳ پيش آيل ٽريفڪ حادثي ۾ شهري جي فوت ٿيڻ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي وفاقي حڪومت ۽ ٻين ڌرين کي گڏيل طور معاوضي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اي پي پي جي ڊائريڪٽر سمين عثمان خٽڪ ايٿوپيا جي سفير ميلاڪو ڪيناچيو کي سووينئر ڏيندي

اسلام ڪوٽ ۾ سرڪاري زمينن تي قبضن خلاف انتظامي حڪم بي اثر

حڪمن کي نظرانداز ڪري زمينن تي پوکائي ڪئي وئي، پوليس قدم نه کنيا: روينيو انتظاميا

گئوچر ۽ سرڪاري زمينن قبضا خورن کان خالي ڪرائي قانون جي بالادستي يقيني بڻائي وڃي: شهري

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ سرڪاري زمينن تي قبضن ۽ ڳئوچر زمينن تي ناجائز پوکائي خلاف روڪڻ لاءِ ڏنل

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام ڪوٽ: حڪومت کي نظرانداز ڪري ڦرڪول منصوبن ۾ ڪيڙي ڪندڙ مزدورن جي وائرل تصوير

پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو سميت ٻين خلاف ملڪيت جي رڪارڊ ۾ مبينا ڦيرڦار بابت جاچ جو حڪم

لاڙڪاڻي جي اينٽي ڪرپشن خاص عدالت ۾ اگهڙتي تعلقي طرفان داخل درخواست جي ٻڌڻي ٿي

عدالت پاران ريجنل ڊائريڪٽر کي 6 هفتن اندر جاچ مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

الزامن جي جاچ ضروري آهي، جنهن کان پوءِ ئي وڌيڪ قانوني ڪارروائي بابت فيصلو ڪيو ويندو: عدالت

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي اينٽي ڪرپشن جي خاص عدالت پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سميت ٻين خلاف ملڪيت جي رڪارڊ ۾ مبينا ڦيرڦار بابت جاچ جو حڪم عدالت اينٽي ڪرپشن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي: گهرو وزير

ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز جي ڀرپور ساراهه

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي خيبر پختونخوا ۾ فتنه الخوارج جي دهشتگردن خلاف ڪامياب

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

”صوبا ڪيئن ٺهندا؟“ ايمل ولي محسن نقوي کان نون صوبن جو نقشو گهري ورتو

صوبن وارو معاملو 28هين آئيني ترميم ۽ قومي مالياتي ايوارڊ سان سڌيءَ ريت واڳيل آهي

محسن نقوي ڪميٽيءَ اڳ واضح ڪري ته نوان صوبا ڪيئن ٺهندا ۽ انهن جو نقشو ڪهڙو هوندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي اڳواڻ سينيٽر ايمل ولي خان گهرو وزير محسن نقوي کان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

نيپرا ملڪ ۾ بجلي مهانگي ڪري ڇڏي

بجلي 75 پئسا في يونٽ مهانگي، نيپرا جي پڌرائي جاري

بجلي جي اگهه ۾ واڌ جون مهيني جي ماهوار ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) ملڪ ۾ بجلي 75 پئسا في يونٽ مهانگي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت موسمياتي تبديلي جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ عملي قدم کڻي پئي: ناصر شاهه

ڪاربن ڪريڊٽ منصوبي ماحول دوست قدمن کي عالمي سطح تي تسليم ٿيل ماڊل ۾ تبديل ڪيو آهي

مئنگروز جي بحالي واري منصوبي پرڏيهي ناڻو حاصل ڪرڻ جي راهه پڻ هموار ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني، پارليامينٽ هائوس ۾ نئين تعمير ٿيل سينيٽ آفيسن جو افتتاح ڪري رهيو آهي

سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ پاران سمنڊ ڪناري جي صفائي مهم جو انتظام

انفارميشن ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي ”صاف سامونڊي ڪنارو، سرسبز پاڪستان“ تحت مهم هلائي

اسان ماحولياتي بهتريءَ ۾ حصو وٺي پاڪستان جي آزاديءَ جا 79 سال ملهائي رهيا آهيون: شاگرد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ جي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي پاڪستان جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پرسرار نموني جبل تان هيٺ ڪرڻ سبب ٽينيجر فوت، جاچ شروع

گڏاپ سٽي جي علائقي ۾ جبل تان ڪرڻ سبب 15 ورهين جو ذيشان ولد واحد بخش فوت ٿي ويو

واقعي ڪانپوءِ علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر ڊوڙي وئي، پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گڏاپ سٽي جي علائقي ۾ جبل تان ڪري 15 ورهين جو ڇوڪرو فوت ٿي ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

وڏو وزير ڪراچي ۾ ٽريفڪ جام بابت حقيقتن کي رد ڪري رهيو آهي: حليم عادل شيخ

پي ٽي آءِ پاران 24 جولاءِ واري احتجاج لاءِ پريس ڪلب تي باقاعده اجازت جي درخواست ڏني وئي هئي

ضلعي انتظاميه اجازت نه ڏني، پوليس پرامن ڪارڪنن تي شيلنگ، لاٺي چارج ۽ گرفتاريون ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ، وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه جي بيان تي ردعمل ڏيندي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايس ايس يو پاران تيار ڪيل ڪتاب ”سيڪيورٽي ٽريننگ هينڊ بڪ“ جي مهورت

ڊاڪٽر مقصود احمد جي ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ آءِ جي سنڌ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

ڪتاب جديد سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي قابليت کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي ۾ اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (ايس ايس يو) هيڊڪوارٽرز ۾ ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر: مقتول ٽينيجر جا وارث قاتلن جي گرفتاري لاءِ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن ٻئي طرف پوليس موبائلون بيٺل آهن

آزاد، شفاف ۽ خودمختيار چونڊون ملڪ ۽ عوام جي بهتر مستقبل لاءِ لازمي آهن: سعيد غني

پاڪستان ۾ فرنيچر جي صنعت تمام وسيع آهي ۽ ملڪ مان فرنيچر پرڏيهه به برآمد ڪيو وڃي ٿو

ڪراچي ۾ ”پهرين پاڪستان فرنيچر ٽريڊ شو 2026“ جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته آزاد، شفاف ۽ خودمختيار چونڊون ملڪ ۽ عوام جي بهتر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح عوامي مسئلن جو بروقت ۽ مؤثر حل آهي: اسماعيل راهو

سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلينٽ سيل عوام ۽ حڪومت وچ ۾ مؤثر رابطي جو ذريعو بڻجي چڪو آهي

شهرين کي فوري رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي متحرڪ ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم محمد شهباز شريف، سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم ۽ ترڪ صدر قصر الصفا ۾ جمعي نماز ادا ڪئي

مڪو مڪرم (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف، سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

مڪو شريف: وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير عمرو ادا ڪندي

سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي وقتن بابت نئون شيڊول جاري، پابندي جون هدايتون

جاري ڪيل شيڊول تي اڄ کان فوري طور عملدرآمد شروع ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اسڪول

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ سرڪاري اسپتالن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن: چيف سيڪريٽري

جناح اسپتال ۾ ارلي پريگنينسي اسيسمينٽ ۽ ايڊوليسمنٽ ڪيئر ون اسٽاپ سينٽر جو افتتاح ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه جناح اسپتال ۾ ارلي پريگنينسي اسيسمينٽ ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نوازليگ پاران آزاد ڪشمير ۾ حڪومت سازيءَ لاءِ گهربل انگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي دعويٰ

آزاد ڪشمير ۾ مسلم ليگ (ن) حڪومت سازيءَ لاءِ گهربل انگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي: رانا ثناءُ الله/انجنيئر امير مقام

لائن آف ڪنٽرول تي رهندڙن لاءِ پڪا بنڪر ۽ روڊن سميت ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن، اهي هر وقت ڀارتي فائرنگ جي نشاني تي آهن

نواز شريف جو ماضي ۾ عوام سان محبت ۽ مريم نواز جي ڪارڪردگيءَ کي ڏسندي آزاد ڪشمير جي عوام (ن) ليگ کي واضح مينڊيٽ ڏنو آهي

اسان پاڪستاني آهيون، پاڪستان اسان جو آهي ته 25 ڪروڙ عوام خوشيءَ سان تسليم ڪري ٿو ته هي پاڪستان اوهان جو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام ۽ وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار رانا ثناءُ الله چيو آهي ته آزاد ڪشمير ۾ مسلم ليگ (ن) حڪومت

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ ٻن مختلف ڪارروائين دوران فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 10 دهشتگرد مارجي ويا

هڪ گروپ ڏکڻ وزيرستان ضلعي جي علائقي اعظم ورسڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي چيڪ پوسٽ تي حملي جي ڪوشش ڪئي

شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي درست ۽ اثرائتي ڪارروائي جي نتيجي ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل ڀارت جي حمايت يافته خوارج جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا صوبي ۾ ٻن مختلف ڪارروائين دوران ڀارت جي حمايت يافته فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 10 خوارج ماري ڇڏيا. جمعي تي پاڪ فوج جي شعبي آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان مطابق پهرين ڪارروائي ۾ ڀارتي پراڪسي سان تعلق رکندڙ خوارج جي هڪ گروپ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مملڪتي وزير ۽ پاڪستان ورچوئل ايسٽس ريگيوليٽري اٿارٽي جي چيئرمين بلال بن ثاقب بورڊ ميمبرن سان ملاقات ڪندي

فتنه الهندستان هٿان بليڪ ميل ٿيل دهشتگرد ارمان بلوچ جو دهشتگرد تنظيم سان لاتعلقي جو اعلان

اسلام آباد (اي پي پي) ڪالعدم بلوچ لبريشن فرنٽ ۽ ٻين عسڪري تنظيمن جي ماڻهن جو هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ لاتعلقي اختيار ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي تفصيل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ۽ گهرو وزير واقعي جو سختي سان نوٽيس ورتو، آءِ جي کان رپورٽ طلب

ڪراچي ۾ ايڌي سينٽر جي آفيس ۾ ڌاڙو، ملازمن جي پگهارن واري رقم 65 لک رپيا ڦُر

سهراب ڳوٺ سينٽر تي ڇهن کان وڌيڪ هٿياربندن چڙهائي ڪري رضاڪارن کي يرغمال بڻائي تشدد ڪيو

ملازمن جي پگهارن جي ادائيگي لاءِ آندل رقم جوابدار ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

جوابدارن ايڌي عملي جي بينڪ مان نڪرڻ بعد ريڪي پڻ ڪئي، پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڌي سينٽر سهراب ڳوٺ تي هٿياربندن جو ڌاڙو 65 لک رپيا ڦر ڪراچي ۾ فلاحي اداري ايڌي فائونڊيشن جو سهراب ڳوٺ سينٽر به ڌوهاري عنصرن جي نشاني تي اچي ويو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

دفاعي معاهدو ڪنهن ملڪ جي خلاف ناهي: ترڪ صدر

خطي ۾ امن ۽ استحڪام جا خواهشمند سڀ ٻيا ملڪ معاهدي ۾ شامل ٿي سگهن ٿا

معاهدو دفاعي صنعت ۾ گڏيل منصوبن جي ترقي ۽ انتهاپسندي خلاف جدوجهد ۾ مددگار ثابت ٿيندو

انقرا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ترڪ صدر رجب طيب اردگان چيو آهي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ ٿيل دفاعي معاهدو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

بنگلاديش ۾ ٻن مسافر بسن ۾ ٽڪر سبب 8 ڄڻا فوت، 25 زخمي ٿي پيا

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي اتر اوڀر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي ۾ معاهدو مسلم دنيا لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل آهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف، اسحاق ڊار، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، وفاقي وزيرن ۽ پاڪستاني وفد عمرو ادا ڪيو

مڪو مُڪرم (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

لاهور: پنجاب جو اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري جو اي پي اين ايس پنجاب جي وفد سان گڏ گروپ

68 هين سالگرهه مبارڪ

عبرت جي نمائندن لاءِ اطلاع

سنڌ ۾ ساڃاهه، سچائي ۽ صحتمند صحافت جي سفر ۾ اوهان سان هر قدم **عبرت گروپ** کي سال **2026ع ۾ 68 سال** مڪمل ٿي رهيا آهن، اهو سفر سچائي، پنهنجن سان ڪمٽمينٽ ۽ محبتن ڀريو رهيو آهي، جنهن ۾ اوهان جو ساٿ، همت افزائي ۽ هر حالت ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ واري محبت ڀريي روي جو پڻ وڏو هٿ آهي.
هر سال وانگر هن سال پڻ روزاني عبرت پنهنجي سالگرهه ۽ ملڪ جي آزادي جي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ ست رنگو **شاندار ايڊيشن** شايع ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ٻين گهڻين خوبصورتين سان گڏ اوهان جا پيغام، مبارڪباد ۽ تعارف تي ٻڌل اشتهار ان جي سونهن کي چار چنڊ لڳائيندا، ان ڏس ۾ اداري سان سهڪار ڪريو ته جيئن اهو سدائين لاءِ ساندڻ جهڙو ايڊيشن اجا سُر سرهاڻ ڀريو محسوس ٿئي.

نوٽ: عبرت ست جي ساٿين کي گذارش ٿي ڪجي ته پنهنجا اشتهار جلد کان جلد اداري کي ڏياري موڪلين جيئن انهن کي بهتر جڳهه ڏئي سگهجي.

رابطي لاءِ:
مئنيجر شعبہ اشتهار
03003020943 | 03393020943

بقايا 1 روزاني عبرت

طيب اردگان ۽ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان جمعي جي منجهند مڪي ۾ گڏيل دفاعي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ معاهدي تي صحيحون ڪيون. پرڏيهي آفيس موجب، معاهدي جو مقصد ڪنهن به جارحاڻي قدم خلاف گڏيل دفاع کي مضبوط بڻائڻ آهي معاهدي ۾ طئي ڪيو ويو آهي ته ٽنهي رياستن مان ڪنهن هڪ خلاف ٿيندڙ ڪو به هٿياربند حملو سڀني خلاف حملو تصور ڪيو ويندو بيان ۾ چيو ويو آهي ته هي معاهدو ٽنهي ملڪن وچ ۾ دفاعي سهڪار جي سمورن پاسن کي هٿي ڏيڻ ۽ وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت آهي جيتوڻيڪ معاهدي جا تفصيل اڃا سامهون نه آيون آهن ۾ پاڪستان موجب ان جو مقصد اڳرائيءَ واري ڪنهن به قدم خلاف گڏيل دفاعي صلاحيت ۽ روڪٿام کي مضبوط بڻائڻ سان گڏ دفاعي شعبي ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ آهي پرڏيهي آفيس موجب، معاهدي تي صحيحون ڪرڻ واري تقريب کان اڳ ٽنهي ملڪن جي اڳواڻن گڏيل دفاعي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ٽنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن ۽ گڏيل مفادن جو جائزو ورتو ويو. بيان موجب، ٽنهي ملڪن جي ڊگهي عرصي کان تاريخي لاڳاپن، گڏيل اسٽريٽجڪ مفادن ۽ دفاعي سهڪار جي بنياد تي ٽنهي اڳواڻن مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪيون. پرڏيهي آفيس چيو ته هي معاهدو محفوظ ۽ خوشحال مستقبل لاءِ گڏيل سلامتي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ خطي توڙي ان کان ٻاهر امن، سلامتي ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ ٽنهي ملڪن جي گڏيل عزم جو اظهار آهي. واضح رهي ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير پاڪستاني وفد سان گڏ خميس ڏينهن سعودي عرب پهتا هئا، جڏهن ته ترڪ صدر رجب طيب اردگان معاهدي تي صحيحون ڪرڻ لاءِ جمعي جي صبح سعودي عرب پهتو. هن معاهدي بابت خبرون ۽ اڳڪٿيون ڊگهي عرصي کان جاري هيون. هلندڙ سال جنوري ۾ ترڪ پرڏيهي وزير خاقان فيدان چيو هو ته پاڪستان، ترڪي ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي سهڪار بابت ڳالهيون جاري آهن فيدان ان وقت چيو هو ته صدر اردگان جي سوچ آهي ته هڪ وسيع ۽ گڏيل پليٽ فارم جو بنياد رکيو وڃي. ان کانپوءِ جنوري ۾ ئي دفاعي پيداوار واري مملڪتي وزير رضا حيات هراج تصديق ڪئي هئي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ هڪ سال کان جاري ڳالهين ڪانپوءِ دفاعي معاهدي جو مسودو تيار ٿي چڪو آهي. هن واضح ڪيو هو ته اهو معاهدو پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ اڳ ۾ ئي موجود سيڪيورٽي معاهدي کان الڳ هوندو. ياد رهي ته گذريل سال سيپٽمبر ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي معاملن ۾ سهڪار ۽ سلامتي بابت "گڏيل دفاعي اسٽريٽجڪ معاهدو" ٿيو هو جنهن تحت طئي ڪيو ويو هو ته ڪنهن هڪ ملڪ خلاف ٻاهرين جارحيت ٻنهي ملڪن خلاف جارحيت تصور ڪئي ويندي. پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ اهو معاهدو اهڙي وقت ٿيو آهي، جڏهن وچ اوڀر ۾ سيڪيورٽي ۽ سفارتي توازن تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي ۽ نوان اتحاد وجود ۾ اچي رهيا آهن. پاڪستان ويجهڙائي ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ سفارتي ڪوششن ۾ شامل رهيو آهي، جڏهن ته ترڪي غزا جنگ جي خاتمي لاءِ سفارتي سطح تي سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي هن معاهدي کي ان حوالي سان پڻ اهم قرار ڏنو پيو وڃي ته پاڪستان مسلم دنيا جي واحد ايٽمي رياست آهي. ترڪي ۽ سعودي عرب وچ ۾ به ڪيترن ئي سالن جي ماڌار ڪانپوءِ ويجهڙائي وارن سالن دوران لاڳاپن ۾ بهتري آئي آهي 2018ع ۾ استنبول ۾ سعودي قونصل خاني اندر سعودي صحافي جمال خاشقجي جي قتل ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا خراب ٿي ويا هئا. دفاعي معاملن جي ماهرن موجب، ترڪي ۽ پاڪستان اڳ ئي هڪ ٻئي سان دفاعي سهڪار ڪري رهيا آهن جڏهن ته سعودي عرب کي وچ اوڀر ۾ هڪ وڏي قوت سمجهيو وڃي ٿو ماهرن جو خيال آهي ته ترڪي وچ اوڀر جي علائقائي مسئلن ۽ ڇڪتاڻ ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب سان گڏجي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو. دفاعي شعبي ۾ ترڪي جي وڌندڙ صلاحيت پڻ هن ٽئين معاهدي کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿي گذريل ڪجهه سالن دوران ترڪ دفاعي سامان خاص طور تي جنگي ڊرونز يوڪرين، شام ۽ ليبيا سميت مختلف تڪرارن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ترڪ اختيارين موجب، ملڪ پنهنجي دفاعي گهرجن جو وڏو حصو مقامي سطح تي پورو ڪري ٿو جنهن سبب ترڪي دفاعي سامان جي پيداوار ۽ برآمد ۾ عالمي سطح تي پنهنجو اثر وڌائي رهيو آهي ماهرن موجب، پاڪستان جي ايٽمي طاقت، سعودي عرب جي معاشي طاقت ۽ ترڪي جي فوجي ۽ سفارتي اثر رسوخ جو ميلاپ خطي ۾ هڪ اهم دفاعي روڪٿام جو عنصر بڻجي سگهي ٿو.

بقايا 2 روزاني عبرت

عرب جي حفاظت جي ضمانت نٿو ڏئي سگهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ ابراهيم رضائي چيو ته سعودي عرب کي سمجهڻ گهرجي ته ترڪي ۽ پاڪستان سان ٿيل هي "ڪاغذي معاهدو" اهو تحفظ فراهم نه ڪندو جيڪو آمريڪا تي ڏهاڪن تائين هڪ طرفي ڀاڙڻ باوجود ڪيس حاصل نه ٿي سگهيو هن چيو ته سعودي عرب کي گهرجي ته پنهنجي پاليسين ۾ تبديلي آڻي جيئن ڪيس تحفظ لاءِ ٻين ملڪن آڏو هٿ ٽنگڻ جي ضرورت نه پوي. ايراني اڳواڻ جو اهو بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي جڏهن سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي وچ ۾ گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون آهن. سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت طئي ڪيو ويو آهي ته ٽنهي ملڪن مان ڪنهن هڪ تي ٿيندڙ هٿياربند حملو ٽنهي ملڪن خلاف حملو تصور ڪيو ويندو. واضح رهي ته مڪي جي قصر الصفا ۾ ٿيل گڏيل دفاعي اجلاس ۾ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان، پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف ۽ ترڪ صدر رجب طيب اردگان شرڪت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ "مڪي گڏيل دفاعي معاهدي" تي صحيحون ڪيون ويون.

بقايا 3 روزاني عبرت

سربراهه ٻن سينيئر عهديدارن کي عهدن تان هٽائي ڇڏيو آهي. اسرائيلي ميڊيا رپورٽن موجب، برطرف ڪيل عهديدارن ۾ انٽيليجنس ڊائريڪٽوريٽ جو سربراهه ۽ ايران ڊويزن جو سربراهه شامل آهن. رپورٽن موجب، اهي ٻئي عهديدار ايران ۾ حڪومتي تبديلي بابت هڪ منصوبي جي تياري ۾ شامل هئا، جنهن جو مقصد مبينا طور تي مختلف گروهن جي مدد سان ايران ۾ ملڪ گير احتجاجن کي هٿي ڏئي اسلامي جمهوريه حڪومت کي ختم ڪرڻ هو. اسرائيلي ميڊيا موجب، ٻنهي عهديدارن ان منصوبي جا هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي جو منهن ڏٺو، جنهن سبب موساد جي سربراهه کين عهدن تان هٽائڻ جو فيصلو ڪيو. رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهي فيصلا موساد جي سربراهه طرفان اداري اندر وڏي پيماني تي تنظيمي تبديلين جو حصو آهن.

بقايا 4 روزاني عبرت

دفاعي معاهدي جي پرجوش آجيان ڪندي ان کي مسلم امه جي تحفظ، مضبوطي ۽ خطي ۾ دفاعي توازن لاءِ هڪ سنگ ميل قرار ڏنو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ وڏي وزير چيو ته مڪي پاڪ جي مقدس ڌرتيءَ تان اتحاد جو هڪ تاريخي پيغام سامهون آيو آهي. مڪي مڪرمه ۾ ٿيندڙ اهو گڏيل سربراهي اجلاس هڪ نئين تاريخ رقم ڪري چڪو آهي ۽ اسلامي دنيا جو اهو اسٽريٽجڪ توڙي اقتصادي اتحاد وقت جي اهم ضرورت هئو. سيد مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه جو اهو دفاعي تعاون نه صرف مسلم دنيا پر عالمي امن جي پڻ ضمانت ثابت ٿيندو. سندن چوڻ هو ته انهن ٽنهي ڀائرن ملڪن وچ ۾ ڀائيواري سان خطي جو دفاعي توازن وڌيڪ مستحڪم ٿيندو. وڏي وزير ان تاريخي ۽ عظيم قدم تي پاڪستان جي وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف، سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان ۽ ترڪ صدر رجب طيب اردوان کي مبارڪباد پيش ڪئي آهي. هن واضح ڪيو ته سنڌ جي عوام ۽ صوبائي حڪومت ان مڪي دفاعي معاهدي جي مڪمل ۽ ڀرپور تائيد ڪري ٿي.

بقايا 5 روزاني عبرت

ميمبرن جو ڌيان ان طرف ڇڪرايو آهي ته اثاثن ۽ بقاياتن جي مالي سال 2025-26ع بابت گوشوارا جمع ڪرائڻ جي حتمي تاريخ 31 ڊسمبر آهي. اليڪشن ڪميشن جي بيان موجب اليڪشن ايڪٽ 2017ع جي قلم 137 تحت سمورن پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن لاءِ ضروري آهي ته اهي پنهنجي گهر وارين ۽ ٻارن جي اثاثن ۽ بقايات جا مالي سال 2025-26ع جا گوشوارا ڄاڻايل فارم بي جي صورت ۾ مقرر تاريخ کان اڳ يا 31 ڊسمبر تائين اليڪشن ڪميشن وٽ جمع ڪرائين. سيڪشن 137 جي ماتحت قلم (2) تحت ڪميشن هڪ پريس رليز ذريعي هر سال پهرين جنوريءَ تي مقرر تاريخ تائين گهربل گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙن جا نالا شايع ڪندو. ڪميشن 15 جنوري تائين ڄاڻايل گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙ پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن جي رڪنيت معطل ڪندو ۽ ڄاڻايل گوشوارا جمع نه ڪرائڻ تائين اهي پارليامينٽ ۽ اسيمبليءَ جي ڪنهن به ڪارروائيءَ ۾ حصو نه وٺي سگهندا. جيڪڏهن ڪو ميمبر پنهنجي پيش ڪيل گوشوارن ۾ ڪا به معلومات غلط فراهم ڪرڻ ۾ ملوث مليو ته اليڪشن ڪميشن سيڪشن 137 تحت گوشوارا جمع ڪرائڻ جي تاريخ کان 120 ڏينهن جي اندر ان خلاف ڪرپشن جي ڪارروائي ڪندو. فارم بي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ويب سائيٽ www.ecp.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته لاڳاپيل صوبائي اليڪشن ڪمشنر جي آفيس، سينيٽ سيڪريٽريٽ، قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي سيڪريٽريٽ مان پڻ مفت حاصل ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 6 روزاني عبرت

وفاقي وزير عبدالعليم خان سعودي عرب، ترڪيه ۽ پاڪستان جي گڏيل دفاعي معاهدي کي هڪ تاريخي ڪاميابي قرار ڏيندي وزيراعظم شهباز شريف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز سيد عاصم منير کي مبارڪون ڏنيون آهن ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ وفاقي وزير چيو ته هي عالمي معاهدو خطي ۾ امن کي هٿي ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. هن چيو ته سعودي عرب، ترڪيه ۽ پاڪستان جي قيادت ان ڪاميابيءَ تي مبارڪن جا حقدار آهن. عبدالعليم خان جو چوڻ هو ته اهڙين ڪوششن سان مسلم ملڪن وچ ۾ اتحاد ۽ يڪانيت وڌندي، جنهن سان گڏيل معاهدا مضبوط ٿيندا ۽ پاڪ فوج جي عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿيندو. هن زور ڏيندي چيو ته پاڪ فوج جي پيشيوراڻي صلاحيتن جو عالمي سطح تي اعتراف هر پاڪستانيءَ لاءِ فخر جوڳو آهي. وفاقي وزير موجب هي معاهدو صرف دفاع تائين محدود نه رهندو پر ٽنهي ملڪن وچ ۾ واپار، معيشت ۽ ملڪي تعاون کي هٿي وٺرائڻ جو سبب بڻجندو.

بقايا 7 روزاني عبرت

ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته هلندڙ مهيني کان مختلف صنعتن سان لاڳاپيل ماهر نوجوانن جي ڪيريئر ڪائونسلنگ جي شروعات ڪندا آءِ ورڪ فار سنڌ جي لرن اينڊ ارن پليٽ فارم ذريعي هينئر تائين 4935 ماڻهو رجسٽرڊ ٿي چڪا آهن جڏهن ته 2735 ماڻهن مختلف ڪورسز مڪمل ڪري ورتا آهن ۽ 2000 ماڻهو اڃا به ڪورسز ڪري رهيا آهن. لرن اينڊ ارن پروگرام تحت 1200 کان وڌيڪ عالمي معيار جا مختصر ڪورسز سيکاريا ويندا. هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آءِ ورڪ فار سنڌ نوجوانن کي روزگار سان گڏ جديد مهارتن سان به ڳنڍي رهيو آهي سنڌ حڪومت جو پائلٽ پروجيڪٽ آءِ ورڪ فار سنڌ نوجوانن کي جديد مهارتن سان ليس ڪرڻ لاءِ هڪ جامع نظام بڻجي چڪو آهي. تبديل ٿيندڙ عالمي روزگار جي منظرنامي ۾ ڊجيٽل پليٽ فارمن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته آءِ ورڪ فار سنڌ جي پليٽ فارم تي مسلسل وڌندڙ عوامي شموليت سنڌ جي نوجوانن طرفان ڀرپور موٽ ملڻ جو ثبوت آهي پليٽ فارم تي 51 لک کان وڌيڪ وزٽس ٿي چڪا آهن هڪ لک 19 هزار اميدوار رجسٽرڊ آهن 16 هزار کان وڌيڪ روزگار جا موقعا موجود آهن جڏهن ته 695 ڪمپنيون پليٽ فارم جو حصو بڻجي چڪيون آهن جيڪي نوجوانن ۽ روزگار فراهم ڪندڙ ادارن وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهيون آهن. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آءِ ورڪ فار سنڌ جي پليٽ فارم ذريعي هينئر تائين 16 هزار 200 کان وڌيڪ فعال روزگار جا موقعا موجود آهن جڏهن ته مجموعي طور تي 23 هزار 400 کان وڌيڪ نوڪرين جا موقعا آءِ ورڪ فار سنڌ تي پوسٽ ڪيا ويا آهن

بقايا 8 روزاني عبرت

مجموعي معاشي صورتحال، صحافين واجبات شامل آهن ادارا ۽ پرارٽنشل ميڊيا ڊپارٽمينٽ جي ٻين مسئلن جو جائزو ورتو اجلاس ۾ تعلقي تعلقات عام پنجاب جي تفصيلي (جي پي آر) جي ڊائريڪٽر جنرل فريد احمد شيخ خصوصي ڪميٽي ۽ پنهنجي اداري جي ڪارڪردگي، سڌارن ۽ ميڊيا کي جاري ڪيو تعاون جي تعاون سان ترقيءَ کي تفصيلي بريفنگ چيو اجلاس ۾ پنجاب جي صوبائي وزير اطلاعات پنجاب عظميٰ بخاري ۽ ڊي جي پي آر پنجاب جي ٽيم جي مجموعي ڪارڪردگي، ميڊيا جي مثبت تعاون ۽ مختلف معاملن کي مثبت ڏيڻ واري انداز ۾ حل ڪرڻ جي ڪوششن ۽ تحسين جو اظهار ڪيو جنرل جنرل پي آءِ ڊي لاهور شفقت عباس خصوصي ڪميٽي هن موقعي جي پرائڻ پارٽين کي گذريل ڇنڊڇاڻ دوران اخبارن جي واجبات جي ادائگي، عوام جي شفافيت ۽ ميڊيا جي معاملن کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ عملي قدمن جي تفصيلي تفصيلي طور تي فڪر ڪيو ويو. راءِ شماري ۾ چيو ويو آهي ته گذريل ڪن مهينن دوران پرنٽ ميڊيا جي عوامي مسئلن ۾ نمايان گهٽتائي واقع ٿي آهي، جنهن سان لاڳاپيل اخبارن بالخصوص مقامي اخبارن مالي مشڪلاتن جو شڪار ٿي ويا آهن ڪميٽيءَ جو مطالبو آهي ته مثبت اثر رسوخ واري مهم ۾ پرنٽ ميڊيا کي مناسب ۽ منصفاڻ تنقيدي حصو ڏنو وڃي ته جيئن اخبارن ۾ ڪم جاري رکيو وڃي ۽ چيو ويو آهي ته بروقت ادائگي نه ٿيڻ تي اخبارن کي ملازمن جي پگهارن ۽ روزمره جي ادائيگين جي ادائيگي ۾ مشڪلاتون پيش ڪيون ويون آهن. ڪميٽيءَ چيو ته آءِ جي پي ايل جي ادائيگين هر مهيني مقرر وقت تي مقرر وقتن تي ڪميشن جي ايس پي ايل ۽ ٻين ملازمن جي واجبات جي فوري طور تي ادائگين تي پڻ زور ڀريو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ڊسمبر 2025 تائين سڀني واجبات ڪليئرڊ غور ويچار ۽ هيٺ ڏنل التوا ادائگين کي ترجيحي بنيادن تي نمٽايا استعمال ڪندڙ ادارن ۾ ان تي به ڪنهن پبلشر کي منتقل ڪيو ويو آهي ته ڪنهن به پبلشر جي منتقلي جي صورت ۾ اخبارن کي بند نه ڪيو وڃي ڪميٽيءَ تجويز ڏني ته قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ تائين رڳو ادارا روڪيءَ جا اختيار آهن. جڏهن ته علامتي طور تي ڪا به ڪارروائي جاري رهي ٿي جي آءِ پي آر ۽ اين ايس ايس جي قانوني ٽيمن جي وچ ۾ تعلقن جي وچ ۾ هڪ واضح، شفاف ۽ قابل عمل طريقي سان ترتيب ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو. گڏيل قومن جي عوام ۽ پي اين ايس جي وچ ۾ تعاون ۽ تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ته جيئن پرنٽر ميڊيا کي درپيش مسئلن جو مستقل مزاجي سان حل ڪيو وڃي ۽ آزاد، مضبوط ۽ ذميوار صحافين کي فروغ ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري آهن اناجلاس ۾ صدر اي پي اين ايس سرمد علي، ڊائريڪٽر جنرل تعلقات عام پنجاب فريد احمد شيخ، ڊي آءِ لاهور شفقت عباس، سيد منير جيلاني، محسن بلال، امتنان شاهه، عثمان شامي، سجاد بخاري، اويس رازي، محسن ممتاز سيال، همايوني طارق،همايون گلزار،امجد اقبال،عمران اطهر،نويد چوڌري،اويس خوشنود،بلال محمود،نوراللهٰ،شاهد محمود،تنويرشاهه،فاروق چوڌري،عرفان اطهرائي ڪميٽي

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪاٽي جي ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو. اجلاس ۾ سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ کي پوري صوبي جي سرڪاري ڪاليجن ۾ بايو ميٽرڪ حاضري ۽ ملازمن جي حاضري بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته پوري صوبي جي سرڪاري ڪاليجن ۾ مجموعي طور 8,976 تدريسي جڏهن ته 5,874 غير تدريسي ملازم خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. ان موقعي تي ڪاليجز واري سيڪريٽري هدايت ڪئي ته سمورن ملازمن جي بايو ميٽرڪ حاضري هر حال ۾ يقيني بڻائي وڃي ۽ نظام ۾ موجود سمورين ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي رڪاوٽون فوري طور دور ڪيون وڃن ته جيئن شفافيت، نظم ۽ ضبط ۽ جوابدهي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي. اجلاس دوران ميرپورخاص ۽ سکر ريجن جي ڊائريڪٽرن بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سندن ريجنز ۾ ڪجهه استاد مسلسل غير حاضر آهن. جنهن تي سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سمورن لاڳاپيل ملازمن کي ترت شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ انهن خلاف قانون ۽ ضابطن موجب ڪارروائي جو حڪم ڏنو. نديم ميمڻ واضح ڪيو ته غير تسلي بخش جواب ڏيندڙ يا مسلسل غير حاضر رهندڙ ملازمن خلاف سروس رولز تحت سخت ڪاٽي جي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي سيڪريٽري ڪاليجز وڌيڪ هدايت ڪئي ته سمورن آفيسرن ۽ ملازمن جيڪي ڪنهن به قسم جي موڪلن (سميت ايڪس پاڪستان ليئو) تي وڃن اهي پنهنجي منظور ٿيل موڪليون ختم ٿيندي ئي فوري طور ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ رپورٽ ڪن. ٻي صورت ۾، بغير ڪنهن معقول سبب جي انهن جي غير حاضري کي غير قانوني سمجهندي لاڳاپيل رولز تحت ڪاٽي جي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي اجلاس ۾ ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجن اسپيشل سيڪريٽري فرخ شهزاد، سمورن ريجنل ڊائريڪٽرن ۽ ڪاليجز ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي ٻين سينئر آفيسرن شرڪت ڪئي. سيڪريٽري ڪاليجز نديم ميمڻ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سرڪاري ڪاليجن ۾ وقت جي پابندي، نظم و ضبط، شفافيت ۽ جوابدهي کي هر حال ۾ يقيني بڻايو ويندو ته جيئن صوبي ۾ اعليٰ تعليم جي معيار ۽ سرڪاري تعليمي ادارن جي ڪارڪردگي ۾ وڌيڪ بهتري آڻي سگهجي.

بقايا 10 روزاني عبرت

ٿاڻي جي حد نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايل رحمانيا مسجد ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ پيءُ پنهنجي پٽ کي گولي هڻي قتل ڪري ڇڏيو. پوليس اختيارين موجب مقتول جي سڃاڻپ 30 سالن جي رفيق علي ولد صادق علي جي نالي سان ٿي آهي، جنهن کي مبينا طور گهريلو تڪرار تي نشانو بڻايو ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدار پيءُ صادق علي کي قتل جي هٿيار سميت گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

خاندان کي هڪ ڪروڙ 6 لک رپين کان وڌيڪ معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالتي فيصلي موجب، مئي 2003ع ۾ شاهراهه فيصل تي ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب نور حميد فوت ٿي ويو هو عدالت قرار ڏنو ته رڪارڊ مان ثابت ٿئي ٿو ته ٽرڪ ڊرائيور مقرر ڪيل لين جي ڀڃڪڙي ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ حادثو پيش آيو. فيصلي ۾ چيو ويو ته هي ڪيس غيرمعمولي طور ٻن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تائين التوا ۾ رهيو جنهن سبب فوتي جي وارثن کي سندن جائز معاوضي کان محروم رهڻو پيو عدالت حڪم ڏنو ته فوتي جي وارثن کي 24 لک رپيا اصل معاوضي سان گڏ سال 2003ع کان 15 سيڪڙو ساليانو مارڪ اپ پڻ ادا ڪيو وڃي. جنهن بعد مجموعي رقم هڪ ڪروڙ 6 لک رپين کان وڌيڪ بڻجي ٿي. هي دعويٰ فوتي نور حميد جي گهرواري باچا زرين داخل ڪئي هئي. سنڌ سول ڪورٽس ترميمي ايڪٽ تحت سال 2025ع ۾ هي ڪيس سنڌ هاءِ ڪورٽ مان سول ڪورٽ منتقل ڪيو ويو جتي ان جو حتمي فيصلو ٻڌايو ويو.

بقايا 12 روزاني عبرت

انتظامي حڪم به بي اثر ثابت ٿيڻ لڳا آهن. روينيو انتظاميا پاران صحت کاتي جي ملازم انور هنگورجو ۽ غلام مصطفيٰ سگراسي خلاف قلم 144 جي ڪلم ڪلا ڀڃڪڙي ۽ سرڪاري زمينن تي زبردستي پوڪائي ڪرڻ تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ کي باضابطه خط موڪليو ويو پر ٻه ڏينهن گذري وڃڻ ڪان پوءِ به پوليس بااثرن آڏو بيوس بڻيل آهي. خط ۾ مختيارڪار اسلام ڪوٽ جو موقف آهي ته ڄاڻايل ماڻهن سرڪاري حڪمن ۽ قلم 144 کي نظرانداز ڪندي سرڪاري زمين تي پوڪائي ڪئي آهي ٻئي طرف ذريعن موجب ڄاڻايل قبضاخورن گذريل ڪيترن ئي سالن کان بغير ڪنهن خوف جي سرڪاري زمينن تي قبضو ڪري پوڪائي ڪندا اچن پيا، جن خلاف ڪو به ادارو تحرڪ نٿو وٺي جڏهن ته علائقي جي قديمي پٽن ۽ سرڪاري گئوچرن تي پڻ وڏي پيماني تي ٻين بااثرن پاران قبضا ڪري پوڪائي ڪرڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. جنهن سبب مقامي مالوند ماڻهو پريشانيءَ جو شڪار آهن اسلام ڪوٽ جي شهرين اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته صرف ڪاغذي خطن تائين محدود رهڻ بدران عملي طور سرڪاري زمينون خالي ڪرايون وڃن ۽ بغير ڪنهن تفريق جي بااثر قبضا خورن توڙي سندن پشت پناهي ڪندڙن خلاف سخت ترين قانوني ڪارروائي ڪري علائقي ۾ قانون جي بالادستي قائم ڪئي وڃي.

بقايا 13 روزاني عبرت

اسٽيبلشمينٽ لاڙڪاڻو جي ريجنل ڊائريڪٽر کي هدايت ڪئي آهي ته 6 هفتن اندر جاچ مڪمل ڪري رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي ان سلسلي ۾ مليل جاچ موجب لاڙڪاڻي جي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ جي خاص عدالت اڳيان تعلقي ناظم قربان علي عباسي طرفان داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سميت ٻين خلاف ملڪيت جي سرڪاري رڪارڊ ۾ مبينا ڦيرڦار ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال بابت الزامن تي شروعاتي جاچ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي عدالت اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ لاڙڪاڻو جي ريجنل ڊائريڪٽر کي هدايت ڪئي آهي ته هو 6 هفتن اندر جاچ مڪمل ڪري پنهنجي رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪري. درخواستگذار قربان علي عباسي موقف اختيار ڪيو آهي ته نثار کهڙو جي هدايت تي ايڊيشنل ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر مختيارڪار ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن مبينا طور ملڪيت جي سرڪاري رڪارڊ ۾ ڦيرڦار ڪري غيرقانوني قدم کنيا. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران رڪارڊ ۾ مبينا ڦيرڦار روڪڻ بابت جاري ڪيل حڪمن تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ۽ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ مبينا طور رڪارڊ ۾ ڦيرڦار ڪندڙ ذميوار ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري عدالت پنهنجي حڪم ۾ قرار ڏنو آهي ته الزامن جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ مڪمل جاچ ضروري آهي، جنهن کان پوءِ ئي وڌيڪ قانوني ڪارروائي بابت فيصلو ڪيو ويندو

بقايا 14 روزاني عبرت

عوامي شڪايتن جي ازالي جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊز واري صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ شهرين جون شڪايتون ٻڌيون ۽ انهن جي فوري حل لاءِ لاڳاپيل کاتن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي محمد اسماعيل راهو چيو ته سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح عوامي مسئلن جو بروقت ۽ مؤثر حل آهي جڏهن ته شهرين کي فوري رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارن کي متحرڪ ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلينٽ سيل عوام ۽ حڪومت جي وچ ۾ مؤثر رابطي جو ذريعو بڻجي چڪو آهي، جتي هر شڪايت تي ترت ڪارروائي ۽ مؤثر فالو اپ کي يقيني بڻايو پيو وڃي. صوبائي وزير چيو ته وڏي وزير سنڌ جي هدايتن تي عوامي نمائندا روزاني بنياد تي شهرين جون شڪايتون ٻڌي رهيا آهن جيئن سندن مسئلا جلد کان جلد حل ڪري سگهجن هن چيو ته سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلينٽ سيل عوامي خدمت ۽ بهتر حڪمراني جو عملي مثال آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوام دوست پاليسين تحت شهرين جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا پيا وڃن. محمد اسماعيل راهو شهرين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجون شڪايتون ٽول فري نمبر 91915-0800 تي درج ڪرائي سگهن ٿا، جڏهن ته سي ايم هائوس پبلڪ ڪمپلينٽ سيل جا فون نمبر 99202047-021، -021 99207349 ۽ 99207568-021 پڻ عوامي شڪايتن جي اندراج لاءِ فعال آهن

بقايا 15 روزاني عبرت

مستقبل لاءِ لازمي آهن سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته چونڊون آزاد، شفاف ۽ خودمختيار هجڻ ملڪ ۽ عوام جي مفاد ۾ ضروري آهن جڏهن ته ريگيوليٽري ادارن کي به مڪمل خودمختياري سان ڪم ڪرڻ گهرجي. هن اهي ڳالهيون جمعي ڏينهن آل پاڪستان فرنيچر ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد ٿيل ٽن ڏينهن واري "پهرين پاڪستان فرنيچر ٽريڊ شو 2026" جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيون. ان موقعي تي پي ايف اي جي سينيئر وائيس چيئرمين راڻا وحيد، سيد طارق شاهه ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. صوبائي وزير نمائش ۾ لڳايل فرنيچر جي اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ مختلف شين ۾ گهري دلچسپي ظاهر ڪئي. ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ اڳ به فرنيچر جون نمائشون ٿينديون رهيون آهن، پر هن پيري نمائش سڌو سنئون فرنيچر ٺاهيندڙن پاران منعقد ڪئي وئي آهي. هن چيو ته نمائش ۾ اعليٰ معيار جو خوبصورت فرنيچر رعايتي اگهن تي موجود آهي، جنهن سان ڪراچي جا شهري مناسب قيمت تي معياري فرنيچر خريد ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته پاڪستان ۾ فرنيچر جي صنعت تمام وسيع آهي ۽ ملڪ مان فرنيچر پرڏيهه به برآمد ڪيو وڃي ٿو. حڪومت کي هن صنعت جي سرپرستي ڪرڻ گهرجي ۽ نوجوانن کي هن شعبي ڏانهن راغب ڪرڻ گهرجي ته جيئن هو روزگار جا نوان موقعا حاصل ڪري پنهنجو مستقبل بهتر بڻائي سگهن. آزاد ڪشمير جي چونڊن بابت هڪ سوال جي جواب ۾ سعيد غني چيو ته ٽئين مرحلي جي چونڊن دوران ڪجهه ضلعن ۾ چونڊون منسوخ ڪيون ويون. جڏهن ته مرحليوار چونڊن ۽ انهن جي نتيجن بابت ڪيترائي سوال اڀريا آهن. هن چيو ته دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مرحليوار چونڊون ٿينديون آهن، پر نتيجا سڀني مرحلا مڪمل ٿيڻ کان پوءِ جاري ڪيا ويندا آهن. جيئن هڪ مرحلي جا نتيجا ٻئي مرحلي تي اثرانداز نه ٿين هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سعيد غني چيو ته ريگيوليٽري ادارن کي آزاد ۽ خودمختيار هجڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن مڪمل خودمختياري سان پنهنجون ذميواريون نڀائي رهي آهي ته اها هڪ سٺي ڳالهه آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد جي ڪتاب "سيڪيورٽي ٽريننگ هينڊ بڪ (جلد اول)" جي پروقار مهورتي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ايس ايس يو پاران تيار ڪيل هن جامع تربيتي هينڊ بڪ جي باضابطه رونمائي جي سلسلي ۾ ٿي هي ڪتاب پوليس جي ٽيڪٽيڪل فارمشن، ايمرجنسي رسپانڊرز، سائبر سيڪيورٽي ماهرن ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ سيڪيورٽي ادارن جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشاوراڻي تربيت، آپريشنل صلاحيتن ۽ جديد سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي قابليت کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. تقريب ۾ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، اڳوڻو انسپيڪٽر جنرل آف پوليس، پاڪ فضائيه ۽ پاڪ بحريه جا سينيئر آفيسر، مختلف ملڪن جا قونصل جنرل، تعليمي ماهر، پروفيسر پوليس جا اعليٰ آفيسر ۽ سماج جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ممتاز شخصيتون پڻ موجود هيون. تقريب دوران اڳوڻن انسپيڪٽر جنرل آف پوليس عامر ذوالفقار، سيد ڪليم امام ۽ غلام نبي ميمڻ، روس جي قونصل جنرل آندري فيدوروف، ڊي آءِ جي ٽريننگ فيض الله ڪوريجو، سيد طارق مصطفيٰ، ماريه سلطان ۽ پروفيسر ڊاڪٽر حم بقائي هينڊ بڪ تي پنهنجا ويچار پيش ڪيا. مقررن متفق طور هن تصنيف کي جديد پوليسنگ لاءِ هڪ تاريخي ڪارنامو ۽ اهم سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته هي هينڊ بڪ پاڪستان جي پوليس تربيتي ادارن ۽ سيڪيورٽي اڪيڊمين لاءِ هڪ قابل اعتماد ۽ مؤثر حوالا جاتي دستاويز ثابت ٿيندي. پنهنجي خطاب ۾ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته جديد پوليسنگ وقت جي اهم ضرورت آهي ۽ هي ڪتاب سنڌ پوليس جي پيشاوراڻه صلاحيتن ۾ واڌ آڻڻ لاءِ هڪ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو هن ڊي آءِ جي ڊاڪٽر مقصود احمد جي علمي ۽ پيشاوراڻه ڪوشش کي ساراهيندي کين ۽ هينڊ بڪ جي تياري ۾ شامل سموري ٽيم کي مبارڪباد ڏني هن چيو ته جديد ٽيڪنالاجي سان ليس پوليسنگ، اسمارٽ سرويلنس سسٽم عالمي معيار جا تربيتي ادارا ۽ اعليٰ صلاحيتن وارا انسٽرڪٽر موجوده دور جي سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ لازمي آهن هن وڌيڪ چيو ته هي هينڊ بڪ ملڪ جي پوليس تربيتي ادارن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ انتهائي فائديمند ثابت ٿيندي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، ڊي آءِ جي سيڪيورٽي ۽ سندن ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيندي پوليس فورس ۾ مصنوعي ذهانت (AI) تي ٻڌل تدريسي نظام متعارف ڪرائڻ کي ساراهه جوڳو قدم قرار ڏنو هن چيو ته پيشاوراڻه تربيت ۽ مصنوعي ذهانت جو استعمال علم جي مؤثر منتقلي آپريشنل صلاحيتن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مجموعي ڪارڪردگي ۾ نمايان واڌارو آڻيندو ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڊاڪٽر مقصود احمد پنهنجي خطاب ۾ چيو ته هن هينڊ بڪ جي اشاعت سندس پيشاوراڻه زندگي جي سڀ کان وڏي ڪاميابين مان هڪ آهي هن چيو ته پي ايڇ ڊي دوران حاصل ڪيل علمي تحقيق ڪيس عملي پوليسنگ جي تجربن کي هڪ جامع تربيتي هينڊ بڪ جي صورت ۾ مرتب ڪرڻ لاءِ همٿايو جيئن ايندڙ نسلن جا قانون لاڳو ڪندڙ آفيسر ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن هن ٻڌايو ته جلد اول دهشتگردي، سائبر خطرن هنگامي حالتن ۽ جديد سيڪيورٽي چئلينجن جي تبديل ٿيندڙ نوعيت کي نظر ۾ رکي تيار ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته روايتي پوليس تربيت هاڻي انهن پيچيده چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي ناهي رهي هن سمورن مهمانن، سهڪار ڪندڙن، مبصرن ۽ شرڪت ڪندڙن جي تعاون ۽ همت افزائي تي ٿورا پڻ مڃيا هن هينڊ بڪ ۾ ٽيڪٽيڪل ريڊيو ڪميونيڪيشن، ٽيڪٽيڪل موٽر ڊرائيونگ، مختلف هٿيارن جي نظامن جو استعمال آءِ اي ڊي سان منهن ڏيڻ جون حڪمت عمليون نان ليٿل هٿيار سيڪيورٽي جا مختلف حلقا (رنگز آف سيڪيورٽي)، اهم تنصيبات جو تحفظ، ايمرجنسي رسپانس، ڊزاسٽر مينيجمينٽ، پروٽيڪٽر سيڪيورٽي ڊيٽيل (PSD)، موٽرڪيڊ آپريشن وي وي آءِ پي باڊي گارڊ پروٽوڪول، دهشتگردي جي خاتمي بابت آپريشن سائبر سيڪيورٽي ڊجيٽل انتهاپسندي ۽ مستقبل جي سيڪيورٽي ٽيڪنالاجين سميت ڪيترن ئي اهم موضوعن کي شامل ڪيو ويو آهي ان ۾ عملي ميداني تجربا، معياري آپريشنل طريقا (SOPs)، مقامي ڪيس اسٽڊيز ۽ عالمي سطح تي تسليم ٿيل سيڪيورٽي اصولن کي پاڪستان جي آپريشنل ماحول سان هم آهنگ ڪري پيش ڪيو ويو آهي هن تصنيف جي تياري سينيئر پوليس آفيسرن، فوجي ماهرن، بيوروڪريٽن، تجربيڪار انسٽرڪٽرن ۽ سيڪيورٽي ماهرن جي گڏيل سهڪار ۽ وسيع تحقيق سان ممڪن ٿي هي هينڊ بڪ پاڪستان جي پوليس تربيتي ادارن ۽ خصوصي سيڪيورٽي اڪيڊمين کي اداري جائزي، پيشاوراڻه رهنمائي ۽ باقاعده تدريسي استعمال لاءِ فراهم ڪئي ويندي، جيئن ملڪ ۾ پوليسنگ ۽ سيڪيورٽي تربيت کي جديد بنيادن تي هم آهنگ ۽ معياري بڻائي سگهجي تقريب دوران ڪمانڊنٽ ايس ايس يو عامر خان نيازي، ايس ايس يو اي لرننگ اڪيڊمي جو تفصيلي تعارف ۽ عملي ڊيمانسٽريشن پيش ڪيو هن ٻڌايو ته سيڪيورٽي ٽريننگ هينڊ بڪ سان لاڳاپيل هي جديد ڊجيٽل پليٽ فارم مصنوعي ذهانت (AI) جي مدد سان پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تربيتي مواد، آپريشنل رهنمائي ۽ پيشاوراڻه سوالن جا فوري جواب فراهم ڪري ٿو هن اڪيڊمي جي AI تي ٻڌل مرد ۽ عورت ڊجيٽل انسٽرڪٽرن جو پڻ تعارف ڪرايو جيڪي پوليس جي پيشاوراڻه تربيت ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي مؤثر استعمال جي عڪاسي ڪن ٿا تقريب جي پڄاڻي تي ڪتاب جي مصنف ڊي آءِ جي ڊاڪٽر مقصود احمد معزز مهمانن ۾ "سيڪيورٽي ٽريننگ هينڊ بڪ (جلد اول)" جون پنهنجي صحيح ٿيل ڪاپيون يادگار طور ورهايون ان موقعي تي ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته هي هينڊ بڪ پاڪستان جي پوليس آفيسرن، سيڪيورٽي ماهرن ۽ تربيتي ادارن لاءِ هڪ مستند، مؤثر ۽ قابل اعتماد پيشاوراڻه حوالا جاتي ڪتاب ثابت ٿيندي

بقايا 17 روزاني عبرت

چيو آهي ته مراد علي شاهه، ڪراچي جي ٽرئفڪ جام بابت حقيقتن کي رد ڪري رهيو آهي حليم عادل شيخ چيو ته 24 جولاءِ واري احتجاج لاءِ ڪراچي پريس ڪلب تي باقاعده اجازت جي درخواست ڏني وئي هئي پر ضلعي انتظاميه اجازت نه ڏني پريس ڪلب کي چئني پاسن کان ڪنٽينر لڳائي بند ڪري ڇڏيو هن چيو ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پريس ڪلبن ٻاهران احتجاج جي اجازت ڏني ويندي آهي، رستا بند ناهن ڪيا ويندا. جڏهن پريس ڪلب ڏانهن ويندڙ سڀئي رستا بند ڪيا ويا ته ڪارڪنن وٽ متبادل هنڌ تي گڏ ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو نه رهيو ته حليم عادل شيخ چيو ته شهر ۾ پيدا ٿيل صورتحال جي ذميوار سنڌ حڪومت ۽ ان جي ناقص حڪمت عملي آهي پوليس پرامن ڪارڪنن تي شيلنگ، لاٺي چارج ۽ گرفتارين جو سلسلو جاري رکيو هن الزام هنيو ته حڪومت پاڻ رڪاوٽون بيهاري شهر ۾ بيچيني پيدا ڪئي ۽ پوءِ الزام پي ٽي آءِ تي مڙهيو ويو جيڪڏهن احتجاج پريس ڪلب تي ٿيڻ ڏنو وڃي ها ته ٽرئفڪ جي اها صورتحال پيدا نه ٿئي ها. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر وڌيڪ چيو ته حڪومت جي قدمن سبب اهو معاملو بين الاقوامي ميڊيا تائين پهتو وڏي وزير سنڌ جو بيان حقيقتن جي ابتڙ آهي ۽ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته ڪراچي جي صورتحال جي ذميواري پي ٽي آءِ تي وجهڻ بدران حڪومت پنهنجي ناڪامي تسليم ڪري رڪارڊ درست ڪيو وڃي. احتجاج روڪڻ لاءِ ڪنٽينر حڪومت پاڻ لڳايا هئا. حليم عادل شيخ چيو ته پي ٽي آءِ جو پرامن احتجاج ڪراچي پريس ڪلب تي هو پر پريس ڪلب جي چوڌاري ڪنٽينر لڳائي سڄو علائقو جام ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته قوم جو عظيم اڳواڻ عمران خان ٽن سالن کان ناحق قيد ۾ آهي ۽ ان خلاف احتجاج ڪرڻ اسان جو آئيني حق آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

۾ گٽي جي لهر پڪڙجي وئي پوليس موجب جبل تان ڪرڻ سبب 15 ورهين جو ڇوڪرو سخت زخمي ٿي پيو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي گڏاپ سٽي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب فوت ٿيل ڇوڪري جي سڃاڻپ ذيشان ولد واحد بخش طور ٿي آهي. گڏاپ سٽي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پوليس ان ڳالهه جو تعين ڪري رهي آهي ته ڇوڪرو جبل تان حادثاتي طور ڪري فوت ٿيو يا واقعي جي پويان ڪا ٻي وجهه ڪارفرما آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ حقيقتون جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سامهون اينديون

بقايا 19 روزاني عبرت

آزاديءَ جي جشن جي سلسلي ۾ جمعي 7 آگسٽ 2026 تي "صاف سامونڊي ڪنارو سرسبز پاڪستان" جي عنوان هيٺ سي ويو تي سمنڊ جي ڪناري جي صفائي جي مهم جو انتظام ڪيو ان سرگرميءَ ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ ميٿميٽيڪل سائنسز شعبي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر منصور احمد کهڙو، فيڪلٽي ميمبرن ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي اها سرگرمي سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي پاران پهرين آگسٽ کان 14 آگسٽ تائين پاڪستان جي آزادي جي سلسلي ۾ منعقد ٿيندڙ تقريبن جو هڪ حصو هئي ان کان علاوه ان سرگرمي جو مقصد ماحولياتي بهتري ۽ هڪ پائيدار ماحول جي قيام ۾ حصو وٺڻ ۽ عوام ۾ ماحوليات بابت شعور پيدا ڪرڻ هو ان موقعي تي ڳالهائيندي، فيڪلٽي ميمبرن ۽ شاگردن چيو ته ماحولياتي تباهي هڪ سنگين عالمي مسئلو بڻجي چڪي آهي. جيڪا هر جاندار کي متاثر ڪري رهي آهي. اسان جا درياهه، سمنڊ، ڍنڍون، ڪئنال، واهه ۽ ٻيون آبي گذرگاهون تيزيءَ سان بيڪار مادن ۽ گندگيءَ سان ڀرجي رهيا آهن انهن کي صاف رکڻ نه رڳو اسان جي ملڪ ۽ ان جي عوام لاءِ فائديمند آهي پر اهو عالمي ماحولياتي بهتريءَ لاءِ پڻ ضروري آهي. ڊاڪٽر منصور احمد کهڙو چيو ته پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏهاڙي جي مناسبت سان سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي سماجي شموليت واري مهم جي حصي طور انفارميشن ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي جي شاگردن پاران "سي ويو" جي ڪناري جي صفائي لاءِ ڪيل گڏيل ڪوشش هڪ صاف ۽ سرسبز وطن لاءِ پنهنجي عزم جي تجديد آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان ماحولياتي بهتريءَ ۾ حصو وٺي پاڪستان جي آزاديءَ جا 79 سال ملهائي رهيا آهيون هن سڀني تي زور ڀريو ته اهي ماحولياتي بهتريءَ وارين ڪوششن جو حصو بڻجن هن وڌيڪ چيو ته اسان کي پنهنجي ملڪ لاءِ عملي طور عزم ۽ عمل جو اظهار ڪرڻ گهرجي، جنهن اسان کي آزادي ۽ محفوظ مستقبل بخشيو آهي.

بقايا 20 روزاني عبرت

حڪومت پاڪستان جو پهريون سرڪاري سطح جو ڪاربن ڪريڊٽ منصوبو ڪاميابي سان لاڳو ڪري نه رڳو ماحول دوست قدمن کي عالمي سطح تي تسليم ٿيل ماڊل ۾ تبديل ڪيو آهي پر مئنگروز جي بحالي واري منصوبي ذريعي ملڪ لاءِ قيمتي پرڏيهي ناڻي حاصل ڪرڻ جي راهه پڻ هموار ڪئي آهي هن چيو ته موسمياتي تبديلي جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت ماحول جي تحفظ، وڻڪاري، شهري سرسبزڪاري ۽ ڪلائميٽ ريزيلينس کي هٿي ڏيڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي هن اها ڳالهه نيشنل فورم فار انوائرنمينٽ اينڊ هيلٿ (NFEH) جي اهتمام هيٺ منعقد ٿيل 23هين ساليانو ماحولياتي ڪانفرنس ۽ ايوارڊز 2026 کي خطاب ڪندي چئي جنهن جو موضوع هو: "پاڪستان جي رهڻ لائق مستقبل جي بحالي: گڏيل ذميواري ذريعي ماحولياتي نقصانن جو ازالو". ناصر حسين شاهه چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت موسمياتي تبديلي جي خطرن کي وقت سر محسوس ڪندي اهڙا قدم کنيا آهن جن جي نتيجي ۾ ماحولياتي تحفظ کي پائيدار معاشي موقعن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي هن ٻڌايو ته سنڌو درياءَ جي ڊيلٽا ۾ مئنگروز جي عالمي سطح تي مڃيل وڻڪاري مهم پاڪستان جي پهرين سرڪاري ڪاربن ڪريڊٽ منصوبي جو بنياد بڻجي جنهن مان هر سال نمايان پرڏيهي ناڻو حاصل ٿي رهيو آهي ۽ ان آمدني جو وڏو حصو مئنگروز جي ڪامياب بحالي سبب سنڌ کي ملي رهيو آهي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ماحولياتي حڪمراني جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ ماحولياتي ادارن کي جديد بنيادن تي استوار ڪري رهي آهي ۽ کين بين الاقوامي معيار موجب هم آهنگ بڻايو پيو وڃي هن ٻڌايو ته سنڌ ماحولياتي تحفظ ايڪٽ (SEPA Act) ۾ ترميمون ڪيون پيون وڃن ته جيئن ان کي وڌيڪ مؤثر، شفاف ۽ موجوده موسمياتي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي قابل بڻائي سگهجي. جڏهن ته صوبي جي ماحولياتي ريگيوليٽري نظام کي پڻ عالمي معيار سان هم آهنگ ڪيو پيو وڃي هن چيو ته ماحوليات کاتي هيٺ ڊائريڪٽوريٽ آف ڪاربن ڪريڊٽس قائم ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪلائميٽ فنانس جي موقعن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهجي ۽ صوبي ۾ ڪاربن مارڪيٽ جي ترقي کي هٿي ملي هن وڌيڪ ٻڌايو ته هينئر تائين 13 ڪاربن ڪريڊٽ منصوبن جي منظوري ڏني وئي آهي، جيڪي مختلف مرحلن ۾ مڪمل ٿي رهيا آهن انهن منصوبن ۾ مئنگروز جي بحالي، دريائي ٻيلن جي بحالي، بايو گيس جي پيداوار، ايگرو فاريسٽري ۽ لينڊ فل مان ميٿين گيس جي اخراج تي ضابطو آڻڻ جهڙا اهم قدم شامل آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي سميت مختلف شهرن ۾ اربن فاريسٽري منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي جڏهن ته واهن جي ڪنارن ۽ ٻين مناسب هنڌن تي وڏي پيماني تي وڻڪاري مهم پڻ جاري آهي هن ٻڌايو ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ (ADB) جي سهڪار سان ضلعي ٺٽي جي سامونڊي علائقن کي ٻوڏ کان محفوظ بڻائڻ ۽ موسمياتي مزاحمت وڌائڻ لاءِ چار ساڪرو آئوٽ فال ڊرين منصوبو پڻ تڪميل جي مرحلي ۾ آهي وزير مڪاني ادارا، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت جديد ٽيڪنالاجي ذريعي ماحولياتي نگراني جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهي آهي هن ٻڌايو ته ڪراچي ۾ ٻه مڪمل خودڪار ايئر ڪوالٽي مانيٽرنگ اسٽيشنز لڳايا ويا آهن جيڪي فضائي معيار جي 8 کان 9 اهم ماحولياتي اشاري (پيرا ميٽرز) جي بنياد تي ايئر ڪوالٽي انڊيڪس (AQI) بابت حقيقي وقت (ريئل ٽائيم) جي معلومات فراهم ڪري رهيا آهن جڏهن ته سڄي سنڌ ۾ وڌيڪ 17 مڪمل خودڪار ايئر ڪوالٽي اينالائيزرز لڳائڻ جي به رٿابندي ڪئي پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (SEPA) پنهنجي ماحولياتي مانيٽرنگ ۽ نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ (NOC) جي نظام کي پڻ مڪمل طور خودڪار بڻائي ڇڏيو آهي جنهن سان شفافيت ۾ اضافو ٿيندو صنعتن ۽ جاچ ڪندڙ آفيسرن پاران غلط رپورٽنگ جا امڪان ختم ٿيندا ۽ ماحولياتي ضابطن تي عملدرآمد وڌيڪ مؤثر ۽ جوابده بڻجندو ناصر حسين شاهه اڳوڻي صوبائي وزير توانائي جي حيثيت سان پنهنجي دور جو حوالو ڏيندي چيو ته نون اڏجن عمارتن ۾ توانائي بچائيندڙ ڊيزائن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پڻ قدم کنيا ويا ته جيئن بجلي جي استعمال ۽ ڪاربن جي اخراج ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي.

بقايا 21 روزاني عبرت

ڪري ڇڏي آهي. جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب بجلي جي اگهه ۾ واڌ جون مهيني جي ماهوار ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي. نوان اگهه ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو هوندا. نيپرا موجب، بجلي جا نوان اگهه هلندڙ مهيني آگسٽ جي بجلي جي بلن ۾ لاڳو ڪيا ويندا. رپورٽن موجب، سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) جون مهيني جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي هڪ رپيو 20 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي. ان کان اڳ مئي مهيني جي ايڊجسٽمينٽ تحت ملڪ ۾ بجلي 34 پئسا في يونٽ مهانگي ڪئي وئي هئي.

بقايا 22 روزاني عبرت

نون صوبن بابت نقشو پيش ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو سينيٽ جي بين الصوبائي رابطن واري اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ سينيٽر ايميل ولي خان چيو ته محسن نقوي نون صوبن جي تجويز ڏني آهي. جڏهن ته صوبن وارو معاملو 28هين آئيني ترميم ۽ قومي ماليات ايوارڊ (اين ايف سي) سان سڌيءَ ريت واڳيل آهي ايميل ولي خان چيو ته گهرو وزير کان پڇيو وڃي ته نون صوبن بابت تجويز سندس ذاتي راءِ آهي يا حڪومت جو موقف آهي. هن چيو ته "اسان بحث بند ڪرڻ نٿا چاهيون پر رڳو نقشو اختيارن جي ورهاست جو متبادل نٿو بڻجي سگهي". اي اين پي اڳواڻ مطالبو ڪيو ته سندس ڳالهيون اجلاس جي منٽس ۾ شامل ڪيون وڃن ۽ محسن نقوي ڪميٽي آڏو واضح ڪري ته نوان صوبا ڪيئن ٺهندا ۽ انهن جو نقشو ڪهڙو هوندو

بقايا 23 روزاني عبرت

آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز جي ڀرپور ساراهه ڪئي آهي. گهرو وزير ورسڪ ۽ ڊير جي علائقن ۾ 10 خوارجين کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻين صلاحيتن جي ساراهه ڪندي کين خراج تحسين پيش ڪيو. پنهنجي بيان ۾ محسن نقوي جو چوڻ هو ته سيڪيورٽي فورسز خيبر پختونخوا ۾ امن جي قيام لاءِ مڪمل طور پرعزم آهي. هن خوارجين خلاف جنگ ۾ وڙهندڙ قوم جي بهادر سپوتن کي سلام پيش ڪندي چيو ته سڄي قوم دهشتگردي خلاف ان جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي.

بقايا 24 روزاني عبرت

پيپلز پارٽي ساٿ ڏيندي ۽ جيڪڏهن نوان صوبا ٺاهڻ عوام جو فيصلو ناهي ته پيپلز پارٽي ساٿ نه ڏيندي بلاول ڀٽو چيو ته اسلام آباد ۾ حڪومت خطري ۾ آهي ۽ ابتي ڳٽيا شروع ٿي وئي آهي. اها ابتي ڳٽيا پيپلز پارٽي نه پر سندن پنهنجن ماڻهن شروع ڪئي آهي هن چيو ته مسلم ليگ (ن) جي ويڙهه پيپلز پارٽي سان ناهي، اصل ويڙهه ڪجهه ٻي آهي وزيراعظم جي چوڌاري ماڻهن جون نيتون صاف ناهن نون ليگ جو هڪ خاص حصو وزيراعظم کي رڳو اپوزيشن سان نه پر اتحادين سان به ويڙهائڻ چاهي ٿو هن چيو ته اصل ويڙهه اسلام آباد ۽ لاهور جي وچ ۾ آهي جيڪو سندن خاندان جو پنهنجو مسئلو آهي بلاول ڀٽو چيو ته پ پ جي اميدوار ۽ آزاد ڪشمير جي صدر تي حملا ڪو اتحادي نٿو ڪري. ڌانڌلي ۽ رٽ سان ڀريل چونڊون اسان کي قبول ناهن هن چيو ته مسلم ليگ (ن) جي پڻ آهي ته مظفرآباد ۾ حڪومت ناهي وٺندي، اهي نه ٽروٿ ڪميشن ٺاهڻ لاءِ تيار آهن ۽ نه شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن نظام ناڪام ٿي چڪو آهي ته ان جو وڏو مثال آزاد ڪشمير آهي پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته ڪشمير جي تاريخ ۾ ايترو ڏکيو وقت ڪڏهن ناهي آيو جيترو اڄ آهي ڪڏهن ناهي ڏٺو ته 50، 50 ڏينهن تائين انٽرنيٽ ۽ رستا بند هجن ڏکيو وقت انهن ماڻهن لاءِ آهي، جيڪي ڪاروبار ڪرڻ ۽ معمول جي زندگي بحال ڪرڻ چاهين ٿا. بلاول ڀٽو چيو ته سمورن مسئلن جو حل ڳالهين ذريعي ڪيو سگهجي ٿو آزاد ڪشمير اسيمبلي به سچائي ۽ مفاهمتي ڪميشن جي قيام جو ٺهراءُ منظور ڪيو آهي ڪميشن جي قيام تائين احتجاج ڪندڙ احتجاج ۽ ڪارروائي ڪندڙ ڪارروايون بند ڪن هن چيو ته "نون کي ان اپوزيشن ڪرڻ جو شوق آهي، جيڪڏهن مان اپوزيشن ۾ هجان ها ته کين خبر پئجي وڃي ها." بلاول ڀٽو چيو ته ڪشمير هڪ آهي ته چونڊون به هڪ ئي ڏينهن ٿيڻ گهرجن ها، تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪشمير ۾ 6 مرحلن ۾ چونڊون ناهن ٿيون

بقايا 25 روزاني عبرت

عبدالعزيز آل سعود ۽ ترڪ صدر رجب طيب اردوان قصر الصفا ۾ جمعي نماز ادا ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪانسواءِ اعليٰ سعودي ۽ ترڪ عملدار پڻ ان موقعي تي موجود هئا.

بقايا 26 روزاني عبرت

ايجوڪيشن کاتي اسڪولن جي وقتن بابت نئون سرڪيولر جاري ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن کاتي صوبي جي سرڪاري اسڪولن جي وقتن بابت نئون سرڪيولر جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن تي 6 آگسٽ 2026ع کان فوري طور عملدرآمد شروع ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن سرڪيولر موجب صوبي جي سمورن سرڪاري اسڪولن کي نئين شيڊول تي سختي سان عمل ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو آهي. جڏهن ته سنگل ۽ ڊبل شفٽ اسڪولن سميت پرائمري، ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن لاءِ الڳ الڳ وقت مقرر ڪيا ويا آهن.سنگل شفٽ پرائمري اسڪول 6 آگسٽ کان 31 آڪٽوبر تائين سومر کان خميس تائين سنگل شفٽ پرائمري اسڪول صبح 8:00 وڳي کان منجهند 2:30 وڳي تائين کليل رهندا. جمعي جي ڏينهن سنگل شفٽ پرائمري اسڪول صبح 8:00 وڳي کان منجهند 1:00 وڳي تائين کليل رهندا. پهرين نومبر کان 31 مارچ تائين سنگل شفٽ پرائمري اسڪول صبح 8:30 وڳي کان منجهند 3:00 وڳي تائين هلندا. ڊبل شفٽ اسڪول ڊبل شفٽ پرائمري اسڪولن جي پهرين ۽ ٻي شفٽ جا وقت پڻ نئين سر مقرر ڪيا ويا آهن ڊبل شفٽ ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي پهرين شفٽ 6 آگسٽ کان 31 آڪٽوبر تائين صبح 7:30 وڳي کان منجهند 1:30 وڳي تائين هلندي. پهرين نومبر کان 31 مارچ تائين ڊبل شفٽ ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن جي پهرين شفٽ جو وقت صبح 8:00 وڳي کان منجهند 1:45 وڳي تائين مقرر ڪيو ويو آهي. تعليم کاتي موجب ايليمينٽري، سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري سنگل شفٽ اسڪولن لاءِ پڻ نوان وقت لاڳو ڪيا ويا آهن سنڌ جي تعليم کاتي سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ سرڪاري اسڪولن جي سربراهن کي نئين شيڊول تي فوري ۽ سختيءَ سان عملدرآمد ڪرائڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن سرڪيولر موجب اسڪولن جا نوان وقت ايندڙ حڪمن تائين لاڳو رهندا.

بقايا 27 روزاني عبرت

ايڊوليسنٽ ڪيئر ون اسٽاپ سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ ارلي پريگنينسي اسيسمينٽ اينڊ ايڊوليسنٽ ڪيئر ون اسٽاپ سينٽر جو افتتاح ڪيو نئين مرڪز ۾ حمل جي شروعاتي مرحلي جي تشخيص، طبي مشوري ۽ نوعمر ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي صحت بابت جديد سهولتون فراهم ڪيون وينديون افتتاحي تقريب ۾ جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر، جناح اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سينيئر ڊاڪٽرن، فيڪلٽي ميمبرن، طبي عملي ۽ آرگنائيزنگ ڪميٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي. جناح اسپتال انتظاميا موجب ون اسٽاپ سينٽر عورتن ۽ نوعمرن کي هڪ ئي هنڌ محفوظ، جامع ۽ مربوط طبي سهولتون فراهم ڪندو. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيو ته جناح اسپتال سان سندس پراڻو تعلق آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

سازيءَ لاءِ گهربل انگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. اتي نئين دور جي شروعات ٿيندي، عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪنداسين. جڏهن به پاڪستان ۾ (ن) ليگ جي حڪومت قائم ٿي آزاد ڪشمير ۾ تعمير ۽ ترقيءَ جي دور جي شروعات ٿي، چونڊ مهم دوران ڪيل هڪ هڪ اعلان کي عملي جامو پهرائينداسين پنجاب ۽ وفاق جي طرز تي هتي به تعمير ۽ ترقيءَ جي سونهري دور جي شروعات ڪنداسين هو گذريل ڏينهن ايل اي-17 حويلي ۾ مسلم ليگ (ن) جي اميدوار محسن عزيز جي وڏي عام جلسي کي خطاب ڪري رهيا هئا. انجنيئر امير مقام چيو ته غازين ۽ شهيدن جي ڌرتي پونڇ ۾ رهندڙن تي اسان کي فخر آهي جيڪي وطن جي دفاع لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن. سندن ذهنن مان ڪوبه پاڪستان جي محبت نٿو ڪڍي سگهي. هن چيو ته لائن آف ڪنٽرول تي رهندڙن لاءِ پڪا بنڪر ۽ روڊن سميت ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن، اهي هر وقت پارٽي فائرنگ جي نشاني تي آهن هن چيو ته نواز شريف جو ماضي ۽ عوام سان محبت ۽ مريم نواز جي ڪارڪردگيءَ کي ڏسندي آزاد ڪشمير جي عوام (ن) ليگ کي واضح مينڊيٽ ڏنو آهي ۽ آزاد ڪشمير ۾ (ن) ليگ جي حڪومت بڻجي چڪي آهي. امير مقام چيو ته اسان ڪنهن جو حق نه ڦرينداسين پر ڪنهن کي حق ڦرڻ نه ڏينداسين ان حوالي سان ڪوبه خوش فهميءَ ۾ نه رهي، حقيقي مينڊيٽ اوهان جو حق آهي اڄ جو جذبو ڏسي اسان چوڌري محسن عزيز کي مبارڪون ڏيون ٿا، هن نئين تاريخ رقم ڪئي آهي 2021ع ۾ مريم نواز شريف به هتي خطاب ڪيو هو هن چيو ته هتي جي عوام سان واعدو ڪريون ٿا ته سندن محروميءَ جو احساس ختم ڪنداسين جيڪو پيار هتان جي ماڻهن اسان کي ڏنو آهي اهو اسان جي ذهنن تي چٽيل آهي هن چيو ته هي انهن جبلن ۾ رهندڙ محب وطن ماڻهو آهن ڇاڪاڻ ته جبلن ۾ رهندڙن جي هڪ ئي زبان هوندي آهي، هو ان تي جمي ويندا آهن اوهان جو نمائندو اوهان سان ڪيل واعدا پورا ڪندو. وفاقي وزير چيو ته ايل او سي جي ٻئي پار رهندڙن کي به اهو پيغام ڏيون ٿا ته اهي اڪيلا ناهن. اسان سندن ڪيس وڙهنداسين هن پاڪ فوج جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته چيف مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻيءَ ۾ پاڻ کان 10 ڀيرا وڏي دشمن کي شڪست ڏني، 10 مئي ڪانپوءِ هڪ نئون پاڪستان وجود ۾ آيو اسان کي هن وقت پاڪ فوج سان يڪجهتيءَ جون ريليون نه وسارڻ گهرجن، تڏهن هتي جي ماڻهن ۾ شهادت جو جذبو ڏٺو هن چيو ته اليڪشن ڪانپوءِ جڏهن حڪومت سازي ٿيندي ته پوءِ محسن عزيز جهنڊي سميت هتي ايندو ته اسان به اوهان کي مبارڪون ڏيڻ اينداسين هن ان موقعي تي ڪشمير بڻجندو پاڪستان ۽ (ن) ليگ زنده باد جا اڀ ڏاريندڙ نعرا به لڳرايا. وزيراعظم جي صلاحڪار رانا ثناءالله چيو ته جڏهن ڪشميري اهو نعرو بلند ڪندا آهن ته اسان پاڪستاني آهيون، پاڪستان اسان جو آهي ته 25 ڪروڙ عوام خوشيءَ سان تسليم ڪري ٿو ته هي پاڪستان اوهان جو آهي ۽ تحريڪ آزادي جمون ڪشمير دراصل پاڪستان جي تحريڪ آهي. پاڪستان ڪشمير کان بنا نامڪمل آهي. ڪشمير پاڪستان جي شه رڳ آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڏکڻ وزيرستان ضلعي جي علائقي اعظم ورسڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي چيڪ پوسٽن تي حملي جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي سيڪيورٽي فورسز وقت سر ۽ اثرائتي ڪارروائي ذريعي ناڪام بڻائي ڇڏيو بعد ۾ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي درست ۽ اثرائتي ڪارروائي جي نتيجي ۾ 8 خوارج جهنم پيڙو ڪيا ويا. ٻي ڪارروائي ڊير ضلعي ۾ ڪئي وئي جتي سيڪيورٽي فورسز وڌيڪ ٻن خوارج کي ماري ڇڏيو مارجي ويل ڀارت جي حمايت يافته خوارج جي قبضي مان هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو. اهي عنصر علائقي ۾ ڪيترن ئي دهشتگرد ڪارروائين ۾ سرگرم رهيا هئا.

بقايا 30 روزاني عبرت

موجب دهشتگرد تنظيم هٿان بليڪ ميل ٿيل دهشتگرد ارمان بلوچ چيو آهي ته دوست سان گڏ روزگار جي ڳولا ۾ ايران ويس جتي دهشتگردن اغوا ڪري جبلن ۾ منتقل ڪري ڇڏيو جبلن ۾ ڪالعدم بلوچ لبريشن فرنٽ جي ڪمانڊر قمر بروهي سان ملاقات ڪانپوءِ دهشتگرد تنظيم ۾ شامل ٿيس. 6 مهينن تائين دهشتگرد تنظيم سان رهي ڪري عسڪري تربيت حاصل ڪئي ۽ تمپ ۽ بليده ۾ ٻن حملن ۾ شريڪ رهيس ارمان بلوچ چيو ته بعد ۾ مون کي احساس ٿيو ته اهو رستو غلط آهي ان ڪري تنظيم ڇڏي گهر واپس وڃڻ جي خواهش تي تشدد جو نشانو بڻايو ويو. آئنده ڪنهن به غير قانوني سرگرمي ۾ ملوث نه ٿيندس ۽ رياستي ادارن کان معافي جو طلبگار آهيان بلوچستان جا نوجوان دهشتگرد تنظيمن جي پروپيگنڊا ۽ ڪوڙن وعدن جي ڌوڪي ۾ نه اچن نوجوانن کي اپيل آهي ته هو پنهنجي ملڪ سان وفادار رهن ۽ هڪ ذميوار شهري جي حيثيت سان زندگي گذارين

بقايا 31 روزاني عبرت

جتي هٿياربند ڌاڙيلن ڌاڙو هڻي 65 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ايڌي اختيارين موجب ڦر ٿيل رقم سينٽر جي ملازمن جي پگهارن جي ادائيگي لاءِ رکي وئي هئي اختيارين جو چوڻ آهي ته واردات ۾ چار کان وڌيڪ هٿياربند جوابدار ملوث هئا، جن واردات دوران ايڌي جي رضاڪارن تي تشدد پڻ ڪيو ايڌي اختيارين موجب سينٽر جو عملو بئنڪ مان رقم ڪڍي نڪتو هو جنهن ڪانپوءِ مڪمل ريڪي ڪري منظم نموني واردات ڪئي وئي واقعي ڪانپوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سهراب گوٺ ۾ قائم ايڌي هوم ۾ ڦرجي واردات جو سختي سان نوٽيس وٺندي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کان واقعي جي فوري تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

ڪنهن به ملڪ خلاف ناهي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ رجب طيب اردگان چيو ته خطي ۾ امن، خوشحالي ۽ استحڪام جا خواهشمند سڀ ٻاهر ملڪ به هن معاهدي ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. ترڪ صدر جو چوڻ هو ته ترڪي تڪرارن ۽ بحرانن جي حل لاءِ عالمي قانون جي احترام، ڳالهين ۽ سفارتڪاري تي ٻڌل پنهنجي اصولي موقف تي قائم رهندو. رجب طيب اردگان موجب، معاهدو سيڪيورٽي ۽ دفاعي سهڪار کي هٿي ڏيڻ، دفاعي صنعت ۾ گڏيل منصوبن جي ترقي ۽ انتهاپسندي خلاف جدوجهد ۾ مددگار ثابت ٿيندو. واضح رهي ته سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي "مڪو گڏيل دفاعي معاهدي" تي صحيحون ڪري چڪا آهن، جنهن تحت ٽنهي ملڪن مان ڪنهن هڪ تي حملو سڀني تي حملو تصور ڪيو ويندو

بقايا 33 روزاني عبرت

علائقي سلهٽ ۾ ٻن مسافر بسن ۾ ٽڪر سبب 8 ماڻهو فوت ۽ 25 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا سلهٽ جي عثماني نگر پوليس اسٽيشن جي انچارج غلام مصطفيٰ جي حوالي سان ٻڌايو ته اهو حادثو جمعي جي صبح مقامي وقت مطابق 7 لڳي 30 منٽن تي پيش آيو زخمين کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

جي وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ معاهدو مسلم دنيا لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل آهي مڪو جوائنٽ ڊيفنس ايگريمينٽ گڏيل اعتماد ۽ ڏهاڪن تي مشتمل لازوال ڀائيچاري جي عڪاسي ڪري ٿو سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ هن چيو ته اهو تاريخي معاهدو اتحاد، اجتماعي سلامتي ۽ اسٽريٽجڪ سهڪار جو واضح پيغام آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

شهباز شريف، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، وفاقي وزير خواجه محمد آصف، عطاءُ الله تارڙ خاص مددگار طارق فاطمي ۽ پاڪستاني وفد مڪه مُڪرمه ۾ عمرو ادا ڪيو جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب عمرو ادا ڪرڻ کان اڳ پاڪستاني وفد کي ڪعبه شريف جي خاص زيارت جي سعادت حاصل ڪئي عمره جي ادائگي ڪانپوءِ وزيراعظم، فيلڊ مارشل ۽ پاڪستاني وفد ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي، مسلمان امت جي سلامتي ۽ علائقائي ۽ عالمي امن لاءِ دعا گهري

DAWOOD UNIVERSITY OF ENGINEERING AND TECHNOLOGY (DUET)
New M. A. JINNAH ROAD, KARACHI-74800 (PAKISTAN)
PHONE: 021-99231195-98, 99230307 FAX: 021-99230710

REF: NIT/INE/LAB-EQP/2026/8

NOTICE INVITING TENDERS ON EPADS

EPADS website: https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/

Under the relevant provision of SPP Rules 2010 (amended till date), bids are invited online on SPPRA EPADS Portal from relevant experienced firms in the relevant field for the following procurement:

Sr. No.	Tender Title	Fixed Amount of Bid Security (In Rs.)	Tender Fee (Non-Refundable)	Estimated Cost In Million)	Date of Issuance & of Bidding Document on EPADS	Last Date & Time for Submission of Bids on EPADS	Date & Time for Opening of Bids on EPADS
1.	PROCUREMENT OF LAB EQUIPMENT FOR INDUSTRIAL ENGINEERING & MANAGEMENT	Rs. 359,400/-	Rs. 3,000/-	7.188 Million	08-08-2026	24-08-2026 02:30 PM	24-08-2026 03:00 PM

Eligibility: Income Tax- GST, NTN and SRB registered firms (As per SPPRA Rule 46 1a (iii) is mandatory).

Method of Procurement: Single Stage One Envelope (Technical & Financial both) as per SPP Rules 2010 of Rule 46(1).

Bidding Documents can be obtained / downloaded and will be submitted on SPPRA EPADS Portal/ website EPADS: https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ as per above mentioned schedule and also available on DUET own website: www.duet.edu.pk. Bidders are advised to get the registration on EPADS portal at https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration. Bidders are required to submit a hard copy of bidding document and other required documents as per bidders eligibility criteria. The required amount of Bid Security & Tender Fee (Non-Refundable) in the appropriate form as per SPP Rules (Pay Order / Bank Guarantee / Demand Draft) in favour of Dawood University of Engineering & Technology (DUET), Karachi submission will be at Director (ICT), Convener Procurement Committee at the time of submission as specified above.

In case of any Govt. Holiday or unforeseen situation or incident, the bids shall be issued, submitted & opened on the next / working day as per schedule. Place of issuance & inquiries will be at Procurement Section. Tenders will be opened at Office of the Director, ICT / Convener Dawood University of Engineering & Technology, Karachi.

Under the following conditions Bid will be rejected:

- Conditional and telegraphic bids/tenders
- Bids not accompanied by bid security & non-refundable tender fee
- Bids received after a specified date and time
- Bid received without Signature & Stamp
- Bid submitted without required documents as per qualification criteria
- In accordance with the relevant provisions of the SPP rules 2010 (Amended till to date), if the firm is currently blacklisted (an affidavit on legal stamp paper must be attached stating that the firm is not blacklisted at present)

All other terms & conditions are mentioned in the bidding documents. The procuring agency reserves the right to reject all or any bids subject to the relevant provision of Sindh Public Procurements Rules 2010 (Amended till to date).

PID(K)419/26

Procurement Officer, DUET

URAAN PAKISTAN

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ٽه-ملڪي دفاعي معاهدو ۽ بدلجندڙ علائقائي سلامتي
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
ڦِصن ۽ ڪهاڻين تي عملي قدم کڻڻ عقلمند جو ڪم نه آهي!
صفحو 4

برآمدات ڪيئن وڌايون؟
ڪاشف اشفاق
صفحو 4

مختيار اڙو
اڄوڪو ڏينهن ـــ 08 آگسٽ
صفحو 4

سيبس يونيورسٽي ڄامشوري پاران جشن آزادي تي "فارسٽ ڪينواس" آرٽ ۽ صفائي سرگرميءَ جو اهتمام

سيبس مني فارسٽ ۾ "فارسٽ ڪينواس" جي عنوان سان هڪ منفرد آرٽ ۽ صفائي سرگرمي منعقد ڪئي وئي

يونيورسٽيون سماجي ذميواريءَ جو احساس رکندڙ شهرين جي تربيت ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون: ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو

اهڙيون سرگرميون شاگردن کي اهو پيغام ڏين ٿيون ته آزاديءَ جو ڏهاڙو رڳو لفظن ۽ تقريبن تائين محدود نه هئڻ گهرجي

ڄامشورو آزادي جي ڏينهن جي موقعي تي سيبس مني بيلي ۾ شاگرد بيلي ڪينواس آرٽ ۽ صفائي سرگرمي ۾ حصو وٺي رهيا آهن

ڄامشورو(پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس)يونيورسٽي آف آرٽ، ڊزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو پاران پاڪستان جي 80هين آزاديءَ جي ڏهاڙي جي تقريبن جي سلسلي ۾ سيبس مني فارسٽ ۾ "فارسٽ ڪينواس" جي عنوان سان هڪ منفرد آرٽ ۽ صفائي سرگرمي منعقد ڪئي وئي. تقريب جو افتتاح وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ڪيو جنهن هن منفرد قدم کي تخليقي صلاحيتن، ماحولياتي ذميواري ۽ حب الوطنيءَ جو خوبصورت سنگم قرار ڏيندي ساراهيو. ان موقعي تي شاگردن، استادن، آفيسرن ۽ ملازمن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي ۽ صاف، سرسبز ۽ فني حسن سان آراسته ڪيمپس جي واڌاري لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو. تقريب دوران مختلف دلچسپ سرگرميون منعقد ڪيون ويون، جن ۾ شرڪت ڪندڙن پاران تيار ڪيل فن پارن کي "وال آف فريڊم" تي نمائش لاءِ پيش ڪرڻ شامل هو جيڪي پاڪستان سان محبت ۽ آزاديءَ جي جذبي جي علامت بڻيا. ان کان علاوه مني فارسٽ ۾ پکين لاءِ آکيرا نصب ڪيا ويا ته جيئن حياتياتي تنوع کي هٿي ملي. وال آف فريڊم ڏانهن ويندڙ واٽ کي هموار ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن علامتي "فريڊم واڪ" ۾ حصو ورتو جڏهن ته "هگ اي ٽري" سرگرميءَ وسيلي وڻن سان محبت ۽ ماحولياتي تحفظ جي عزم جو اظهار ڪيو. تقريب جي هڪ نمايان خصوصيت اها هئي ته هر تعليمي بيچ پنهنجي منفرد فن پارو تيار ڪري وال آف فريڊم جو حصو بڻايو. انهن سڀني فن پارن جي گڏيل نمائشسيبسيونيورسٽيءَ جي تخليقي صلاحيت، يڪجهتي ۽ حب الوطنيءَ جي جذبي جي حسين عڪاسي ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته يونيورسٽيون سماجي ذميواريءَ جو احساس رکندڙ شهرين جي تربيت ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون هن چيو ته فن، ماحولياتي شعور ۽ قومي قدرن کي گڏيل طور فروغ ڏيندڙ اهڙيون سرگرميون شاگردن کي اهو پيغام ڏين ٿيون ته آزاديءَ جو ڏهاڙو رڳو لفظن ۽ تقريبن تائين محدود نه هئڻ گهرجي، پر اهڙن بامقصد عملن وسيلي پڻ ملهايو وڃي جيڪي سماج ۽ ماحول ٻنهي لاءِ فائديمند ثابت ٿين

ٺٽي واسي نوجوان شاهنواز بروهي کي ڪنيي گم ڪرڻ بعد ڪيس داخل ڪرڻ وارو مامرو

ڊسٽرڪٽ سيشن جج ٺٽو پاران معاملي جي ٻيهر غير جانبدار آفيسر کان جاچ ڪرائڻ جو حڪم جاري

ڊي آئي جي حيدرآباد کي جاچ ايس پي سطح جي آفيسر کان ڪرائڻ جي هدايت، ٺٽي ۽ سجاول جو ڪو آفيسر جاچ ۾ شامل نه ٿيندو

عدالت پاران جاچ ۾ شاهنواز بروهي جي گرفتاري ۽ رڪوري جي وڊيو سي ڊي آر ۽ غير جانبدار شاهدن جا بيان وٺڻ جو حڪم

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي جي عدالت پاران ٺٽي واسي نوجوان شاهنواز بروهي کي ڪنيي گم ڪرڻ بعد چرس جو ڪيس داخل ڪرڻ واري معاملي جي ٻيهر غير جانبدار آفيسر کان جاچ ڪرائڻ جو حڪم جاري، ٺٽي ۽ سجاول ضلعي جو ڪوبه پوليس آفيسر جاچ ٽيم ۾ شامل نه هوندو ڊي آئي جي حيدرآباد کي جاچ ايس پي سطح جي آفيسر کان ڪرائڻ جي هدايت جاچ ۾ سندس گرفتاري ۽ رڪوري جي وڊيو سي ڊي آر ۽ غير جانبدار شاهدن جا بيان وٺڻ جو حڪم هڪ مهينو اڳ جهمپير ويجهو ٺٽو پوليس پاران بروهي برادري جي نوجوان شاهنواز بروهي کي ڪنيي ٻن ڏينهن تائين گم ڪرڻ بعد مٿس چرس رکڻ جو ڪيس داخل ڪري سندس گرفتاري ظاهر ڪئي هئي ان کان اڳ سندس گرفتاري ۽ ناحق بند خلاف عدالتي حڪم تي جهمپير ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو پڻ هنيو ويو هو ڊسٽرڪٽ سيشن جج ٺٽو مشتري خانم جي عدالت ناليواري قانوندان ايڊووڪيٽ اعجاز جماڻي جا دليل ٻڌڻ بعد شاهنواز بروهي خلاف ٺٽي ٿاڻي تي چرس واري ڪيس جي نئين سر جاچ جو حڪم ڏيندي چيو عدالتي حڪم موجب ايس پي سطح تي سينيئر پوليس آفيسر کان ڪيس جي سمورن رخن کان جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي ۽ جاچ ٽيم ۾ ٺٽي سجاول ضلعن جي پوليس جو ڪوبه عملدار شامل نه هجي عدالت ڊي آئي جي حيدرآباد کي اهو به حڪم ڏنو آهي ته ڪيس جي جاچ ميرٽ جي بنياد تي ڪئي وڃي جنهن ۾ سي ڊي آر فوٽيجز توڙي سندس گرفتاري واري معاملي کان وٺي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ تائين جي سمورن رخن جي جاچ ۽ غير جانبدار ماڻهن جا بيان وٺي جاچ مڪمل ڪري حتمي رپورٽ عدالت کي پيش ڪئي وڃي. ٺٽي جي نوجوان شاهنواز بروهي جو ڪيس وڙهندڙ سينيئر قانوندان ايڊووڪيٽ اعجاز جماڻي عدالت ۾ دليل ڏيندي موقف اختيار ڪيو ته شاهنواز بروهي کي جهمپير ويجهو کلي عام ڏينهن ڏٺي پوليس ڪنيي ٻن ڏينهن تائين گم ڪيو جنهن لاءِ سيشن جج ٺٽو جي عدالتي حڪم تي سندس بازيابي لاءِ جهمپير ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو پڻ هنيو ويو پر بعد ۾ ٻن ڏينهن جي گمشدگي ڪاٺيو ڪيس چرس جي ڪوڙي ڪيس ۾ نامزد ڪري سندس گرفتاري ٺٽي ٿاڻي تي ظاهر ڪئي وئي جنهن سان سندس انساني حق نه رڳو پائمال ٿيا آهن پر پوليس پنهنجي اختيارين جو ناجائز استعمال ڪري ڪيس ڪنيي ناحق بند ۾ رکي بعد ۾ حراسان ڪرڻ بعد ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو

مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ ڪوئين ميري يونيورسٽي اندر داخلائن بابت آگاهي سيمينار

استادن ۽ شاگردن کي ٻاهرين دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اهڙن سيمينارن ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي: ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو

مهراڻ يونيورسٽي جا ڪيترائي استاد برطانيا مان ڊگريون حاصل ڪري آيل آهن. مهراڻ يونيورسٽي عالمي تعليمي ادارن سان جڙيل آهي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي دنيا جي مڃيل تعليمي اداري ۾ داخلا جي پاليسين، اسڪالرشپ ۽ ٻين معاملن بابت ڄاڻ ڏني پئي وڃي: ڊاڪٽر شيراز احمد ميمڻ

ڄامشورو(پ ر) ڪوئين ميري يونيورسٽي آف لنڊن جي وفد پاران مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ ڪوئين ميري(Queen Mary)يونيورسٽي اندر داخلائن جي موقعن بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو مهراڻ يونيورسٽي جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جي استادن ۽ شاگردن کي ٻاهرين دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اهڙن سيمينارن ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جا ڪيترائي استاد برطانيا مان ڊگريون حاصل ڪري آيل آهن مهراڻ يونيورسٽي عالمي تعليمي ادارن سان جڙيل آهي گڏيل تحقيق ۽ تدريسي سرگرميون اسان جي سڃاڻ آهن آفيس آف ريسرچ انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر شيراز احمد ميمڻ ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته اڄوڪو سيمينار معلوماتي آهي. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي دنيا جي مڃيل تعليمي اداري ۾ داخلا جي پاليسين، اسڪالرشپ ۽ ٻين معاملن بابت ڄاڻ ڏني پئي وڃي مهراڻ يونيورسٽي پنهنجي شاگردن کي عالمي دنيا سان ڳنڍيو رکڻ ٿي چاهي، شاگردن کي اهڙن موقعن سان سکڻ گهرجي ڪوئين ميري يونيورسٽي جي ريجنل ڊائريڪٽر پاڪستان نبيل وهرا چيو ته يونيورسٽين جو ڪم آهي ڄاڻ پيدا ڪرڻ ۽ اهڙي ڄاڻ پيدا ڪرڻ جيڪا اثر انداز ٿئي هن چيو ته ڪوئين ميري تحقيقي اعليٰ تعليمي ادارو آهي اسان وٽ 32000 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن دنيا جي ٽاپ ڏهن يونيورسٽين ۾ شمار ٿئي ٿو هن چيو ته دنيا جا 9 نوبل انعام يافته وڏا نالا ڪوئين ميري ۾ پڙهائيندڙ آهن هن چيو ته برطانيا جي قديم يونيورسٽين ۾ ڪوئين ميري شمار ٿئي ٿي نبيل وهرا چيو ته ڪوئين ميري ۾ پڙهائي ۽ تحقيق سان گڏ پريڪٽيڪل وڌيڪ آهي هن ڪوئين ميري يونيورسٽي جي اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر سائنس انجنيئرنگ ۽ مٽيريل سائنس، بزنس ۽ مئنيجمينٽ، قانون ۽ سياست سميت ٻين شعبن ۾ ماسٽرس ۽ پي ايڇ ڊي ۾ داخلا لاءِ ميرٽ تي اسڪالرشپ جي موقعن بابت شرڪت ڪندڙن کي آگاهي ڏني تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر آغا فيصل پروفيسر ڊاڪٽر عبدالفتاح عباسي سميت ٻين استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي

سکر جي قاضي بابا اسٽريٽ ۾ نيڪال جو نظام ڏهن ڏينهن کان تباهه

نالين ۽ گٽرن جو پاڻي روڊ تي بيٺل، علائقي واسين ۽ واٽهڙن کي سخت پريشاني

فوري نوٽيس وٺي نيڪال جو نظام بحال ڪيو وڃي ۽ علائقي واسين کي رليف ڏنو وڃي: شهري

سکر(بيورو رپورٽ) سکر تلاءِ قاضي بابا اسٽريٽ ۾ نيڪال جو نظام ڏهن ڏينهن کان تباهه، نالين ۽ گٽرن جو پاڻي روڊ تي بيٺل، علائقي واسين ۽ واٽهڙن کي سخت پريشاني اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکر ميونسپل ڪارپوريشن سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ ڪمپني، يو سي نمائندن ۽ لاڳاپيل عملي جي لاپرواهي سبب يونين ڪميٽي درگاهه قاضي بابا جي وارڊ قاضي بابا اسٽريٽ، جامع مسجد پرسان گذريل ڏهن ڏينهن کان نيڪال جو نظام خراب پيل آهي جنهن سبب نالين ۽ گٽرن جو پاڻي روڊ تي گڏ ٿي تلاءَ جو منظر پيش ڪري رهيو آهي. نيڪال جو نظام خراب هجڻ ڪري نه رڳو علائقي جا رهواسي پر اتان گذرندڙ عورتون، ٻار ۽ ٻيا واٽهڙو پڻ سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڏهن ڏينهن کان شڪايتون ڪرڻ باوجود ڪو به ذميوار عملدار ڌيان نٿو ڏئي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري نوٽيس وٺي نيڪال جو نظام بحال ڪيو وڃي ۽ علائقي واسين کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

سکر گٽر نالن جو پاڻي روڊ تي بيٺل نظر اچي ٿو

صوبائي وزير جيل خانه جات پاران سجاول ۾ عذرخواهي

سجاول جي ترقي پيپلزپارٽي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: علي حسن زرداري

تمام جلد ضلعي ۾ سرڪاري آفيسن سميت ترقياتي منصوبن جو جار وڇايو ويندو

سجاول(ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي صوبائي وزير جيل خانه جات ۽ ورڪس اينڊ سروسز حاجي علي حسن زرداري نودو ٻارڻ ۾ ميمڻ هائوس پهچي، اڳوڻي ايم اين اي مرحوم احمد ميمڻ جي فرزند، پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ جي ڀاءُ پارٽي جي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ سان سندن سئوٽ مرحوم محمد قاسم ميمڻ جي وفات تي تعزيت ڪئي صوبائي وزير مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي تعزيتي ملاقات ۾ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز محمد علي خان ملڪاڻي، ايم پي اي ريحانه لغاري، ضلعي ڪائونسل سجاول جي چيئرمين دانش خان ملڪاڻي ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور اقبال موسى چانڊيو، ارباب رميز ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو، شاهنواز لوهاڻ، پير رحماني، عبدالغني سميت پاڪستان پيپلزپارٽي سجاول ۽ ٺٽي جا اڳواڻ، ڪارڪن ۽ علائقي جون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري چيو ته سجاول ضلعي جي ترقي پاڪستان پيپلزپارٽي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ضلعي ۾ سرڪاري آفيسن سميت ترقياتي منصوبن جو جار وڇايو ويندو هن چيو ته سجاول لاءِ اعلان ڪيل ڪيڊٽ ڪاليج جي تعمير جو ڪم جلد شروع ڪيو ويندو، جڏهن ته ضلعي ۾ پاڻي جي کوٽ واري مسئلي جي حل لاءِ به اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته سجاول ٽنڊو محمد خان ۽ حيدرآباد مين روڊ جي تعميراتي جو ڪم تيزي سان جاري آهي جيڪو جلد مڪمل ڪيو ويندو ته جيئن علائقي جي عوام کي سفري سهولتون بهتر بڻجي سگهن

مٺي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي گڏجاڻي

جشن آزادي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ لاءِ اڳواٽ انتظام مڪمل ڪرڻ جي حوالي سان جائزو

جشن آزادي جي شروعات مسجدن ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ ترقي لاءِ خاص دعائن سان ٿيندي

مٺي (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي جي صدارت هيٺ مٺي ۾ ٿيل اعليٰ سطحي گڏجاڻي ۾ جشن آزادي جوش ۽ جذبي سان ملهائڻ لاءِ اڳواٽ انتظام مڪمل ڪرڻ جي حوالي سان جائزو ورتو ويو هن چيو ته 14 آگسٽ آزادي جي هيروز جي قربانين جي يادگار ڏينهن طور قومي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو هن ٻڌايو ته جشن آزادي جي شروعات مسجدن ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ ترقي لاءِ خاص دعائن سان ٿيندي، جڏهن ته مکيه تقريب صادق فقير چوڪ مٺي تي قومي جهنڊو لهرائڻ ۽ قومي ترانو سان منعقد ڪئي ويندي هن عملدارن کي هدايت ڪئي ته سرڪاري عمارتن کي چراغان ۽ قومي جهنڊن سان سينگاريو وڃي شهرن ۾ صفائي جا انتظام بهتر بڻايا وڃن اسڪولن ۾ مختلف تقريبون، تقريري ۽ چٽابيٽي جا مقابلا ڪرايا وڃن ۽ ضلعي ۾ جشن آزادي جون تقريبون ڀرپور نموني سان منعقد ڪيون وڃن هن ٽريفڪ جي بنا رنڊڪ آمد رفت،بجلي جي بنا رنڊ فراهمي،اسپتالن ۾ ايندڙ مريضن ۽ ٻين ۾ سهوليتون ورهائڻ جون پڻ هدايتون جاري ڪيون. گڏجاڻي ۾ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

مٽياري ضلعي ۾ ڊوميسائل جاري ڪرڻ جو عمل سست رفتاري جو شڪار

هالا(ن ع) مٽياري ضلعي ۾ ڊوميسائل جاري ڪرڻ جو عمل سست رفتاري جو شڪار بڻجي ويو آهي، جنهن سبب سوين نون ڊوميسائلن جون درخواستون التوا ۾ پئجي ويون آهن ان صورتحال سبب خاص طور شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تعليمي ادارن ۾ داخلا سرڪاري نوڪرين ۽ ٻين سرڪاري معاملن ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي متاثر شاگردن نوجوانن، شهرين ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جو چوڻ آهي ته هالا نيو سعيد آباد ۽ ٻين علائقن سان واسطو رکندڙ درخواست گذارن کي بايوميٽرڪ تصديق لاءِ بار بار مٽياري اچڻو پوي ٿو جنهن سبب سندن وقت ۽ پئسي جو وڏو نقصان ٿي رهيو آهي ۽ کين ذهني پريشاني پڻ برداشت ڪرڻي پوي ٿي هنن الزام هنيو ته بائيوميٽرڪ سميت سمورا قانوني مرحلا مڪمل ڪرڻ باوجود ڊوميسائل جاري ڪرڻ ۾ غير ضروري دير ڪئي پئي وڃي سندن موجب اي ڊي سي ٽو جي آفيس ۽ ڊوميسائل برانچ جو عملو مختلف اعتراضن ۽ بهانن ذريعي درخواست گذارن کي بار بار آفيسن جا چڪر هڻائي رهيو آهي جنهن سبب عوام ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي.نيو سعيد آباد سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان ٻڌايو ته وٽس نيو سعيد آباد جو سڃاڻپ ڪارڊ، زمين جو کاتو ۽ ٻيا سمورا گهربل دستاويز موجود هجڻ باوجود اي ڊي سي ٽو پاران مختلف اعتراض لڳائي سندس ڊوميسائل جاري نه ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب هو ڪيترن ئي هفتن کان آفيسن جا چڪر ڪاٽي رهيو آهي متاثر شاگردن، شهرين ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي وزير سنڌ،سيڪريٽري بورڊ آف روينيو سنڌ، ڪمشنر حيدرآباد ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مٽياري ضلعي ۾ ڊوميسائل جاري ڪرڻ واري عمل ۾ موجود رڪاوٽن جو فوري نوٽيس وٺي سوين التوا هيٺ درخواستن کي ترجيحي بنيادن تي اڪلائجي جڏهن ته بايوميٽرڪ تصديق جي سهولت هر تعلقي سطح تي فراهم ڪئي وڃي ته جيئن هالا، نيو سعيد آباد ۽ ٻين علائقن جي نوجوانن کي بار بار مٽياري اچڻ اضافي خرچن ۽ وقت جي ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهجي. شهرين ۽ نوجوانن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڊوميسائل جاري ڪرڻ وارو عمل جلد بهتر نه ڪيو ويو ته سوين شاگردن جا تعليمي داخلا سرڪاري نوڪرين جا موقعا ۽ ٻيا اهم سرڪاري معاملا متاثر ٿيندا. هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته عوامي تڪليفن جي مستقل حل لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن رابطي ڪرڻ تي موقف ڏيندي اي ڊي سي ٽو ڊاڪٽر امجد جمالي چيو ته اڃا تائين 400 سو جي لڳ ڀڳ ڊوميسائل ويريفڪيشن جي مرحلي مان گذري رهيا آهن تصديق ڪندي فوري ڊوميسائل جاري ڪيا ويندا جڏهن ته ڪو به غلط ڊوميسائيل جاري ٿيو ته ذميوار مون کي قرار ڏنو ويندو ان لاءِ آئون ڪوبه غلط ڪم نه ڪندس

گهوٽڪي پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ تحت ڪي جي پي اي ۽ يو اين وومين جي سهڪار سان اورينٽيشن سيشن ٿي رهيو آهي

گهوٽڪي ۾ پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ تحت اورينٽيشن سيشن

منصوبو عورتن کي قيادت جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ آهي: طيب سومرو

فيصله سازي جي عمل ۾ سندن مؤثر ڪردار کي مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ۾ پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ تحت، ڪي جي پي اي ۽ يو اين وومين جي سهڪار سان ضلعي سطح تي اورينٽيشن سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف سياسي جماعتن، سول سوسائٽي، عورتن، بار ڪائونسل، پريس ڪلب، آسوسيئيشن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي سيشن جو مقصد شرڪت ڪندڙن کي پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ جي سرگرمين ۽ عورتن جي قيادت سان گڏ سياسي عمل ۾ سندن اثرائتي شموليت بابت آگاهي فراهم ڪرڻ هو ان موقعي تي طيب سومرو ۽ جاويد شاهه شرڪت ڪندڙن کي پروجيڪٽ جي مقصدن اهم سرگرمين ۽ امڪاني نتيجن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هنن چيو ته هي منصوبو عورتن کي قيادت جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ سندن سياسي ۽ سماجي شموليت کي هٿي ڏيڻ ۽ فيصله سازي جي عمل ۾ سندن مؤثر ڪردار کي مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي جاويد شاهه پاڪستان وومين ليڊرز جي آن لائن پورٽل ۽ درخواست جمع ڪرائڻ جي طريقيڪار بابت خاص بريفنگ ڏيندي پورٽل جا سڀئي مرحلا عملي طور سمجهايا. هن فارم ڀرڻ، گهربل معلومات مهيا ڪرڻ ۽ درخواست جمع ڪرائڻ جي مڪمل طريقيڪار بابت وضاحت ڪئي جيئن دلچسپي رکندڙ عورتن کي درخواست جمع ڪرائڻ دوران ڪنهن به قسم جي ڏکيائي پيش نه اچي شرڪت ڪندڙن پروجيڪٽ ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪندي عورتن جي قيادت، سياسي شرڪت ۽ فيصله سازي ۾ سندن نمائندگي وڌائڻ لاءِ اهڙن قدمن کي انتهائي اهم قرار ڏنو سيشن دوران شرڪت ڪندڙن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا ويا ۽ درخواست جي عمل بابت ضروري رهنمائي فراهم ڪئي وئي سيشن جي پڄاڻي تي ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته سياسي جماعتون، سول سوسائٽي، بار ڪائونسلون، پريس ڪلب ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا اهل ۽ باصلاحيت عورتن تائين هن موقعي جي ڄاڻ پهچائڻ ۽ کين درخواست ڏيڻ لاءِ همٿائڻ ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪن

ڪنڌڪوٽ ۾ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ڪشمور پاران ريلي

ضلعي صدر سجاد بروهي جي اڳواڻي ۾ "سنڌ جو ورهاڱو نامنظور" ريلي ڪڍي وئي

پاڪستان ۾ وڌيڪ صوبا ناهڻ جو اختيار نه صدر وزيراعظم نه ئي ڪنهن اداري کي آهي: مظاهرين

ڪنڌڪوٽ(ڊ ر) قومي عوامي تحريڪ ضلعي ڪشمور پاران " سنڌ جو ورهاڱو نامنظور" ريلي ضلعي صدر سجاد بروهي ارسلاح ڀهلڪاڻي شاهه علي سهرياڻي فدا محمداڻي رحمت الله چچڙ علي مراد سبزوئي شاهد سهرياڻي امجد ملڪ وزير ڀهلڪاڻي رميش لعل ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ گهنٽا گهر چوڪ ڪنڌ ڪوٽ کان ريلي جي شروعات ٿي مظاهري جو انتظام رضاڪارن حوالي هو انائونسمينٽ جي گاڏي تان سخت نعريبازي ڪئي ريلي جڏهن پريس ڪلب پهتي ته جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان۾ وڌيڪ صوبا ناهڻ جو اختيار نه صدر وزيراعظم نه ئي ڪنهن اداري کي آهي سنڌ آزاد۽ خود مختيار رياست طور هن ملڪ جي الحاق فيڊريشن ۾ شامل ٿي هئي 1940 جي قرارداد ۾ صاف لفظن ۾ لکيل آهي ته جيڪي علائقا هن ملڪ جي فيڊريشن ۾ شامل ٿيندا آهي هزارن سالن کان آزاد ۽ خود مختيار رهيا آهن اهي علائقا جڏهن به احساس محرومي محسوس ڪن اهي الڳ ٿي سگهن ٿا محسن نقوي جي ڏنل بيان ۾ پاڪستان دشمني نظر اچي ٿي جيڪڏهن 35 صوبا ٺهيا ته سنڌ پاڻ کي اوپرو سمجهندي ملڪ جو نظام مفلوج ٿي چڪو آهي بلڪل اوهان جي پاليسين جي ڪري ملڪ تباهي جي ڪناري تي بيٺل آهي انجا ذميوار توهين آهيو ملڪ ۾ جمهوريت ناهي آمريت قائم آهي عدليه ۽ انصاف کي قتل ڪرڻ ڪانپو 28هين آئيني ترميم ذريعي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي ملڪ دشمن سازش ڪئي پئي وڃي.28هين آئيني ترميم جي نالي ۾ سنڌ جي وحدت تي حملو ٿيو ته حڪمران هلي نه سگهندا. پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت سنڌ لاءِ خطرو بڻجي ويا آهن سنڌي ماڻهون نئين صف بندي ۾ هرسازش کي سمجهي ۽ پنهنجي وطن سنڌ جو آئندو روشن ڪري

سنڌ جو ورهاڱو نامنظور
پاران قومي عوامي تحريڪ
ڪنڌڪوٽ قومي عوامي تحريڪ پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ ۾ ڏکي کجور جي نئين ورائٽي متعارف ڪرائڻ تقريب منعقد

تقريب ۾ کجور سان لاڳاپيل آبادگارن توڙي زراعت کاتي جي ڪامورن ۽ ٻين شرڪت

سردار محمد بخش خان مهر جي ذاتي دلچسپي سان کجور جي شعبي کي جديد بڻايو پيو وڃي: امداد سوهو

حيدرآباد(پ ر) سنڌ حڪومت کجور جي نئي ورائٽي لا ڏکي کجور جي پيداوار کي وڌائڻ ۽ پرڏيهي منڊي تائين ان جي پهچ ۽معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي حوالي سان اهم قدم کڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو سنڌ جي زراعت جي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ۽ سيڪريٽري زمان ناريجو جي هدايت تي خيرپور ضلعي جي ڪوٽڏيجي جي ڪنب ۾ سنڌ جي زراعت کاتي جي ماتحت سواٽ پراجيڪٽ جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (پي ڊي) امداد سوهو جي نگراني ۾ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ کجور سان لاڳاپيل آبادگارن توڙي زراعت کاتي جي ڪامورن ۽ ٻين شرڪت ڪئي پي ڊي امداد سوهو ڳالهائيندي چيو ته صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ان پراجيڪٽ ۾ ذاتي دلچسپي وٺي رهيو آهي ان سلسلي ۾ ڏکي کجور جا بوٽا ورهايا پيا وڃن هن چيو خيرپور کجور جي حوالي سان پهرين مشهور آهي ۽ اها ورائٽي نئي ان جي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ پوري سنڌ ۾ ڏکي کجور جا پلانٽ مفت ورهايا ويندا ۽ ان جي پيداوار سان روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا.

حيدرآباد سواٽ پراجيڪٽ جو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر امداد سوهو ڪوٽڏيجي خيرپور ۾ ڏکي کجور جا پلانٽ ورهائيندي

سکر بچا يونين جي اهتمام هيٺ يوم شهدا ريلي

سيڪيورٽي ادارن جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي

شهيد هميشه اسان جي دلين ۽ سوچن ۾ زنده رهندا: مسعود ٻنڌاڻي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر بچا يونين جي اهتمام هيٺ يوم شهدا جي موقعي تي سنڌ پوليس ۽ ملڪ جي ٻين سيڪيورٽي ادارن جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ وڏي انگ ۾ ٻارن سکر بچا يونين جي چيئرمين مسعود ٻنڌاڻي جي اڳواڻي ۾ "شهيد زنده باد"، "پاڪستان زنده باد" ۽ "سنڌ پوليس زنده باد" جا نعرا هڻندي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙ ٻارن جي هٿن ۾ شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا ان موقعي تي خطاب ڪندي چيئرمين مسعود ٻنڌاڻي ۽ ٻين چيو ته کين سنڌ پوليس جي شهيدن تي فخر آهي جن جي قربانين سبب اڄ ملڪ ۾ امن امان قائم آهي هنن چيو ته پوليس جي انهن بهادر جوانن کي سلام پيش ڪريون ٿا، جن ملڪ ۽ قوم جي بقا ۽ امن خاطر پنهنجون جانيون قربان ڪيون ۽ دشمن قوتن جو بهادري سان مقابلو ڪندي شهادت جو اعزاز حاصل ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته شهيد هميشه اسان جي دلين ۽ سوچن ۾ زنده رهندا، انهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي سنڌ پوليس سميت ملڪ جي سڀني سيڪيورٽي ادارن جي شهيدن قوم لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن جن تي اسان کي فخر آهي شهادت جو درجو انتهائي اعليٰ ۽ مقدس آهي ۽ اسان سڀني جو فرض آهي ته شهيدن کي هميشه ياد رکون

شهداء پوليس
کو خراج تحسين
سکر بچا يونين پاران يوم شهداءِ پوليس جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

مورو پوليس پاران غير قانوني پناهگير گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار زاهد شاهه ولد محرم شاهه پٺاڻ کي گرفتار ڪيو ويو آهي: پوليس

گرفتار ٿيل جوابدار خلاف قانون موجب وڌيڪ جاچ ۽ ڪارروائي جاري آهي

مورو (ن ع) مورو پوليس غير قانوني طور ملڪ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ واري الزام هيٺ هڪ پرڏيهي شهري کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او ٿاڻو مورو علي اڪبر ڪوڪر موجب جوابدار زاهد شاهه ولد محرم شاهه پٺاڻ افغاني رهواسي افغانستان کي ايف آءِ آر نمبر 351/2026 تحت فارين ايڪٽ جي دفعه 14 هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس موجب جوابدار خلاف قانون موجب وڌيڪ جاچ ۽ ڪارروائي جاري آهي

ڪمشنر پاران ڪراچي ويسٽ ۾ چوٿين ريويو ميٽنگ، ترقياتي ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KWSC)۽ ٻين ترقياتي ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

روڊن جي تعمير ۽ بحالي، نيڪال آب، صفائي سٿرائي، پارڪن ۽ ٻين عوامي ڀلائي جي منصوبن بابت جامع بريفنگ

منگهوپير ٽائون جي تعمير ۽ ترقي، عوام کي معياري بلدياتي سهولتن جي فراهمي ۽ شهري مسئلن جو پائيدار حل اسان جي اولين ترجيح آهي: چيئرمين

ڪراچي ڪمشنر ڪراچي جي صدارت ۾ فورٿ ريويو ميٽنگ ٿي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڪمشنر جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڪراچي ويسٽ ۾ چوٿين ريويو ميٽنگ منعقد ٿي جنهن ۾ مالي سال 25-2024 ۽ 26-2025 جي ساليانا ترقياتي پروگرام (ADP)تحت جاري ترقياتي اسڪيمن، پراپرٽي ٽيڪس، سوئي سدرن گيس ڪمپني (SSGC)، سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ، مينٽيننس اينڊ ريپيئر روڊ ڪٽنگ، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KWSC)۽ ٻين ترقياتي ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس دوران مختلف کاتن جي ڪارڪردگي، جاري منصوبن جي اڳڀرائي، پيش ايندڙ مسئلن ۽ انهن جي مؤثر حل تي پڻ خيال ونڊيا ويا. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڪراچي ويسٽ ذوالفقار علي ميمڻ، اسسٽنٽ ڪمشنر اورنگي، اسسٽنٽ ڪمشنر منگهوپير، اسسٽنٽ ڪمشنر مومن آباد، ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي، ميونسپل ڪمشنر آغا خاليق، بي اينڊ آر ڊپارٽمينٽ مان آفاق عالم ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن حافظ محمد شعيب، انچارج روڊ ڪٽنگ عبدالغفار جتوئي، ڊپٽي ڊائريڪٽر پراپرٽي ٽيڪس ۽ لاڳاپيل کاتن جي ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران چيئرمين حاجي نواز علي بروهي منگهوپير ٽائون ۾ جاري ترقياتي منصوبن، ساليانا ترقياتي پروگرام (ADP)جي اسڪيمن، بلدياتي خدمتن، بنيادي ڍانچي جي بهتري، روڊن جي تعمير ۽ بحالي، نيڪال آب، صفائي سٿرائي، پارڪن ۽ ٻين عوامي ڀلائي جي منصوبن بابت جامع بريفنگ ڏني هن جاري اسڪيمن جي اڳڀرائي، مقرر مدي اندر انهن جي تڪميل لاءِ کنيل قدمن ۽ مستقبل جي ترقياتي حڪمت عملي بابت پڻ اجلاس کي آگاهه ڪيو ميونسپل ڪمشنر آغا خاليق مختلف ترقياتي منصوبن جي فني اڳڀرائي، انتظامي معاملن ۽ جاري ترقياتي سرگرمين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني، جڏهن ته ڊپٽي ڊائريڪٽر پراپرٽي ٽيڪس جي وصولين مقرر هدفن، آمدني ۾ واڌ ۽ ٽيڪس نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ کنيل قدمن بابت اجلاس کي بريف ڪيو. ان موقعي تي چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير حاجي نواز علي بروهي چيو ته: "منگهوپير ٽائون جي تعمير ۽ ترقي، عوام کي معياري بلدياتي سهولتن جي فراهمي ۽ شهري مسئلن جو پائيدار حل اسان جي اولين ترجيح آهي اسان صرف ترقياتي منصوبن جي شروعات نه پر انهن جي بروقت، شفاف ۽ اعليٰ معيار موجب تڪميل کي پنهنجي ذميواري سمجهون ٿا. اسان جي پوري ٽيم عوامي خدمت جي جذبي سان ڏينهن رات محنت ڪري رهي آهي ته جيئن هر يونين ڪائونسل ۾ ترقياتي ڪمن جا فائدا بنا ڪنهن امتياز جي عوام تائين پهچي سگهن. هن وڌيڪ چيو: "منگهوپير ٽائون کي جديد، صاف سٿرو، منظم ۽ ترقي يافته بلدياتي ماڊل ۾ تبديل ڪرڻ اسان جو مشن آهي. ڪمشنر ڪراچي، ضلعي انتظاميه ۽ سڀني لاڳاپيل ادارن جي سهڪار سان جاري ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي ويندي، جڏهن ته شفافيت، معيار ۽ بروقت تڪميل تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ان شاءَ الله عوام جو اعتماد اسان جي سڀ کان وڏي طاقت آهي ۽ اسان ان اعتماد تي پورو لهندي منگهوپير ٽائون کي ترقي ۽ خوشحالي جي نون منزلن تائين پهچائينداسين اجلاس دوران ڪمشنر ڪراچي سڀني لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته جاري ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي، ادارن جي وچ ۾ مؤثر رابطي ۽ گڏيل سهڪار کي يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته عوامي مسئلن جي بروقت ۽ پائيدار حل لاءِ مربوط ۽ مؤثر حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي ته جيئن شهرين کي بنا دير معياري بلدياتي سهولتون فراهم ڪري سگهجن اجلاس جي پڄاڻي تي ڪمشنر ڪراچي، ڊپٽي ڪمشنر ڪراچي ويسٽ ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن منگهوپير ٽائون ۾ جاري ترقياتي سرگرمين ساليانا ترقياتي پروگرام (ADP)جي اسڪيمن تي ٿيندڙ اڳڀرائي ۽ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي طرفان پيش ڪيل جامع بريفنگ کي ساراهيندي اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ته سڀئي جاري ترقياتي منصوبا مقرر مدي اندر مڪمل ڪري منگهوپير ٽائون جي عوام کي وڌيڪ بهتر، معياري ۽ پائيدار بلدياتي سهولتون فراهم ڪيون وينديون

ڪوٽ غلام محمد جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ قمرزمان قائمخاني جو ڪم بند

اسڪولي عمارت جي تعميراتي ڪم کي گذريل ڇهن مهينن کان رولڙي جو شڪار، ٻه استاد به هٽايا ويا

لاڳاپيل اختيارين کي لکت ۽ زباني شڪايتون ڪيون، پر هن وقت تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي: رهواسي

اسڪول جي تعميراتي ڪم جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، نامڪمل عمارت جو ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) اسڪول جي عمارت جو ڪم ڇهن مهينن کان بند، ٻه استاد به هٽايا ويا، 90 کان وڌيڪ شاگردن جي تعليم داءَ تي لڳي وئي. "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جي دعوائن جي ابتڙ تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ قمرزمان قائمخاني ديهه 322 جي عمارت جي تعميراتي ڪم کي گذريل ڇهن مهينن کان رولڙي جو شڪار بڻايو ويو آهي. جڏهن ته اسڪول مان مقرر ٻه استاد به هٽائڻ سبب 90 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ڳوٺاڻن موجب ٺيڪيدار پراڻي بنياد تي نئين عمارت جي تعمير شروع ڪئي ۽ مبينا طور ناقص تعميراتي مواد استعمال ڪرڻ بعد ڪم اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويو آهي. ڇهن مهينن کان تعميراتي ڪم مڪمل نه ٿيڻ سبب اسڪول جي عمارت نامڪمل پيل آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته سخت گرمي جي موسمن کان لڳ ڀڳ ٻه مهينا اڳ تعليم کاتي هلندڙ اسڪول جا مقرر ٻئي استاد به واپس وٺي اسڪول عملي طور بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب 90 کان وڌيڪ ٻار ۽ ٻينگريون تعليم کان محروم ٿي ويا آهن مقامي رهواسين ٻڌايو ته هنن ڪيترائي ڀيرا تعليم کاتي جي لاڳاپيل اختيارين کي لکت ۽ زباني شڪايتون ڪيون پر هن وقت تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي، جنهن ڪري والدين ۽ شاگردن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي تعميراتي ڪم جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، نامڪمل عمارت جو ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي ۽ هٽايل استادن کي فوري طور واپس مقرر ڪري اسڪول ٻيهر فعال بڻايو وڃي جيئن علائقي جي ٻارن جو تعليمي مستقبل محفوظ بڻجي سگهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جديد دور ۾ به ڳوٺاڻن جي ٻارن لاءِ تعليم جا دروازا بند ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ عمل آهي، جنهن جو اعليٰ اختيارين کي فوري نوٽيس وٺڻ گهرجي

سائفڪو مائيڪروفنانس ڪمپني جي ايم ڊي جي سالگرهه تقريب

عالمي معاشي بحرانن سبب مالياتي ادارن جون ذميواريون وڌي ويون آهن: ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو

سموري دنيا جي معيشت گذريل ڪجهه سالن کان لڳاتار بحرانن جي ور چڙهيل آهي

حيدرآباد(پ ر) سائفڪو جي باني ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو چيو آهي ته سموري دنيا جي معيشت گذريل ڪجهه سالن کان لڳاتار بحرانن جي ور چڙهيل آهي جڏهن ته وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ عالمي معيشت کي ويتر ڳنڀير بڻائي ڇڏيو آهي هن چيو ته ان جا اثر پاڪستان سميت اسرندڙ ملڪن تي به واضح نظر اچي رهيا آهن جتي وڌندڙ غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ سبب عام ماڻهو سڌيءَ ريت متاثر ٿي رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ سائفڪو جهڙن سماجي ذميواري رکندڙ مالياتي ادارن جون ذميواريون اڳ کان وڌيڪ وڌي ويون آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي رڳو مالياتي سهولتون فراهم ڪرڻ تائين محدود نه رهڻ گهرجي، پر ماڻهن جي معاشي بحالي، روزگار جا موقعا وڌائڻ، مالياتي شموليت کي هٿي ڏيڻ ۽ کين باوقار زندگي گذارڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ به وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن اهڙن خيالن جو اظهار گذريل ڏينهن سائفڪو مائيڪروفنانس ڪمپني (ايس ايم سي ايل) جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه جي سالگرهه تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو چيو ته سائفڪو 1986ع کان غربت جي خاتمي، ماڻهن جي معاشي خودمختياري ۽ سندن زندگيءَ ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي اڄ جڏهن سائفڪو هڪ مضبوط گروپ جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي ۽ ان جون خدمتون وڌيڪ وسيع ٿي چڪيون آهن تڏهن به اداري جي پهرين ترجيح ماڻهن جي ڀلائي بهتري ۽ بااختياري ئي آهي آخر ۾ سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن ته سيد سجاد علي شاهه کي گلدستا، روايتي اجرڪ، لونگيون ۽ ٻيا تحفا پيش ڪيا ويا.

حيدرآباد سائفڪو مائيڪرو فنانس ڪمپني جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

روهڙي ۾ سنڌ جو پهريون جديد واٽر فلٽريشن پلانٽ مڪمل

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي ۾ سنڌ جو پهريون جديد واٽر فلٽريشن پلانٽ مڪمل،صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي جو خواب ساڀيان ٿيڻ لڳو بلديات واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جلد افتتاح ڪندو چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد جو تفصيلي دورو.جديد ٽيڪنالاجي ذريعي سنڌو درياهه جو پاڻي صاف ڪري شهرين کي فراهم ڪيو ويندو سنڌ حڪومت پاران روهڙي جي شهرين کي صاف،محفوظ ۽ معياري پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ قائم ڪيل سنڌ جو پهريون جديد واٽر فلٽريشن پلانٽ مڪمل ٿي ويو آهي هي منصوبو سنڌ حڪومت جو هڪ اهم عوامي ڀلائي وارو منصوبو قرار ڏنو پيو وڃي جنهن ذريعي هزارين شهرين کي جديد معيار موجب فلٽر ٿيل ۽ صحت بخش پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو ويندو چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد سان گڏ روهڙي ۾ سنڌو درياهه جي ڪناري تي تعمير ڪيل جديد واٽر فلٽريشن پلانٽ جو تفصيلي دورو ڪيو جتي هنن مختلف شعبن،جديد مشينري، واٽر ٽريٽمينٽ سسٽم،فلٽريشن يونٽن ۽ جاري ٽيسٽنگ جي عمل جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڳالهائيندي سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ کي پنهنجي اولين ترجيحن ۾ شامل ڪيو آهي ۽ روهڙي جو هي منصوبو ان ويزن جي عملي تعبير آهي هن چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ذريعي سنڌو درياهه جي پاڻي کي عالمي معيار مطابق فلٽر ڪري شهرين کي صاف ۽ معياري پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته پلانٽ جي ٽيسٽنگ،فني جاچ ۽ ٻيا ضروري مرحلا آخري مرحلي ۾ آهن جيڪي مڪمل ٿيڻ بعد روهڙي جي مختلف علائقن ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي جي باقاعده فراهمي شروع ڪئي ويندي سندس چوڻ هو ته بلديات واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جلد هن اهم عوامي منصوبي جو باضابطه افتتاح ڪندو جنهن بعد پلانٽ مڪمل طور تي فعال ٿي ويندو سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته روهڙي جي شهرين جو صاف پيئڻ جي پاڻي جو سالن کان هلندڙ مطالبو هاڻي پورو ٿيڻ جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي هن منصوبي کي سنڌ حڪومت،بلديات واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ لاڳاپيل ادارن جي گڏيل ڪاوشن جو نتيجو قرار ڏنو هن چيو ته منصوبي جي بروقت تڪميل لاءِ مسلسل نگراني ڪئي وئي ته جيئن شهرين کي جلد کان جلد هن سهولت مان فائدو ملي سگهي ماهرن موجب جديد واٽر فلٽريشن پلانٽ جي فعال ٿيڻ سان پاڻي وسيلي پکڙجندڙ بيمارين ۾ نمايان گهٽتائي ايندي جڏهن ته ٻارن، بزرگن ۽ ٻين شهرين کي محفوظ ۽ صحت بخش پيئڻ جو پاڻي دستياب ٿيندو جديد فلٽريشن نظام پاڻي ۾ موجود جراثيم،آلودگي ۽ نقصانڪار جزن کي مؤثر نموني ختم ڪندو جنهن سان عوامي صحت تي مثبت اثر پوندا ٻئي طرف شهرين،سماجي،سياسي ۽ واپاري حلقن منصوبي جي تڪميل تي خوشي جو اظهار ڪندي ان کي روهڙي لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏنو آهي هنن چيو ته صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي سندن پراڻو مطالبو هو جيڪو سنڌ حڪومت پورو ڪيو آهي شهرين اميد ظاهر ڪئي ته منصوبي جي فعال ٿيڻ بعد آلوده پاڻي ۽ پاڻي جي کوٽ جا مسئلا وڏي حد تائين ختم ٿي ويندا ۽ شهرين کي مستقل بنيادن تي معياري پيئڻ جو پاڻي فراهم ٿيندو

ٺري ميرواهه جي اي سي سان صحافين جي وفد جي ملاقات

اسسٽنٽ ڪمشنر سان علائقي جي عوامي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ

انتظاميا عوام جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي: گل فيصل رئيسياڻي

سيٺارجا(ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه گل فيصل رئيسياڻي سان سينيئر صحافين جي ملاقات، علائقي جي عوامي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ تفصيلي خبر موجب سيٺارجا جي سينيئر صحافي سجاد علي ڪبر،گلاب علي سهتو اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه گل فيصل رئيسياڻي سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران سيٺارجا ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي درپيش اهم عوامي مسئلن، سرڪاري خدمتن جي بهتري، انتظامي معاملن ۽ عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر گل فيصل رئيسياڻي چيو ته انتظاميا عوام جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن صحافين جي مثبت ۽ ذميوارانه ڪردار کي ساراهيندي چيو ته صحافت سماج جي اک ۽ آواز آهي، جيڪا عوامي مسئلن کي اجاگر ڪري انتظاميا تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي گل فيصل رئيسياڻي چيو ته عوامي ڀلائي حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ انتظاميا شهرين کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي عملي قدم کڻي رهي آهي هن چيو ته جيڪي مسئلا سندس اختيار ۾ آهن، انهن جي حل لاءِ ترت ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته ٻين معاملن بابت لاڳاپيل اختيارين کي آگاهه ڪيو ويندو ان موقعي تي صحافي اطهر سهتو،ٽيپيدار علي مراد شر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

سيٺارجا اي سي ٺري ميرواهه سان صحافين جو ملاقات وقت ورتل فوٽو

مورو ۾ هڪ هٿ کان معذور پورهيت جو احتجاج

ڀاءُ لالا عتيق پٺاڻ اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ: رفيق پٺاڻ

مورو (ن ع) هڪ هٿ کان معذور پورهيت حاجي محمد رفيق پٺاڻ جو پنهنجي گهر وارن سان گڏ پنهنجي ڀاءُ لالا عتيق پٺاڻ جي ظلمن خلاف احتجاج ڪندي چيو ته ڀاءُ لالا عتيق پٺاڻ اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اڄ لالا عتيق، عاصر ۽بابا ۽ ٻيا 4 نامعلوم بنا جواز اڄ منهنجي جي گهر ۾ داخل ٿي منهنجي گهر وارن ۽ نياڻين مٿان بنا جواز وحشياڻو تشدد ڪري تذليل ڪئي آهي بااثر هجڻ سبب پوليس به سندس خلاف ڪاروائي نه پئي ڪري اسان مسڪين پورهيت آهيون اسانکي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن سيشن جج نوشهرو فيروز ايس ايس پي روحل کوسو ڊي ايس پي ميڊم فائزه سوڍر کان مطالبو ڪيو آهي گهر تي حملو ڪندڙ جوابدارن جي گروهه کي گرفتار ڪري اسان انصاف ڪيو وڃي نه ٿي صورت اسان پنهنجي گهر وارين ۽ نياڻين سان گڏ پاڻ کي پيٽرول هاري باهه ڏئي ساڙينداسين

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءُ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 08 آگسٽ 2026ع

ٽه-ملڪي دفاعي معاهدو ۽ بدلجندڙ علائقائي سلامتي

پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيءَ وچ ۾ طئي ٿيل ٽه ملڪي دفاعي معاهدو رڳو ٽن ملڪن جي دفاعي سهڪار کي نئين شڪل ڏيڻ وارو قدم نه پر موجوده علائقائي ۽ عالمي حالتن ۾ بدلجندڙ سلامتيءَ جي منظرنامي جو اهم اظهار پڻ آهي. مڪي مڪرم ۾ ٿيل هن معاهدي کي ٽنهي ملڪن جي ڊگهي تاريخي، مذهبي، سياسي، دفاعي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپن جي هڪ نئين مرحلي طور ڏسي سگهجي ٿو خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن وچ اوڀر، ڏکڻ ايشيا ۽ عالمي سياست مسلسل تبديلين مان گذري رهي آهي. گڏيل سلامتيءَ لاءِ اهڙو فريم ورڪ پنهنجي اندر اهم معنائون رکي ٿو. ڏٺو وڃي ته پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي وچ ۾ لاڳاپا نوان نه آهن. ترڪي سان پاڪستان جا لاڳاپا پاڪستان جي قيام کان به اڳ جون پاڙون رکن ٿا. جڏهن ته سعودي عرب سان پاڪستان جا لاڳاپا مذهبي ڀائيچاريءَ کان اڳتي وڌي سياسي، اقتصادي، دفاعي ۽ عوامي سطح تي مضبوط اسٽريٽجڪ ڀائيواري ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. ٽنهي ملڪن وچ ۾ دفاعي سهڪار، فوجي تربيت، سلامتيءَ بابت رابطا ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار اڳ ئي موجود رهيو آهي. مڪ دفاعي معاهدو انهن لاڳاپن کي وڌيڪ منظم ۽ قانوني شڪل ڏيڻ جي ڪوشش طور سامهون آيو آهي. هن معاهدي جو سڀ کان اهم پاسو گڏيل سلامتيءَ جو تصور آهي. جيڪڏهن معاهدي تحت ڪنهن هڪ ملڪ تي هٿياربند حملو ٽنهي ملڪن تي حملي جي برابر تصور ڪيو وڃي ٿو ته ان سان جارحيت ڪندڙ قوتن لاءِ هڪ واضح پيغام وڃي ٿو ته ڪنهن هڪ ملڪ کي اڪيلو ڪري نشانو بڻائڻ آسان نه هوندو. گڏيل دفاع جو اهو تصور هڪ قسم جي روڪٿام واري حڪمت عملي آهي جنهن جو بنيادي مقصد جنگ کي وڌائڻ بدران جنگ جي امڪان کي گهٽائڻ هجڻ گهرجي. دنيا جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڏٺو ويو آهي ته مضبوط دفاعي سهڪار ڪڏهن ڪڏهن امڪاني جارحيت کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي.

بهرحال، هن معاهدي کي ڪنهن ملڪ خلاف جارحاڻي اتحاد طور پيش ڪرڻ بدران ان جي دفاعي نوعيت کي سمجهڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ٽنهي ملڪن جي قيادت واقعي ان کي امن، استحڪام ۽ گڏيل سلامتيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿي ته اهو معاهدو علائقائي ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. ان کي ڪنهن نئين مذهبي يا فوجي بلاڪ جي صورت ڏيڻ بدران علائقائي سلامتيءَ جي تعاون واري فريم ورڪ طور اڳتي وڌائڻ ٿي وڌيڪ مناسب هوندو. ٽنهي ملڪن جون پنهنجون پنهنجون صلاحيتون آهن. جيڪي گڏجي هن ڀائيواريءَ کي اهم بڻائين ٿيون. پاڪستان وٽ مضبوط فوجي صلاحيت، وسيع دفاعي تجربو ۽ دهشتگرديءَ خلاف جنگ جو ڊگهو تجربو موجود آهي. سعودي عرب علائقي ۾ پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي حيثيت، مضبوط معيشت ۽ اهم اسٽريٽجڪ مقام سبب خاص اهميت رکي ٿو جڏهن ته ترڪي جديد دفاعي ٽيڪنالاجي، دفاعي صنعت ۽ صنعتي صلاحيتن جي حوالي سان تيزيءَ سان اڳتي وڌندڙ ملڪ آهي. جيڪڏهن انهن ٽنهي ملڪن جون صلاحيتون ذميواري ۽ واضح حڪمت عمليءَ سان گڏجي ڪم ڪن ٿيون ته گڏيل دفاعي تعاون وڌيڪ اثرائتو ٿي سگهي ٿو پاڪستان لاءِ هن معاهدي جي اهميت ان ڪري به وڌي وڃي ٿي جو ملڪ هڪ ئي وقت ڪيترن ئي محاذن تي سفارتي ۽ سلامتيءَ جي چئلينجز کي منهن ڏئي رهيو آهي. ايران سان لاڳاپا، آمريڪا سان سفارتي رابطن چين سان اسٽريٽجڪ ڀائيواري ۽ خليجي ملڪن سان مضبوط لاڳاپن جي وچ ۾ پاڪستان لاءِ متوازن پرڏيهي پاليسي برقرار رکڻ ضروري آهي. اهڙي صورتحال ۾ سعودي عرب ۽ ترڪي سان گڏيل دفاعي فريم ورڪ پاڪستان جي سفارتي اهميت ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو پر ان سان گڏ ذميواريون به وڌنديون. بهرحال مڪ دفاعي معاهدي جي ڪاميابي جو دارومدار صرف دستاويز تي صحيحن سان نه پر ان تي عملدرآمد، گڏيل اعتماد، سياسي ارادي ۽ سفارتي ڏاهپ تي هوندو. دفاعي طاقت جو اصل مقصد جنگ کي وڌائڻ نه پر جنگ کي روڪڻ هجڻ گهرجي جيڪڏهن پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي پنهنجي گڏيل صلاحيتن کي امن استحڪام ۽ علائقائي سلامتيءَ لاءِ استعمال ڪن ٿا ته هي معاهدو ٽنهي ملڪن جي لاڳاپن لاءِ هڪ نئون باب کولڻ سان گڏ خطي ۾ طاقت جي توازن ۽ امن لاءِ پڻ مثبت اڳڀرائي ثابت ٿي سگهي ٿو.

102هين سالگره جي موقعي تي

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو: اهڙا ماڻهو مرڻا ناهن

مدد علي سنڌي

لاڙڪاڻي جي ڌرتي مردم خيز ڌرتي آهي. هن سرزمين تي ڪيترائي وڏا ماڻهو پيدا ٿيا. جن پنهنجي خدمتن جي ڪري نه فقط پنهنجو پر پنهنجي وطن سنڌ ۽ پاڪستان جو به نالو مٿانهون ڪيو. لاڙڪاڻي جي ڌرتي تي (موهن جي دڙي) جي عظيم تهذيب موجود آهي. جنهن تهذيب جو مقابلو اڄ به دنيا ۾ نٿو ڪري سگهجي. هڪ سڌريل تهذيب جنهن کي ڏسي ماڻهو اچرج ۾ ٿا اچي وڃن. ڇاڪاڻ ته جڏهن دنيا جي ڪيترن ملڪن جي ماڻهن کي رهڻ جي لاءِ جاين ٺهرائڻ جي ۽ سڌريل تهذيب جي خبر ڪونه هئي. تڏهن سنڌ ماتري جي هيءَ عظيم تهذيب ست هزار سال اڳ به جيئڻ جي بنيادي مول متن کان واقف هئي.

لاڙڪاڻي کي فخر آهي جو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جو تعلق به هن سرزمين سان آهي. جن کانسواءِ نه صرف سنڌ بلڪ پاڪستان جي سياسي تاريخ نامڪمل آهي. اهڙي ئي ڌرتي تي سنڌ جو هڪ املهه هيرو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو به پيدا ٿيو. تاج محمد صاحب سياست، صحافت، ادب، آزادي جي شمع جو پروانو، ناميارو وڪيل، بهترين منصف يعني ڪامياب جج به هو. سندس ڪيل ڪارنامن ۽ خدمتن جو جڏهن جائزو وٺون ٿا ته محسوس ٿئي ٿو ته هُو صاحب شاگردي جي زماني کان وٺي سرگرم هو. جڏهن هو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي پهتو. تڏهن ڪراچي ادبي، سياسي ۽ ترقي پسند تحريڪن جو مرڪز هئي. ڪراچي ۾ مسلم ليگ، ڪانگريس ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جون آفيسون موجود هونديون هيون. جڏهن ته ڏيارام جيٺمل ڪاليج قومي تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ شاگردن جو مرڪز هوندو هو. ان کان علاوه ٽريڊ يونين جون آفيسون به سرگرم هونديون هيون. ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي سڀ کان اول ڪميونسٽن سان دوستي ٿي، جنهن جي ڪري مٿس سوشلسٽ خيالن جو تمام گهڻو اثر ٿيو. اُن وقت ڪامريڊ سوڀو گيانچندائي، جمال الدين بخاري، ڪامريڊ پوهو، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، حشو ڪيول راماڻي، شيخ اياز ۽ محمد ابراهيم جويو سرگرم هئا. اِهو ئي ماهاڀاري جنگ جو دور هو. ڪامريڊ تاج محمد ابڙو به سنڌ مدرسي ۾ پڙهندو هو. تنهن وقت شاگرد تعليم به حاصل ڪندا هئا ته وري نوڪريون به ڪندا هئا. ميٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ هن اُن دور جي مشهور قومي اخبار (الوحيد) ۾ به نوڪري ڪئي ۽ پوءِ وڪالت جو امتحان پاس ڪري لاڙڪاڻي هليو ويو. اُتي قاضي فضل الله، محمد حنيف صديقي، خان بهادر يار محمد جوڻيجو، شمس الدين ابڙو ۽ عبدالوحيد ڪٽپر وڪيل هئا. لاڙڪاڻي ۾ جلد ئي ڪامريڊ تاج محمد ابڙو پنهنجي سياسي ۽ ادبي حيثيت حاصل ڪري ورتي. تنهن وقت لاڙڪاڻي ۾ شام جو اڪثر وڏ ۾ وڏ ماڻهن جي اوطاقن تي ڪچهرين ڪرڻ جو رواج هوندو هو. شروع شروع ۾ لاڙڪاڻي اندر حاجي نواب امير علي لاهوري، عبدالغفور پرڳڙي، محمد حنيف صديقي، قاضي فضل الله، خان بهادر محمد ايوب کهڙي ۽ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جون ڪچهريون مشهور هونديون هيون پر ڪامريڊ تاج محمد ابڙي جي اوطاق تي ڪامريڊ سوڀو گيانچندائي، ڪامريڊ علي محمد عباسي، ڪامريڊ عبدالخالق آزاد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ مولوي نظير حسين جتوئي گهڻو ڪري موجود هوندا هئا. وڏي ڳالهه ته تاج محمد ابڙو پاڻ دسترخوان جو نهايت ڪشادو به هوندو هو. اُن ڪري سموري سنڌ مان ڪارڪن گهڻو ڪري وٽس اچي رهندا هئا. ڪيس سنڌي ادب سان بيحد محبت هوندي هئي ۽ اهم ڳالهه اِها آهي ته جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سال 1952ع ۾ ولايت مان وطن واپس موٽيو. تڏهن ڪامريڊ تاج محمد ابڙي سان سندس هڪ گهرو محبت ۽ احترام وارو تعلق قائم ٿي ويو. اِهو ئي سبب هو جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جو صدر ٿيو ته هن سال 1972ع ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙي کي سيشن جج جي نوڪري به ڏني. تاج محمد ابڙو لاڙڪاڻي جي روشن شمع هئي. هن جي دم سان لاڙڪاڻي ۾ ادبي، سياسي ۽ سماجي سرگرميون قائم هيون. ڇاڪاڻ ته گهڻا ترڻ ته لاڙڪاڻو ڇڏي وڃي ڪراچي ۽ حيدرآباد وسائي ويٺا پر ڪامريڊ تاج محمد ابڙو صاحب لاڙڪاڻي سان پنهنجو پيچ اٽڪائيندو آيو. سندس ڪوششن سان لاڙڪاڻي شهر ۾ سال 1956ع ۾ لاڙڪاڻي جي مشهور تجر باغ ۾ سنڌ جي عظيم صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ورسيءَ جو هڪ شاندار پروگرام ٿيو هو. جيتوڻيڪ پروگرام سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي طرفان ڪيل هو پر پروگرام جو سمورو خرچ ۽ بندوبست ڪامريڊ تاج محمد ابڙو صاحب پنهنجي هٿان ۽ وٽان ڪيو. ڪامريڊ تاج محمد ابڙو کي جيترو به ياد ڪجي اهو گهٽ آهي. اڄ جي دنيا ۾ سچ پچ ته اهڙا املهه ماڻڪ ۽ موتي تمام گهٽ نظر اچن ٿا. جڻ ته اِهي اهڙا پکي هئا، جيڪي آڏامي ويا ۽ هاڻي هر طرف سچن ۽ کرن انسانن جي ڳولا آهي. هر پاسي نفسا نفسيءَ جو دور آهي، جو هاڻي اهڙا جهونجهار ۽ اصولن تي قائم رهندڙ ماڻهو تمام گهٽ رهيا آهن. ڪامريڊ تاج محمد ابڙو هڪ ناقابل فراموش هڪ ناقابل وسارجندڙ شخص هو. ڪيس لاڙڪاڻي جي ماڻهن کي ياد ڪرڻ گهرجي ۽ لاڙڪاڻي جي سنڌي ادبي سنگت کي به ڪيس ياد ڪرڻ گهرجي. شاباس هجي سندس لائق فرزند مير نادر علي ابڙو کي جيڪو هر سال پنهنجي هن عظيم والد ۽ سنڌ جي مهان شخص ڪامريڊ تاج محمد ابڙي کي ياد ڪري ٿو هڪ بيباڪ، بي بها، املهه، بهادر، سچو ۽ کرو وطن دوست، عوام دوست ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سنڌ کي سدائين ياد آهي ۽ انشاءَ الله سدائين ياد رهندو.

قصن ۽ ڪهاڻين تي عملي قدم کڻڻ عقلمند جو ڪم نه آهي!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون اسٽيفن ڪووي جي انهيءَ چوڻيءَ سان شروع ڪريان ٿو جنهن ۾ هُو چوي ٿو ته، 'آهي جيڪي ڄاڻين ٿا پر انهيءَ تي عمل نٿا ڪن. آهي حقيقت ۾ ڪجهه به نٿا ڄاڻين.' جيڪڏهن اسان اسٽيفن ڪووي جي هنن لفظن تي غور ڪريو ته اسان کي پنهنجي معاشري جون گهڻيون حقيقتون سمجهه ۾ اچي وينديون. اڪثر ڪري اِهي لفظ اسان روز ٻڌندا رهون ٿا، يعني پڙهيل لکيل جاهل يا تعليم يافته اڻ پڙهيل. هي اُهي لفظ آهن. جيڪي اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ عمومن استعمال ٿيندا رهندا آهن. هي عوام جو اُهو طبقو آهي جيڪو ڀرپاسي ٿي غير محفوظ دنيا جي افراتفري ۾ اضافي جو باعث بڻجي رهيو آهي. گهڻو ڪري اسان وٽ انهن ماڻهن جي لاءِ اِهو چيو وڃي ٿو ته اِهي ماڻهو ڪجهه به سٺو ڪرڻ جي قابل نه آهن پر آئون انهيءَ کي ڪڏهن به سچ نٿو سمجهان، ڇو ته اوهان ڪڏهن معاشري جي انهيءَ طبقي تي غور ڪيو آهي جيڪو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو پر ڪري نٿو؟ اُهو جيڪو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ جي باوجود پنهنجي ذميدارين کي نظر انداز ڪريو ڇڏي، آهي جن کي ڪرڻ کپي پر نٿا ڪن. هيءُ طبقو اِهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي باوجود نٿو ڪري ۽ پوءِ به تنقيد جو شڪار نٿو ٿئي. حقيقت ۾ اِهوئي طبقو آهي. جيڪو معاشري ۾ حدبنديون قائم ڪري ماڻهن جي ناڪاميءَ جو سبب بڻجي ٿو. افسوس رڳو اِهو آهي ته اسان کي اڪثر بي علم ماڻهن جي جهالت ته نظر اچي ٿي، پر انهن تعليم يافته ماڻهن ڏانهن ڌيان ئي نٿو وڃي. جيڪي پنهنجي ذميدارين کان غافل آهن. دراصل انهن جي اصليت هڪ مخصوص ماحول جي آڙ ۾ لڪيل هوندي آهي. جڏهن ته حقيقت اِها آهي ته قوم جي ناڪاميءَ جو اصل ذميوار به اهوئي طبقو هوندو آهي. انسان جي صفت اِها آهي ته هو فڪري صلاحيت رکي، انسان جي عظمت اِها آهي ته هُو سوچي ۽ سوچ جي تحت پنهنجي عمل جو منصوبو ناهي پوءِ انهيءَ ۾ انسان صحيح به ڪري ٿو غلط به ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته هر انسان پنهنجي سوچڻ جي صلاحيت کي آخري حد تائين بيدار ڪري ته جيئن هن جي سوچ صحيح سوچ رهي ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ هن جو عمل به صحيح عمل رهي، زندگي گذارڻ هڪڙو هنر آهي. جن کي اِهو هنر اچي ويو آهي ٿي دنيا ۾ زندگيءَ جي تعمير ڪري سگهن ٿا ۽ جن کي هيءُ هنر نٿو اچي. انهن جي مقدر ۾ سواءِ ناڪامي جي ٻيو ڪجهه به نه آهي.

جيڪڏهن اوهان مٿي منهنجي لفظن تي غور ڪندا ته اوهان سمجهي ويندا ته زندگيءَ جو سچو معاملو صحيح سوچ يا غلط سوچ جو معاملو آهي. صحيح سوچ ڪاميابيءَ جو ذريعو آهي، جڏهن ته غلط سوچ ناڪاميءَ جو سبب بڻجي ٿي. اِهوئي اصول ماڻهن جي لاءِ به آهي ته اِهوئي اصول قومن جي لاءِ به. جيڪڏهن انسان پنهنجو ذهن کليل رکي، ته صحيح فڪر تائين پهچڻ هن لاءِ هرگز مشڪل نه هوندو پوءِ سندس فطرت پاڻ ئي سندس رهنمائي ڪرڻ لڳندي آهي ۽ ڪائنات ۾ پکڙيل بيشمار نشانيون به جڻ هن کي سبق سيکارڻ ۽ حق جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ تيار ٿي وينديون آهن تاريخ جا تجربا اِهوئي پيغام ڏئي رهيا آهن. تمام علوم انهيءَ جي طرف ئي رهنمائي ڪن ٿا، اهڙي حالت ۾ صحيح طرز فڪر کان محروم اهوئي انسان رهي سگهي ٿو جيڪو اکين هجڻ جي باوجود نه ڏسي سگهندو هجي، جيڪو ڪن هجڻ جي باوجود نه ٻڌي سگهندو هجي، جيڪو عقل هجڻ جي باوجود سمجهڻ جو انڪاري هجي، انهي ڪري سوئيٽزرليند ۾ جنم وٺندڙ دنيا جو مشهور جمهوري مفڪر طور سڃاتو ويندڙ روسو پنهنجي مشهور ڪتاب 'سوشل ڪانٽريڪٽ' جو آغاز انهيءَ جملي سان ڪري ٿو ته، 'انسان آزاد پيدا ٿيو هو پر آئون هن کي زنجيرن ۾ ٻڌل ڏسان پيو' انهيءَ سان گڏوگڏ آئون عرض ڪريان ته انسان جو هڪڙو ٻيو مسئلو به آهي جيڪو شايد انهيءَ کان به وڌيڪ سنگين آهي ۽ اُهو آهي ماحول، يعني هر مرد ۽ عورت ڪهڙي ارد گرد جي ماحول ۾ رهن ٿا؟ اردگرد جي ماحول جي نسبت سان هر هڪ جو ذهن تيار ٿئي ٿو. جيڪو هنن کي صحيح سوچ ڏئي ٿو، صحيح فڪر ڏئي ٿو يا ته هنن کي صحيح سوچ ۽ صحيح فڪر کان محروم ڪريو ڇڏي، جنهن جو نتيجو اِهو نڪري ٿو جو پوءِ ماڻهو انهيءَ قابل نٿو رهي جو هُو فطري انداز ۾ سوچي سگهي. انهيءَ مسئلي کي ڏسندي روسو جي انهيءَ مٿئين جملي کي وڌيڪ بهتر انداز ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته، 'انسان آزاد پيدا ٿئي ٿو پر ماحول هن کي پاڻ جهڙو بڻايو ڇڏي ٿو.' هن سوچ جي مطابق ماحول اصل انسان جي مٿان هڪ مصنوعي پردي جي حيثيت رکي ٿو جيڪڏهن انهيءَ پردي کي هٽايو وڃي ته انسان جي اصل شخصيت سامهون اچي ويندي.

ياد رکو جيڪو انسان سچائيءَ جو طالب آهي انهيءَ تي لازم آهي ته هُو پاڻ تان اِهو مصنوعي پردو لاهي ته جيئن هن جي اصل شخصيت دنيا جي اڳيان ظاهر ٿئي. اِهوئي اُهو عمل آهي جيڪو انساني شخصيت جي تعمير ۾ اصل فيصلو ڪندڙ آهي. انهيءَ عمل مان اِهو فيصلو ٿئي ٿو ته ڪهڙو انسان منفي شخصيت رکي ٿو ۽ ڪير مثبت شخصيت جو مالڪ آهي. ياد رکو ته سٺي سوچ سان ئي صحيح آغاز ملي ٿو ۽ صحيح آغاز ئي صحيح نتيجي تائين پهچائي ٿو. مٿان ڪا به شيءِ ٽٽي ٿي ته آها زمين تي ڪري ٿي، پوءِ چاهي اُهو صوف هجي يا ٻيو ڪجهه. اِهو سلسلو صدين کان جاري آهي ۽ رهندي دنيا تائين جاري رهندو پر اِهو سڀ ماڻهن کي هڪ عام رواجي طور تي نظر ٿي آيو ته ڪا به شيءِ مٿان ڪرندي ته زمين تي ايندي، هنن جي لاءِ انهيءَ ۾ سوچڻ جي ڪا به ڳالهه نه هئي ڇو ته جيڪو ٿي رهيو آهي اُهو ٺيڪ آهي. نيوٽن اُهو ڀرپور شخص ته نه هو جنهن تاري مان صوف کي ٽٽندي ڏٺو؟ اِهو سلسلو ته صدين کان جاري هو پر ها نيوٽن اُهو ڀرپور شخص ضرور هو جنهن صوف کي تاري مان ٽٽڻ کانپوءِ زمين تي ڪرندي ڏٺو، تڏهن هُو سوچڻ لڳو ته ائين ڇو ٿيو. هن جي ذهن ۾ اِهو خيال آيو ته صوف تاري مان ٽٽڻ کانپوءِ هيٺ زمين تي ڇو ڪريو، ڇو مٿي آسمان ڏانهن ڇو نه ويو؟ اِها سوچ بظاهر انوکي سوچ هئي پر انهيءَ سوچ جي ذريعي نيوٽن هڪڙي حقيقت تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته زمين ۾ ڇڪڻ جي سگهه آهي. جنهن جي ڪري ئي مٿان واري شيءِ زمين تي ڪري ٿي، انهيءَ مان اوهان اندازو لڳايو ته زندگي ۾ سوچ جي ڪيتري اهميت آهي. حقيقت اِها آهي ته سوچڻ جي ئي ذريعي ڪافي حقيقتون انسان جي اڳيان ظاهر ٿين ٿيون. سوچ جي ذريعي ئي ڪنهن ڪم جي تدبير ڪرڻ جي حڪمت عملي طئي ٿئي ٿي، سوچ جي ذريعي ئي ناڪامي کي ڪاميابي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو سوچ جي ذريعي اِهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ڪو انسان ماضي ۽ حال تي غور ڪري مستقبل جي لاءِ بهترين حڪمتِ عملي ناهي. جنهن جي مثال آئون عرض ڪريان ته انگريز 19هين صدي ۾ عراق ۾ داخل ٿي چڪو هو. 1917ع ۾ هنن بغداد کي فتح ڪيو. انهيءَ کانپوءِ اُتي هڪڙو انگريز ڪونسلر مقرر ڪيو ويو جيڪو اُتي رهڻ لڳو. انگريز ڪونسلر جڏهن شروع ۾ بغداد ۾ آيو ته هن صبح جي وقت محسوس ڪيو ته هن جي رهائش جي ٻاهران عراقين جي گوڙ جي آواز اچي رهي آهي. انگريز ڪونسلر هڪدم پنهنجي مقامي سيڪريٽري کي سڏيو ۽ هن کان پڇڻ لڳو ته هيءُ گوڙ ڇا جو آهي، اِهو ٻڌي اُن سيڪريٽري جواب ڏنو ته هيءُ مسلمانن جي صبح جي عبادت جو وقت آهي. انهي ڪري هُو مسجدن ۾ اذان ڏئي سُتل مسلمانن کي بيدار ڪري رهيا آهن ته هُو نماز لاءِ مسجدن ۾ اچي نماز پڙهي سگهن. اِهو ٻڌي انهيءَ ڪونسلر پنهنجي مقامي سيڪريٽري کان پڇي ٿو ته انهيءَ سان برٽش ايمپائر کي ته ڪو خطرو نه آهي؟ تڏهن مقامي سيڪريٽري جواب ڏنو ته انهيءَ ۾ ڪا به خطري جي ڳالهه نه آهي، اِهو ٻڌي ڪونسلر چوڻ لڳو پوءِ هُو جيڪي ڪن ٿا هنن کي ڪرڻ ڏيو.

ياد رکو ته انساني سماج ۾ گهڻا تڪرار لفظن کان ئي شروع ٿيندا آهن. ماڻهو پنهنجي خلاف ڪجهه ٻڌڻ جي لاءِ تيار ئي نه آهن. هُو مخالفانه الفاظ ٻڌيو هڪدم ماڻهپي کان ٻاهر نڪريو وڃن ٿا. اُتي سٺي سوچ ساٿ ڏيڻ ڇڏيو ڏئي ۽ پوءِ اِها سوچ انتقام وٺڻ جي لاءِ بي چين ٿيو پوي. ياد رکو بڇڙو عمل هميشه بڇڙي سوچ جو نتيجو هوندو آهي. جيڪڏهن اوهان ڪامياب بڻجڻ چاهيو ٿا. جيڪڏهن اوهان پنهنجي معاشري کي دنيا جي ڪامياب معاشرن جيان ڏسڻ چاهيو ٿا ته پوءِ انهي جو سلجهائو اِهو آهي ته خراب حالتن ۾ به سٺي سوچ قائم رکي وڃي. بڇڙي عمل جو جواب به سٺي انداز ۾ ڏنو وڃي. انهيءَ جو بهترين طريقو اِهو آهي ته جڏهن به اوهان ڪا ناخوشگوار ڳالهه ٻڌو ته اِهو سوچيو ته ڇا اِهو صرف لفظن جو معاملو آهي يا هُو حقيقي معنيٰ ۾ اوهان کي نقصان پهچائڻ وارو آهي؟ جيڪڏهن انهيءَ مان ڪنهن حقيقي نقصان جو انديشو هجي ته انهيءَ جو تدارڪ ڪجي ورنه انهيءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. اختلافي معاملات ۾ بهترين حڪمتِ عملي اِها آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص اوهان جي لاءِ حقيقي خطرو بڻجي رهيو هجي ته انهيءَ جو مقابلو ڪجي ۽ هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪجي پر جيڪڏهن هُو صرف لفظن جي حد تائين هجي ته پوءِ اوهان جا جذبات ڪيترا به مجروح ٿين هن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ياد رکو جذباتن جي مجروح ٿيڻ ۾ ڪا به نقصان جي ڳالهه نه آهي. اها رڳو هڪ خيالي ڳالهه آهي ۽ خيالي ڳالهين. قصن يا ڪهاڻين جي بنياد تي عملي قدم کڻڻ ڪنهن به عقلمند ماڻهوءَ جو ڪم نه آهي. ياد رکو اسان جو معاشرو ترقي يافته معاشرو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان جي معاشري جي هر فرد جي سوچ سٺي هوندي ورنه هڪ مشهور چوڻي آهي ته: 'اونداهه جي سڀ کان خطرناڪ شڪل بڇڙي سوچ هوندي آهي. جيڪا اُميد جو هر ڏيئو اُجهائي ڇڏيندي آهي.' ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، ڪنهن به قوم جي ترقيءَ جي معاملي ۾ بنيادي ڳالهه اِها آهي ته هُو سٺي سوچ سان محنت ڪن ڇو ته دنيا ۾ ڪاميابي جو واحد رستو محنت ئي آهي!

برآمدات ڪيئن وڌايون؟

ڪاشف اشفاق

پاڪستان جون برآمدون (پرڏيهه ڏانهن موڪليل شيون) گذريل ڪيترن ئي سالن کان لڳ ڀڳ ساڳي سطح تي بيٺل آهن ڪڏهن ٿوري واڌ ٿئي ٿي ته ڪڏهن ٿوري گهٽتائي. پر ڪا وڏي اڳڀرائي نظر نٿي اچي وڌيڪ ڳڻتي جي ڳالهه اِها آهي ته مالي سال 2026ع دوران ملڪ جي برآمدن ۾ پنج سيڪڙو کان به وڌيڪ، يعني لڳ ڀڳ ساڍا پنج سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي انهيءَ سبب گذريل مالي سال دوران پاڪستان جو ڪُل واپاري خسارو لڳ ڀڳ 39.5ارب آمريڪي ڊالر تائين پهچي ويو. جيڪڏهن مختلف شعبن جي لحاظ کان جائزو وٺجي ته خبر پوي ٿي ته پاڪستان جي برآمدن ۾ سڀ کان وڏو حصو ٽيڪسٽائيل (ڪپڙي جي صنعت) جو آهي پر گذريل مالي سال دوران ان شعبي جي برآمدن ۾ ڪا خاص واڌ نه ٿي جڏهن ته خوراڪ (فوڊ گروپ) جي برآمدن ۾ لڳ ڀڳ 29.5سيڪڙو گهٽتائي آئي ٻئي طرف آءِ ٽي ۽ خدمتن (سروسز) واري شعبي سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري، ان شعبي جون برآمدون 21سيڪڙو وڌي 4.6ارب ڊالر تائين پهچي ويون ساڳي ريت رانڌين جي سامان خاص ڪري فٽبالن جي برآمدن ۾ به 11سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي.

هنن انگن اکرن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته حڪومت جي ڪوششن باوجود پاڪستان جون برآمدون عملي طور تي اڳتي وڌڻ بدران بيهڪ جو شڪار آهن ٻئي طرف لڳ ڀڳ 39.5ارب ڊالر جو واپاري خسارو ٻڌائي ٿو ته درآمدن ۽ برآمدن جي وچ ۾ وڌندڙ فرق ملڪ جي معيشت تي لڳاتار بار وجهي رهيو آهي ان کان علاوه، مالي سال 2026ع دوران برآمدن ۾ ساڍا پنج سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽتائي ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته رڳو روايتي برآمدي شعبن خاص ڪري ٽيڪسٽائيل تي ڀاڙڻ سان برآمدن ۾ گهربل واڌ آڻڻ ممڪن ناهي جيتوڻيڪ آءِ ٽي سروسز ۽ رانڌين جي سامان جي برآمدن ۾ واڌ هڪ سٺي ۽ همٿائيندڙ ڳالهه آهي پر جيڪڏهن پاڪستان کي برآمدن تيزيءَ سان ۽ ڊگهي عرصي تائين وڌائڻيون آهن ته پوءِ نون شعبن ڏانهن به ڌيان ڏيڻو پوندو ان حوالي سان فيشن فرنيچر، قيمتي پٿرن ۽ زيورن (جيمز اينڊ جيولري) ۽ هٿ جي هنر (هينڊي ڪرافٽس) جهڙن شعبن تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڇو ته انهن شعبن ۾ پاڪستان وٽ وڏي صلاحيت موجود آهي دنيا ۾ انهن شين جي مارڪيٽ اربين ڊالرن تي ٻڌل آهي. پر پاڪستان اڃا تائين ان مان خاطرخواهه فائدو حاصل نه ڪري سگهيو آهي پاڪستان جي فيشن انڊسٽري هن وقت ملڪ اندر تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي ڪيترائي مقامي برانڊ عالمي معيار جا ڪپڙا تيار ڪري رهيا آهن پر انهن جي عالمي مارڪيٽن تائين پهچ اڃا محدود آهي جيڪڏهن حڪومت پاڪستاني برانڊن کي عالمي فيشن شوز ۾ شرڪت جا موقعا فراهم ڪري، انهن کي اي ڪامرس پليٽ فارمن تائين رسائي ڏياري ۽ 'ميڊ اِن پاڪستان' برانڊ کي عالمي سطح تي هٿي وٺرائي، ته تيار ٿيل ڪپڙن ۽ ڊزائنر لباس جي برآمدن ۾ نمايان واڌ ٿي سگهي ٿي ساڳيءَ ريت پاڪستان ۾ ڪاٺ، بانس، ڌاتو ۽ ٻين خام مال مان اعليٰ معيار جو فرنيچر تيار ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي وچ اوڀر، يورپ ۽ اتر آمريڪا ۾ وڏي مارڪيٽ موجود آهي پر جديد ڊزائن، عالمي معيار جا سرٽيفڪيٽ ۽ مضبوط برانڊنگ نه هجڻ سبب هيءُ شعبو پنهنجي پوري صلاحيت سان اڳتي نٿو وڌي سگهي جيڪڏهن حڪومت فرنيچر ٺاهيندڙن کي جديد مشينري، ڊزائن سينٽر ۽ عالمي مارڪيٽن تائين رسائي لاءِ بهتر سهولتون فراهم ڪري، ته اِها صنعت نه رڳو لکين ڊالرن جي اضافي برآمدن جو سبب بڻجي سگهي ٿي، پر ملڪ اندر هزارين ماڻهن لاءِ روزگار جا نوان موقعا به پيدا ڪري سگهي ٿي پاڪستان ۾ قيمتي پٿرن ۽ زيورن (جيمز اينڊ جيولري) جو شعبو به برآمدون وڌائڻ لاءِ تمام اهميت رکي ٿو، ڇو ته ملڪ جا جابلو علائقا قيمتي ۽ نيم قيمتي پٿرن جي قدرتي ذخيرن سان مالا مال آهن پاڪستان جا زمرد، ياقوت، ٽوپاز، ايڪواميرين ۽ ٻيا قيمتي پٿر سڄي دنيا ۾ پسند ڪيا وڃن ٿا، پر انهن مان گهڻا پٿر بنا ڪنهن وڌيڪ تياري جي خام حالت ۾ ئي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليا وڃن ٿا. جيڪڏهن ملڪ اندر ئي انهن پٿرن جي ڪٽائي، پالش، ڊزائننگ ۽ زيور ٺاهڻ واري صنعت کي جديد بڻايو وڃي ۽ هٿي ڏني وڃي ته انهن ئي پٿرن مان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آمدني حاصل ڪري سگهجي ٿي ٿائيلينڊ ۽ ڀارت ان جا بهترين مثال آهن جتي ٻاهران آيل پٿرن کي به وڌيڪ قيمتي بڻائي (ويليو ايڊ ڪري) اربين ڊالرن جا زيور تيار ڪري دنيا جي مختلف ملڪن ڏانهن برآمد ڪيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح پاڪستان جون هٿ جي هنر واريون شيون (هينڊي ڪرافٽس) به برآمدون وڌائڻ جو هڪ اهم ذريعو بڻجي سگهن ٿيون مثال طور پنجاب جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ سرڪندن مان ٺهندڙ گهريلو سامان بلوچستان جو هٿ جو ڀرت (بلوچي ڪڙهائي)، سنڌ جي اجرڪ ملتان جي نيري مٽيءَ جا ٿانوَ ۽ ٻيون شيون، چنيوٽ جو فرنيچر، اٽڪ جي ڪُل مان ٺهيل شيون، هٿ سان اُڻيل قالين ۽ ٻيون دستڪاريون عالمي مارڪيٽ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکن ٿيون جيڪڏهن انهن شين کي آن لائن (ڊيجيٽل) مارڪيٽن، عالمي نمائشن ۽ سياحت واري شعبي سان ڳنڍيو وڃي ته هڪ طرف ڳوٺاڻن علائقن جي معيشت مضبوط ٿيندي ۽ ٻئي طرف پاڪستان جي برآمدن ۾ به نمايان واڌ آڻي سگهجي ٿي.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏِٺِ ڏِرِي پَٽِ پِيئون، ڪِيا وِڄڙِنِ وارا،
اُنا گهٽِي اوڙِ سين، ڪَڪَرَ جي ڪارا،
وَاجِدَ وَسِڪارا، چَوڏارِي ڇَگَا ڪِيا.

لطيف سائين هتي اسان کي مينهن جي مجموعي ۽ سٺائي واري صورتحال کان آگاهي ڏئي ٿو ته "جڏهن ساڻوڻي جو مينهن ڏٺ وارو علائقو وسائي، هاڻي اتان کان ڦيرو ڪاٽي پٽن تي اچي ڪوٺن زور شور سان ڪجهڻ شروع ڪيو آهي اڀ تي ڇانيل ڪارن ڪڪرن واهه جو مينهن جا وسڪارا ڪيا، جل ٿل هڪ ڪري ڇڏيائون الله سائين مهر جا مينهن چوطرف ڇڳا ڇاڻا وسايا آهن. جنهن ڪري ماڻهو، مال پکي پکڻ وڻ ٽڻ سرها آهن ملوڪ سنگهار خوش آهن. هاڻي ڌرتي ساوا ويس ڍڪيندي، مال متاع لاءِ قدرت آساني پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻ هر ڪو خوش خوش ٿي پنهنجو گذران ڪندو.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 08 آگسٽ

فقير هادي بخش مغل

فقير هادي بخش مغل پنهنجي دور جو وڏو صوفي شاعر ۽ حضرت سچل سرمست رحه جي درگاهه جو سچو مريد هو. هن جو جنم 8 آگسٽ 1975ع تي شڪارپور ۾ نظر محمد مغل جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور جي ورنيڪيولر اسڪول نمبر 2 ۾ حاصل ڪئي ۽ ساڳئي شهر جي اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. هن ڪلارڪ طور نوڪريءَ جي ابتدا ڪئي ۽ سب رجسٽرار جو عهدو ماڻي رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پنهنجو گهڻو وقت حضرت سچل سرمست جي درگاهه جي سجاده نشين صوفي قبول محمد (ٻيو) جي خدمت ۾ گذاريائين. هر سومر ۽ خميس جي رات سندس اوطاق تي صوفي راڳ جي محفل مچندي هئي. جنهن ۾ پاڻ به ڳائيندو هو. فقير هادي بخش هڪ پهلوڙ صوفي شاعر هو. سندس ڪلام ۾ بيت، تحريفيون، ڪافيون ۽ ٻيو ڪلام شامل هو. شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن "جوهر توحيد" ۽ "ترضيب الطالبين" نالي ڪتاب لکيا. ان کان علاوه هن سچل جي فارسي مثنوين "رازنامه"، "رهبر نامه"، "گدازنامه" ۽ "نار نامه" جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو. هو 28 جولاءِ 1949ع تي ابدي راهه تي روانو ٿي ويو.

ايوب ڪمل



اڄ ٺٽي ڪنڊ جي مشهور غزل گو شاعر ۽ نثر نويس ايوب ڪمل جي جنم جو ڏينهن آهي. ايوب ڪمل جو پورو نالو مولچند منگهارام بندراڻي هو ۽ سندس جنم 8 آگسٽ 1925ع تي سنڌ جي شهر ڪنڊياري ۾ ٿيو. انٽر سائنس جو امتحان ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ الهاسنگر جا وڻ وڃي وسايائين. اردوءَ جي مشهور شاعر مير تقي مير جي شاعري پڙهي هن کي به شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳيو. سندس پهرين ڪوتا 1952ع ۾ شايع ٿي. هن جي شاعري وڌيڪ پڪي پختي تڏهن ٿي جڏهن ناميارو شاعر ليکراج عزيز کي شاعريءَ ۾ پنهنجو استاد قبول ڪيائين. شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين پر غزل سندس سڀ کان پسنديده صنف رهيو. هن 700 کان مٿي غزل لکيا جيڪي مختلف فنڪارن ڳايا به آهن. هن جي شاعريءَ جا لڳ ڀڳ 25 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هو هڪ وڏو ناٽڪ نويس هو ۽ لڳ ڀڳ 40 ڊراما لکيائين. هن جي شاعري ۽ ناٽڪن جو انگريزي، مرهٽي ۽ هنديءَ ۾ به ترجمو ٿي چڪو آهي. 1989ع ۾ هن کي ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ سان نوازيو ويو. ٺٽي ڪنڊ جي هن ناليواري اديب 03 فيبروري 2010ع تي هن دنيا کان موڪلايو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

اڄ مشهور اديب، محقق ۽ لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر الهداد ٻوهيءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي. هن ناليواري انسان جو جنم تعلقي وارهه ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ پيچوها ۾ 8 آگسٽ 1934ع تي ٿيو. سندس والد جو نالو محمد علي ٻوهيو هو هن ابتدائي تعليم ڀريائين پنهنجي ڳوٺ مان ۽ ان بعد وڳڻ ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان پائلٽ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي ٽي، بي اي، ايم اي (انگريزي) ۽ ڊاڪٽريٽ جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ نوڪريءَ سان ڪيائين ۽ اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر جو عهدو ماڻيائين. هن ادبي ڪيتر ۾ هڪ شاعر جي حيثيت ۾ پير پاتو شاعريءَ ۾ "عاصم" تخلص استعمال ڪيائين ۽ سندس شاعريءَ جو مجموعو "جونديءَ ڪٺو ڪٺو" ڇپيو انهيءَ بعد شاعريءَ کي ڇڏي هن لسانيات ۽ علم تحقيق جهڙن اهم موضوعن تي قلم کنيو. سندس مقالا سنڌ جي ساک ڀرين رسالن جي سونهن بنيا. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ "تنقيدون"، "علم تحقيق"، "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" ۽ "ادب جا سماجي محرڪ" شامل آهن. سندس لکڻين تي مشتمل ڪتاب "ٻوهئي جون تحريرون" آزاد انور ڪانڌڙي ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي. هن 16 جولاءِ 1994ع تي دم ڌڻي حوالي ڪيو.

حاجي هارون ميمڻ

اڄ سنڌ جي مشهور سرڪاري آفيسر حاجي هارون ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 8 آگسٽ 1939ع تي مٽياريءَ ۾ ڄائو. حاجي هارون ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنيون. انهن عهدن ۾ سب ڊويزنل مئجسٽريٽ، ڊپٽي ڪمشنر ۽ روينيو بورڊ جو ميمبر شامل آهن. پاڻ حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي جو ڪمشنر پڻ رهيو. ان کان علاوه سنڌ جي وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري پڻ رهيو. هن 19 مارچ 2005ع تي وفات ڪئي.

پروفيسر خدا ڏنو سومرو

پروفيسر خدا ڏنو سومرو رياضيءَ جو ماهر پروفيسر هو. هن کي عام طور تي ڪي ڊي سومرو جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن ناميارو تعليمدان جو جنم 8 آگسٽ 1950ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن جي والد جو نالو خان محمد سومرو هو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1971ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ 1973ع ۾ ماسٽر آف سائنس جي سند حاصل ڪئي. اڳتي هلي 1981ع ۾ انگلينڊ جي سائوٿمپٽن يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. هن پنهنجي پيشه ورانه زندگيءَ جي شروعات 1971ع ۾ ليڪچرار طور ڪئي. 1985ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. هو انهيءَ يونيورسٽيءَ جي رياضي ۽ فزڪس وارن شعبن جو چيئرمين پڻ رهيو. ان کان علاوه ريسرچ جي ڊائريڪٽر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنائين. هو رياضيءَ جهڙي اهم مضمون جو وڏو ماهر هو ۽ رياضيءَ سان لاڳاپيل عنوانن تي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيائين. هن هڪ ڪتاب Finite Primitive Permutation Groups نالي پڻ لکيو. جيڪو 1981ع ڌاري ڇپجي پڌرو ٿيو. هن 19 فيبروري 2012ع تي هي جهان ڇڏيو.

حافظ عطا حسين حافظ ٻجاراڻي

هن ناميارو شاعر 8 آگسٽ 1958ع تي ٽنگواڻي تعلقي جي ڳوٺ حاجي علي بخش خان ٻجاراڻيءَ ۾ آدم خان ٻجاراڻيءَ جي گهر پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن ننڍي ڄمار ۾ ئي قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسيءَ جا ابتدائي سبق به پڙهي پڪا ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪنڌڪوٽ مان پاس ڪيائين. ان بعد سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام مان گريجوئيشن ڪري زرعي ترقياتي بينڪ ۾ ايم سي او مقرر ٿيو. اڳتي هلي ساڳيءَ بينڪ جي مئنيجر جو عهدو ماڻيائين. ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو شاعريءَ ۾ ناظم منگيءَ کان اصلاح وٺندو هو. هن جي ڇپيل شاعريءَ جي مجموعن ۾ "آغاز جا انجام جا" ۽ "حسرتون باقي رهيون" شامل آهن. هو هڪ سٺو راڳيندڙ پڻ آهي.

مختيار انڙ

ساجد ٽڪوائي

هن ناميارو شاعر جو جنم 8 آگسٽ 1976ع تي ٽنڊي محمد خان ضلعي جي تاريخي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ ٿيو. سندس پورو نالو ساجد الله ولد نور احمد ڳنهيير آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان دارالعلوم هاءِ اسڪول ٽنڊي محمد خان مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان مسلم ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي بي اي، ايل ايل بي ۽ ايم بي اي جون سندون حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات پوليس کاتي ۾ اي ايس آءِ طور ڪئي. هو هڪ سٺو شاعر آهي پر سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو اڃا ڇپجي نه سگهيو آهي.

مرزا علي بخش ڪوثر

هن نامور مرثيه ۽ غزل گو شاعر جو جنم 27 ڊسمبر 1911ع تي مرزا دوست محمد بيگ جي گهر ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ جي صحت کاتي ۾ نوڪري ڪيائين ۽ ايڊمنسٽريٽر آفيسر جو عهدو ماڻيائين. هڪ ادبي گهراڻي سان واسطو رکڻ سبب هن ننڍي هوندي کان ئي شاعري شروع ڪئي. 15 ورهين جي ڄمار ۾ هن جو شمار سنڌ جي قادرالڪلام مرثيه گو شاعرن ۾ ٿيڻ لڳو. گڏوگڏ غزل جي دنيا ۾ به چڱو نالو ڪمايائين. هن کي ننڍي هوندي کان ئي مرزا قليچ بيگ، مرزا قربان علي بيگ، احسن ڪربلائي ۽ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل جهڙن ڪهنه مشق اديبن جي سرپرستي ۽ صحبت نصيب ٿي، جنهن سندس شاعريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. هن جي شاعريءَ جو مجموعو "ڪاسئه ڪوثر" جي نالي سان موجود آهي. ان کان علاوه سندس آتم ڪٿا "حيات ڪوثر" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. مرزا علي بخش ڪوثر 8 آگسٽ 1961ع تي هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ منهن موڙي ڇڏيو.

عزيزالله مجروح

عزيزالله مجروح پنهنجي دور جو هڪ پهلوڙ شاعر هو. سندس جنم تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ جادي ڪلهوڙي ۾ ٿيو. سندس جنم جي صحيح تاريخ معلوم ناهي پر هڪ اندازي موجب سندس جنم 1927ع ڌاري ٿيو. ڪيس ننڍي هوندي کان ئي ڪتابن پڙهڻ ۽ شاعريءَ جو شوق هو. سندس ذاتي لائبريريءَ ۾ سون جي تعداد ۾ سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪتاب موجود هئا. سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي وطن سان محبت ۽ قوم جي خدمت جا جذبا نمايان نظر اچن ٿا. هن ٽي ڪتاب تصنيف ڪيا جن ۾ "نالئه دل"، "داستان مجروح" ۽ "افڪار مجروح" شامل آهن. هن ناميارو شاعر 8 آگسٽ 1961ع ۾ فقط 35 سالن جي ڄمار ۾ هن دنيا مان موڪلايو.

حاجي خان تبسم

اڄ لاڙ جي مشهور شاعر حاجي خان تبسم جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي. هن جو جنم 30 مارچ 1948ع تي سڄاول ضلعي جي مشهور شهر دڙي ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو ناٿو جماڻي هو هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ ٽپال کاتي ۾ پوسٽ ماسٽر طور نوڪري ڪيائين. هن 1971ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شاعريءَ سان گڏ ڪجهه ڪهاڻيون به لکيائين ۽ ترجما به ڪيائين. هو سنڌي ادبي سنگت جي دڙي شاخ سان لاڳاپيل هو. هن 8 آگسٽ 1994ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو. سندس شاعريءَ جو هڪ نمونو يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب "پسي تنهنجي تجلي (دڙي جي شاعرن ۽ اديبن جو تذڪرو)" ۾ ڏنل آهي.

انيتا غلام علي

اڄ مشهور تعليمي ماهر انيتا غلام عليءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 2 آڪٽوبر 1934ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هوءَ جسٽس فيروز نانا جي ڌيءَ ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڏهٽي هئي. هن ابتدائي تعليم ڪراچيءَ جي سينٽ لارنس اسڪول مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. هن ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي ايس سي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان مائڪرو بائلاجيءَ ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات 1961ع ۾ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ۾ ليڪچرار طور ڪيائين. هوءَ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جي ميمبر رهي. 1985ع ۾ اقوام متحده جي هڪ ڪانفرنس ۾ پاڪستاني وفد جي ڊپٽي ليڊر طور شرڪت ڪيائين. هوءَ سنڌ جي نگران حڪومت ۾ ٻه ڀيرا تعليم جي وزير به رهي. هوءَ لڳ ڀڳ ويهه سال سنڌ سرڪار جي "سنڌ ايڊيوڪيشن فائونڊيشن" جي به سربراهه رهي. هن 8 آگسٽ 2014ع تي وفات ڪئي.

علي بابا

اڄ سنڌي ٻوليءَ جي مهان ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر علي بابا جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن 1940ع ۾ ڪوٽڙيءَ ۾ محمد رمضان رند جي گهر ۾ اکيون کوليون. هن پرائمري تعليم ڪوٽڙيءَ جي نانگو لائين ميونسپل اسڪول مان حاصل ڪئي. ان بعد ميونسپل هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ ۾ ڏهين ڪلاس تائين پڙهيو پر مئٽرڪ جي امتحان دوران هڪ ڇوڪر کي پونڊو ڏيڻ سبب هڪ استاد ڪيس ڪلاس مان ڪڍي ڇڏيو ان بعد وري اسڪول جو منهن نه ڏٺائين. هن ڪجهه عرصو ريلوي کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪم ڪيو. ان بعد ٽيڪسٽائيل مل ۾ اسسٽنٽ مئنيجر طور ڪم ڪيائين پر ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڏنائين. هن 1960ع ڌاري ادبي دنيا ۾ پير پاتو. سندس پهرين ڪهاڻي 1960ع ۾ مهراڻ رسالي ۾ ۽ آخري ڪهاڻي 2016ع ۾ شايع ٿي. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "ڌرتيءَ ڌڪاڏا" 1983ع ۾ ۽ ٻيو مجموعو "آيل ڙي اولاڻا" 1984ع ۾ ڇپيو. انهن ٻنهي مجموعن ۾ شامل ڪهاڻين ۽ ڪجهه نين ڪهاڻين کي ملائي "منهنجون ڪهاڻيون" جي عنوان سان ڪتاب 1994ع ۾ شايع ٿيو. 2017ع ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو "جنم ڀومي شمشان ڀومي" شايع ڪيو ويو. هن جو لکيل ناول "موهن جو دڙو" سنڌي ادب جو اهم شاهڪار آهي. هن ٻارن لاءِ "سندباد جو سفر" پڻ لکيو. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ لڳ ڀڳ 100 شاهڪار ڊراما لکيا. سندس ڊرامي "دنگي منجهه درياهه" کي 1978ع ۾ جرمنيءَ جي شهر ميونخ ۾ منعقد ٿيندڙ ڊراما فيسٽيول ۾ 89 ملڪن مان ٽيون نمبر انعام مليو هو هڪ عظيم شاعر پڻ هو. هن مهان ليکڪ 8 آگسٽ 2016ع تي وفات ڪئي. سنڌ سرڪار گورنمينٽ ڪاليج ڪوٽڙيءَ جو نالو 2016ع ۾ علي بابا جي نالي سان منسوب ڪيو. 2017ع ۾ سنڌ الاجي ڄامشوري ۾ سندس نالي سان ڪارنر جو افتتاح ڪيو ويو.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر1362 سال 2026

مسمات فرزانه ڌيءِ محمد اسماعيل رهاڪو گهر نمبر A-06 پام ريزيڊنسي هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد حيدرآباد 4130687556228 .. پلينٽف.بخلاف. ڊاڪٽر فضل الاهيٰ ولد عبدالله رهاڪو محلہ ماشاءالله سي اين جي عمرڪوٽ... . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف . نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ٽنڊو الهيار
(روبرو مس حميرا شوڪت)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

سوهڻي زال حاجي امام بخش ذات خاصخيلي رهاڪو ڳوٺ حاجي گل محمد ڪوريڪي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار. پلينٽف.بخلاف. امام بخش ولد گل محمد ذات خاصخيلي رهاڪو ڳوٺ حاجي گل محمد ڪوريڪي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف ڊاور اماؤنٽ اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 42 سال 2026

مسمات Shaina ڌيءِ لکو ذات لغاري رهاڪو ڳوٺ احمد خان لغاري ديهه 203 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص. پلينٽف.بخلاف. نور حسن ولد امام بخش ذات لغاري رهاڪو ڳوٺ عبدالله لغاري ديهه 203 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپور خاص ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 33 سال 2026

مسمات آمنا ڌيءِ رسول بخش زال نياز حسين قمبراڻي وينل وارڊ نمبر 03 سيتا روڊ تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو. پلينٽف.بخلاف. نياز حسين ولد گل حسن قمبراڻي وينل وارڊ نمبر 3 تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 351 سال 2026

مسمات ميمونا ڌيءِ محمد عبدالواحد ڪوسو رهاڪو ڳوٺ مير نبي بخش ڪوسو پي او گهنجائي تعلقو دوڙ. پلينٽف.بخلاف. عبدالستار ولد عبدالشڪور ڪوسو رهاڪو ڳوٺ دوست محمد ڪوسو تعلقو دوڙ Whatsapp No. +966575078183. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر 92 سال 2026

مسمات تسليم خان بيواهه عمران خان رهاڪو گهر نمبر 24 نزد عمر بن خطاب مسجد پنگوار محلہ نوابشاهه. ايپليڪينٽ.بخلاف. نور محمد ولد لال خان پٺاڻ رهاڪو گهر نمبر 24 نزد عمر بن خطاب مسجد پنگوار محلہ نوابشاهه (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج . ايونٽس

.مٿين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن ٻالي (1) فرحت خان (2) علي محمد جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج ڄامشورو
(روبرو جناب عمران)
ايف سي سوٽ نمبر 08 سال 2025

مسمات ثمينه زال مرحوم حاڪم ڌيءِ مرحوم محمد ابراهيم ذات رند رهاڪو ڳوٺ وڏيرو پير داد خان دنيار زئي ڄامشورو. پلينٽف.بخلاف.(1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) انچارج/ مينيجر نادرا ڪوٽڙي (3) سيڪريٽري انٽريئر اسلام آباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان
(روبرو جناب انعام علي ڪلهوڙو)
سول اپيل نمبر 33 سال 2026

محراب خان ولد سهراب خان رهاڪو گهر نمبر R-52 ايزي سٽي سامهون قائد اعظم پارڪ بن قاسم ٽائون ملير ڪراچي. اپيلانٽ.بخلاف.(1) احمد نواز (2) ربنواز (3) آصف نواز سڀ پٽ عبدالواحد خان ابڙو رهاڪو ڳوٺ عبدالواحد خان نوناري پي او هٽڙي ضلعو حيدرآباد حال رهاڪو ايٽ ابڙا فارم هائوس چمبڙ روڊ نزد فاران شوگر مل شيخ پرڪيو ضلعو ٽنڊو محمدخان (4) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد (5) مختيارڪار ٽنڊو محمد خان (6) سب رجسٽرار ٽنڊو محمد خان. ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس نمبر 1 کان 3 ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيلانٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي پي درخواست زير قلم XXXIX رول 1 ۽ 2 آر ڊبليو سيڪشن XLIرول 5 اينڊ سيڪشن 151 سي پي سي تحت چيلنج ڪيوآهي آرڊر تاريخ 10-07-2026 کي جيڪو سينئر سول جج 1 ٽنڊو محمد خان پاس ڪيو ايف سي سوٽ نمبر 122 سال 2025 ۾ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿي ڏجي ته اٿئون آصف علي ولد عطا محمد سيال شناختي ڪارڊ نمبر 45302.1738819.1 مون بذريعه هوم فنانسنگ ميزان بينڪ لميٽيڊ. فليٽ/ گهر نمبر 249 ٽائپ D الفتح ٽائون هائوسنگ اسڪيم، ديهه ڄامشورو ضلعو حيدرآباد جي خريداري جو معاهدو جناب ظهير عباس ولد محمد عباس سيال شناختي ڪارڊ نمبر 45302.0113777.1 کان ڪيو آهي ان سلسلي ۾ اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه حق دعويٰ يا اعتراض هجي ته هو 7 ستن ڏينهن اندر ڄاڻايل سب رجسٽرار سان رابطو ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کان پوءِ ڪوبه عذر قابل قبول نه ڪيو ويندو ۽ ٽرانزيڪشن جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

آصف علي، موبائل نمبر 03073664767

تصحيح

جيئن ته 05 آگسٽ 2026 بروز اربع جي اشاعت ۾ سول فيملي جج IVٽنڊو محمد خان جي ڪورٽ نوٽيس ۾ غلطي سبب ذوالقرنين علي وساڻ عمر 05 سال بجاءِ ذوالفقار علي وساڻ عمر 05 سال لکجي ويو آهي . جنهن جنهن کي درست ڪري ذوالقرنين علي وساڻ عمر 05 سال لکيو پڙهيو وڃي .(ادارو)

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 39 سال 2026

مس شازيه ڌيءِ مرحوم سڪندر علي ڳاهوٽي رهاڪو طالب مولا ڪالوني هالا نيو موبائل نمبر 03013287893 تعلقو هالا ضلعو مٽياري. ايپليڪينٽ.بخلاف. (1) مسمات شازيه زوهيب ڌيءِ مرحوم سڪندر علي زال زوهيب حسن (2) شهاب الدين ولد مرحوم سڪندر علي ٻئي ذات ڳاهوٽي رهاڪو طالب مولا ڪالوني هالا نيو موبائل نمبر 03013287893 تعلقو هالا ضلعو مٽياري (3) مظهر علي ولد مرحوم سڪندر علي عمر 13 سال ايونٽس نمبر 1 کان 4 مائٽر معرفت مسمات شازيه (4)انچارج آفيسر اين ايس سي هالا (5) جنرل پبلڪايونٽس

.مٿين ايونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي شائسته شناختي ڪارڊ نمبر 4180205670268 وفات جي تاريخ 09-12-2024 پراپرٽي ۾ -/2200000 روپيا فوتي نالي شائسته زال سڪندر علي ڳاهوٽي جي نالي تي نيشنل سيونگ سينٽر هالا ۾ رکيل تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان
(روبرو جناب انعام علي ڪلهوڙو)
سول روزن درخواست نمبر 18 سال 2026

(1) مسمات پاڳل بيواهه محمد ابراهيم معرفت قانوني وارث سيريل نمبر 2 کان 8 ۽ مسمات حورين ريسپونڊنٽس نمبر 2 (2) محمد صالح (3) محمد افضل (4) محمد حاڪم (5) محمد زمان (6) محمد هاشم (7) مسمات Sibyani عرف لالي (8) مسمات ڪشميران سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم محمد ابراهيم ذات ابڙو رهاڪو ابراهيم ڪالوني بڪيرا روڊ ٽنڊو الهيار سيريل نمبر 8 سيلف اينڊ آٽارني سيريل نمبر 1 کان 7.. اپيلانٽ. خلاف. (1) عبدالواحد ولد خان محمد معرفت قانوني وارث (i) احمد نواز (ii) مسمات زاهدان بيبي بيواهه (iii) الله نواز پٽ (iv) ربنواز پٽ(v) انيس الرحمن پٽ (vi) شاهنواز پٽ (vii) حق نواز پٽ(viii) اصف علي پٽ (ix) مسمات نسيمان ڌيءِ (x) مسمات رشيلان ڌيءِ (xi) مسمات رضيه ڌيءِ (xii) يوسف نواز پٽ (xiii) مسمات روزينا ڌيءِ (xiv) مسمات نور ڌيءِ ذات ابڙو رهاڪو نزد هٽڙي تعلقو قاسم آباد حيدرآباد (2) مسمات حوران ڌيءِ مرحوم محمد ابراهيم معرفت قانوني وارث (اي) خان محمد مڙس (بي) فضل محمد (پٽ) (سي) فقير محمد پٽ (ڊي) مسمات ظهوران ڌيءِ (اي) مسمات سليمت ڌيءِ (ايف) مسمات نذيران ڌيءِ (جي) مسما عارفه ڌي (ايچ) مسمات صائمه ڌي ذات ابڙو رهاڪو ابراهيم ڪالوني بڪيرا روڊ ٽنڊو الهيار (3) مختيارڪار ٽنڊو محمد خان (4) ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو حيدرآباد. ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيلانٽ سول روزن درخواست زير قلم 115 سي پي سي پي درخواست زير قلم 41 رول 5 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي آرڊر تاريخ 06-05-2026 کي چيلنج ڪندي جيڪو سينئر سول جج 1 ٽنڊو محمد خان پاس ڪيو اي سي سوٽ نمبر 17 سال 2025 ۾ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-08-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو محمد خان

گمشده ڪاغذن بابت اطلاع

جيئن ته منهنجا ضروري ڪاغذات جنهن ۾ ڊوميسائل/ پي آر سي جيڪي مون کان دوران سفر پٽائي نگر قاسم آباد جي حدن ۾ ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن ڪافي تلاش جي باوجود ملي نه سگهيا آهن جڏهن ته مذڪوره ڪاغذات ڪنهن به سرڪاري ۽ غير سرڪاري اداري وٽ برائي تحقيقات لاءِ جمع نه آهن اگر مذڪوره ڪاغذات ڪنهن کي به هٿ لڳن ته هيٺ ڏنل نمبر تي اطلاع ڪن يا ڄاڻايل ايڊريس تي پهچائي ڏين ۽ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

منهاج قريشي ولد شڪيل احمد قريشي شناختي ڪارڊ نمبر 4130364200863 رهاڪو گهر نمبر C/22 گلستان سجاد قاسم آباد حيدرآباد
سيل نمبر 03003012509

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان جي ماءُ وفات ڪري وئي آهي اسان جي والد جي وفات ڪانپوءِ اسان جو ڀيءُ نشي جو عادي ٿي ويو آهي نشو ڪري گهر ۾ ماڻهو وٺي اچي ٿو منع ڪرڻ تي اسان سان مار ڪٽ ڪري ٿو اسان کي ذهني ٽارچر به ڪري ٿو جنهن سبب اسان ٻئي ڀيڻو پنهنجي ڀيءُ نالي وقاص قريشي سان لاتعلقي جواظهار ڪري رهيو آهيون اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي

فرح بنت وقاص قريشي رهاڪو شاه فيصل ڪالوني ڪچي قلعو حيدرآباد

بقايا 1 اڳيان رکي ڌرڻو

جي نتيجي ۾ زخمي ٿيل ٻي ڌر جو ابراهيم ملاح پڻ رات دير سان زخمن جا سور نه سهندي ڪراچي جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو وارثن سندس لاش کڻي ڪوٽڙي ٿاڻي اڳيان پهتا جتي ملاح برادري جي ماڻهن عورتن توڙي ٻارن روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا وارث ٻارڻ روڄ راڙو ۽ ماتم ڪندي جوابدارن کي فوري گرفتار ڪرڻ ۽ ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو ٿاڻي اڳيان وڏي تعداد ۾ پوليس اهلڪار پڻ جمع ٿي ويا روڊ بلاڪ ٿيڻ ڪري شهر ڏانهن اينڊڙ ۽ ويندڙ سمورا رستا بند ٿي ويا ان موقعي تي مقتول جي وارثن ٻڌايو ته جهيڙي دوران ابراهيم کي عزيز ملاح کي گوليون هنيون هيون جنهن ڪري سندس علاج هلندڙ هو هنن چيو ته جوابدار ڌر کي با اثر ڌرين جي سپورٽ حاصل آهي ان لاءِ سندن خلاف ڪابه ڪاروائي نه ٿي آهي ۽ صرف اسان جا ماڻهو گرفتار ڪري گم ڪيا ويا آهن هنن چيو ته اسان جي گهرن کي باهيون ڏئي ساڙيو ويو آهي ۽ هاڻ اسان کي ابراهيم جو لاش دفن ڪرڻ کان به روڪي ڌمڪيون پيا ڏين ته لاش پورڻ نه ڏينداسين چار ڪلاڪ ڌرڻي باوجود پوليس ٻاران ڪيس داخل نه ڪرڻ تي وارث لاش کڻائي ڪوٽڙي پل تي رکي ڌرڻو هنيو ڌرڻي ۾ شهر جون سماجي ڌريون به شامل ٿي ويون جنهن ڪري ڪوٽڙي پل جو ٻنهي پاسن جو روڊ ۽ شهر جا رستا به بلاڪ ٿي ويا هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ايس ايڇ او اچي ڳالهيون ڪري ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جوابدار گرفتار ڪرڻ جو يقين ڏياريو جنهن بعد پوليس جي سيڪيورٽي ۾ لاش تدفين لاءِ ڪارو کهو ملاح ڳوٺ نيو ويو جتي رات دير سان تدفين ڪئي وئي ٻئي طرف مقتول ابراهيم ملاح جي قتل جو ڪيس سندس گهر واري نور خاتون ملاح جي فرياد تي 161 جي بيان تي ايڊيشنل ايف آءِ آر داخل ڪيئي وئي. ياد رهي ته چار ڏينهن اڳ ٿيل خوني تڪرار ۾ هڪ ڌر جو شيراز ملاح ٿڌي تي قتل ۽ 8 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا هئا پوليس ڇهن ڄڻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو هو .

بقايا 2 حتجاج

مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين روپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 3 پي جو ڌرڻو

جي زوردار نعريبازي ڪندي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سم مفت جي آهي پر هر سم تي عملو دلالن جي معرفت مستحق عورت کان هڪ هزار وٺي رهيا آهن جيڪي سم جا پيسا نه ٿا ڏين سجو ڏينهن عورتن کي خوار ڪري ڇڏن ٿا هي سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي انهي ڪري اسين اعليٰ اختيارن ۽ ڊي سي کان مطالبو ڪيون ٿا ته فوري ڪرپٽ ۽ بدمست عملو هٽائي مستحق عورتن سان ظلم بند ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ اسين تحريڪ هلائينداسين.

بقايا 4 احتجاجي مظاهرو

هن چيو ته منهنجو مڙس پورهيت هيو جيڪو مزدوري ڪري گهر جو گاڏو هلائيندو هيو جيڪو به مخالفن قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ٻڌرائي ڇڏيو جنهن بعد هاڻي ڪمائڻ وارو ڪو به نه رهيو آهي مون کي معصوم ننڍڙا ٻچڙا آهن گهر ۾ ڪو به ڪمائڻ وارو نه هجڻ ڪري سال چاري، ڳاهه وغيرهه يا ٻيو ڪو ڪم ڪري ٻچن جو پيٽ گذر ڪندي آهيان هن چيو ته ڳاهه ڪرڻ دوران مقتول جي سٽوڻن مجاهد ، احسان زبردستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن بعد رڙين تي فرار ٿي ويا، هن چيو ته مقتول جي سٽوڻن منهنجو ۽ منهنجي معصوم ٻچڙن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اهڙي ڏانهن ڪٿي حد جي ميروهه ٿاڻي تي به وڃي آهيان پر پوليس ڪو به تدارڪ نه ڪري رهي آهي هن ايس ايس پي خيرپور سميت وس وارن اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪري جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 5 شاهراهون بند

ضلعي حيدرآباد جي حيدرآباد شهر قاسم آباد لطيف آباد ٽنڊوڄام سميت حيدرآباد ڀهراڙي مان جماعت اسلامي جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٽنڊوالهيار ۾ جماعت اسلامي طرفان پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن ۽ مهانگائي خلاف غني پارڪ کان لطيف گيٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڪارڪنن ٻارڻ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ڏگهڙي ۾ به امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف ريلي ڌرڻو هنيو ويو.ڏگهڙي ۾ جمعي جي ڏينهن امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي ڏگهڙي جي اڳواڻن شڪيل احمد غوري ۽ محمد ياسين گجر جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي جي آفيس کان مين محمدي چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جماعت اسلامي جي طرفان ملي جي مڪيه داخلا واري روڊ ۽ باءِ پاس تي ڌرڻو جاري آهي حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل. گاڏين جون ڏگهيون قطارون لڳي ويون ملڪ ۾ روزانو وڌندڙ تيل جي قيمتن عوام جو جيئڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي مظاهرين جو خطاب پيٽرول جي قيمت 225 رپيا مقرر ڪئي وڃي ۽ روزاني بنياد تي قيمتن ۾ ردوبدل ختم ڪئي وڃي. ڪنڌڪوٽ پيٽرول، لوڊشيڊنگ ۽ مهانگائي خلاف ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت اسلامي جو قومي شاهراهه تي ڌرڻو جماعت اسلامي جي مرڪزي اڳواڻ نعيم الرحمان جي سڏ تي پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن، واپڊا جي غيراعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ مهانگائي خلاف ڪنڌڪوٽ ۾ قومي شاهراهه تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سوين شهرين سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن شرڪت ڪئي. هالا پريس مهانگائي ۽ تيل جي وڌندڙ قيمتن خلاف جماعت اسلامي جو ڌرڻو باروچو باغ اسٽاپ وٽ قومي شاهراهه تي ملڪ اندر تيل جي وڌندڙ قيمتن ۽ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي ڌرڻو هنيو ويو. تيل جي قيمتن مان ليوي ٽيڪس جي مد ۾ عوام کان اضافي رقم اوڳاڙڻ واري عمل خلاف جماعت اسلامي جي مرڪزي سڏ تي سموري ملڪ جيان جيڪب آباد ۾ به جماعت اسلامي ٻاران سنڌ بلوچستان جي بارڊر باءِ پاس سم شاخ واري مقام تي احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سوين ماڻهن شريڪ ٿيا مجريل ڪارڪنن ڪافر سازي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿي وئي. جماعت اسلامي ٿر ٻاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ خلاف ضلعي دفتر کان فائکاريو موڙ ٽرڪول باءِ پاس تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن بعد اتي ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ۾ ڪارڪنن جي هڪ وڏي تعداد شرڪت ڪئي. جن جي هٿن ۾ بينرن تي مهانگائي گهٽايو پيٽروليم مصنوعات تان ليوي ختم ڪريو ڪا نعرا لکيل هئا ! مظاهرين ٻاران مهانگائي ۽ تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي.ڌرڻي سبب حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ مڪمل طور تي معطل ٿي وئي ۽ روڊن تي گاڏين جون ڏگهيون قطارون لڳي ويون. جماعت اسلامي مرڪزي سڏ تي پيٽرول مان ليوي ٽيڪس لڳائڻ روزاني قيمتون وڌائڻ خلاف سوين ڪارڪنن جو گهنٽا گهر کان انڊس هاوي گولا موڙ تائين حافظ نصرالله چنا . غلام مصطفيٰ ميراڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي سنڌ کان پنجاب صوبن ڏي ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ بند ڪري ڇڏي ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي طرفن کان گاڏين جون قطاريون لڳي ويون انهي دوران اڳواڻن حافظ نصرالله چنا . غلام مصطفيٰ ميراڻي . عبيدالله ميرالي . مولوي رفيع الدين چنا . الياس نور . شبير ميراڻي . گل جان ۽ ٻين چيو ته ملڪ کي حڪمرانن مشڪري بڻائي ڇڏيو آهي ليوي ٽيڪس مطلب ڀتا ٽيڪس آهي جيڪا حڪمران عوام کان وٺي رهي آهي عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون گهٽ ٿيڻ ٻيون پاڪستان ۾ روزاني تيل وڌي پيو بنا دير قيمتون گهٽ ڪري ٽيڪس ختم ڪئي وڃي.

بقايا 6 واقعي جو فيصلو

جنهن ۾ هالپوٽا برادري ۽ اعوان برادري جي معززين توڙي صحافي برادري وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي فيصلي ۾ ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌيون ويون ان بعد ٻنهي ڌرين جي امينن ۽ سرپنچ ڪاميٽي ڏگهي صلاح مشوري بعد فيصلو ڪندي سرپنچ ڪاميٽي فتوا جاري ڪئي ته وڏيرو معروف هالپوٽو صحافي خليل اعوان جي تڏي تي پهچي ڪيس معذرت ڪري ڏنڊ جا پنج لک رپيا ادا ڪندو ان بعد ٻنهي ڌرين کي پاڪر پارائي کير ڪنڊ ڪيو ويو آخر ۾ سيد تنوير شاهه دعائي خير گهرائي ان موقعي تي نوشهروفيروز صحافي اتحاد جي سرواڻ سيد جاني شاهه چيو ته قلم ڌڻين جي جدوجهد رنگ لاٿو اڄ حق سچ جي فتح ٿي آهي. جنهن تي اسان کي تمام گهڻي سرهائي آهي اميد ڪريون ٿا ته اڳتي ڪو پوڊار يا وري ڪو ڪامور ورڪنگ جرنلسٽ سان ڪوريج ڪرڻ تي اهڙي قسم جي ڪا ناجائزي نه ڪندو هن وڌيڪ چيو ته نوشهروفيروز صحافي اتحاد هڪ بهترين صحافين جو گلدستو آهي. جنهن تي اسانکي فخر آهي نوشهروفيروز صحافي اتحاد يونٽ هالاڻي جي صدر ۽ هالاڻي پريس ڪلب جي نائب صدر خليل اعوان سان ٿيل ناجائزي تي جن به دوستن اسان جو ساٿ ڏنو اسان انهن سمورن ساٿين جا تمام گهڻا شڪر گذار آهيون ٻئي طرف سينيئر صحافي فقير اخلاق جوکيو ظفر ڏڳڻ ظفر اعوان بچل هنگورو حاجي غلام محمد زرگر عبدالرزاق لاشاري، اقبال گاڏهي مجاهد سامٽيو شفيق قريشي وقار خاصخيلي، عطا حسين سهتو ۽ ٻين قلم ڌڻين صحافي خليل اعوان جو بهتر فيصلو ٿيڻ تي قلم ڌڻين جي فتح قرار ڏيندي چيو ته صحافين پاڻ ۾ پنهنجا ننڍا وڏا اختلاف ختم ڪري متحد ٿي ڪري صحافي خليل اعوان جي مسئلي تي پاڻ ملهايس اهو ئي سبب آهي جو اڄ حق سچ جي ٿي فتح ٿي.

بقايا 7 خراج تحسين پيش

جنگ ۾ اسان جون بهادر هٿياربند فوجون پوري قوم جو فخر آهن جڏهن ته سموري قوم پنهنجي مسلح افواج ۽ سيڪيورٽي ادارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي هن چيو ته وطن عزيز جي امن، استحڪام ۽ سلامتي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون وڏي وزير وڌيڪ چيو ته ڀارت جي سرپرستي هيٺ ٿيندڙ دهشتگردي جي هر سازش ۽ منصوبي کي ناڪام بڻايو ويندو سيد مراد علي شاهه چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي پيشاورانه صلاحيتن بهادري ۽ جرئت کي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي

بقايا 8 خلاف احتجاج

قائم 15 کان وڌيڪ گهر خالي، خبر موجب خانپورمهر ويجهو ڳوٺ چنڻ مهر ۾ 3 ڏينهن اڳ ميراڻي ۽ گدائي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ برساتي پاڻي تان ٿيل جهيڙي دوران فائرنگ ۾ گدائي برادري جي نينگر عبدالرحيم گدائي جي قتل ۽ ٽن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي ڪانپوءِ مقتول نينگر توڙي زخمي ٿيلن جي وارثن اسعاد ممتاز گدائي، مقتول نينگر جي والد گل حسن گدائي شيرل گدائي ۽ ٻين تڏي تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته جوابدارن برساتي پاڻي جي مسئلي تان اسان جي گهرن تي حملو ڪري سڌي فائرنگ ڪري اسان جي معصوم نينگر کي قتل ۽ ٽن ڄڻن کي زخمي ڪيو ميراڻي برادري جي 7 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٿيڻ باوجود هن مهل تائين پوليس هڪ به جوابدار گرفتار نه ڪيو آهي اسان کي جوابدارن طرفان وڌيڪ حملن جو پڻ خطرو آهي.

بقايا 9 عمر فاروق بلو

قدم کنيا ويندا هن عوام کي اپيل ڪئي ته ڪنهن به صوبائي سرڪاري کاتي يا اداري ۾ مسئلو حل نه ٿيڻ جي صورت ۾ متاثر شخص صرف سادي ڪاغذ تي پنهنجي مسئلي جا تفصيل لکي درخواست ريجنل محتسب اعليٰ آفيس خيرپور ۾ جمع ڪرائي. سرڪاري ملازم هجي يا عام شهري، هر ماڻهون پنهنجي جائز شڪايت پيش ڪري سگهي ٿو.

بقايا 10 حيدرآباد ۾ احتجاج

برادري ۽ ڳوٺ جا باثر ماڻهو الهورايو الهبچايو ۽ هڪ عورت ملوث آهن هنن چيو ته واقعي جي شڪايت حد جي ٿاڻي تي ڪئي پر پوليس جوابدارن جي ونگار رهندي ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي ويئر اسان خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 11 وارثن جو مظاهرو

علي پنهنجي چاچي سڪندر علي، محمد اقبال مگنهيجو ۽ ٻين مائٽن سان گڏجي ڳالهائيندي چيو ته گذريل اربع ڏينهن اسان جو والد منٺار علي مگنهيجو موٽرسائيڪل تي ٽنڊو ڏيرو کان ڳوٺ اچي رهيو هو ته ڳڙهي خدابخش پٽو لڳ لاڙڪاڻو سکر روڊ تي ساڻس روڊ حادثو پيش آيو جنهن ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي پوليس اهلڪارن پوليس موبائيل ۾ کڻائي ٽنڊو ڏيرو اسپتال پهچائي اسان کي اهڙو اطلاع ڏنو جتي والد جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ تي اسان ڪيس لاڙڪاڻي شهر جي ٽراما سينٽر منتقل ڪرايو اسان سان گڏجي آيل پوليس اهلڪارن ٻڌايو ته ڪشمور جي ايس پي محمد نعمان جي ويگو گاڏي توهان جي والد جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن ۾ توهان جو والد زخمي ٿيو آهي، پوليس اهلڪار جي اهڙي انڪشاف ڪانپوءِ اسان ٽنڊو ڏيرو ٿاڻي توڙي ڳڙهي خدا بخش پٽو ٿاڻي تي واقعي جي رپورٽ درج ڪرائڻ وياسين پر پوليس اهڙو ڪيس داخل ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو اڄ اسان جو والد ٽراما سينٽر ۾ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو آهي افسوس جو پوليس جي چوڻ تي ٽراما سينٽر جي ڊاڪٽرن فوتي سرٽيفڪيٽ ۾ والد جي فوت ٿيڻ سبب دل جو مرض ڄاڻائي سندس خون لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اسان جي وس وارن کي اپيل آهي ته معاملي جي جاچ ڪرائي نوٽيس وٺي ڪشمور جي ايس پي محمد نعمان سميت ٻين اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 12 ڏيڻ خلاف مظاهرو

خواجه جي مبينا ناجائزين خلاف هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پبلڪ هيلٿ آفيس ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي مرڪزي نائب صدر سعيد جتوئي، ضلعي صدر رياض لانگاهه، لطيف گورنمينٽ ڪانٽريڪٽر ايسوسيئيشن جي صدر محمد حسين ابڙو قمبر شهدادڪوٽ جي صدر سهيل نظير مگسي پڻ احتجاج ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳائيندي چيو ته پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري سهيل احمد قريشي ۽ چيف انجنيئر برڪت علي خواجه 4 ارب روپين جو هڪ ئي ٽينڊر ڪرائي رهيا آهن جڏهن ته سپرا رول ۾ واضح لکيل آهي ته يونين ڪائونسل جي سطح تي هر ڪم جا ڌار ڌار ٽينڊر ٿيندا، سيڪريٽري ۽ چيف انجنيئر طرفان 4 ارب روپين جو هڪ ئي ٽينڊر ڪرائي پنهنجي من پسند ٺيڪيدار کي ڏنو پيو وڃي جنهن جا ڪافي عرصي کان لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلعن ۾ 10 اربين روپين جا ڪم رولڙي جو شڪار آهن. سيڪريٽري ۽ چيف انجنيئر طرفان پنهنجي من پسند ٺيڪيدار کي 4 ارب روپين جو ڪم ڏئي اهل ۽ پراڻن ٺيڪيدارن کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو پيو وڃي جنهن عمل جي اسين سخت مذمت ڪندي سپرا اختيارين سميت سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪيون ته فوري طور 4 ارب روپين جي لاڳت وارو ٽينڊر ڪينسل ڪري سمورن ٺيڪيدارن کي ٽينڊرن ۾ حصو وٺڻ جو حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ پوري سنڌ ۾ سيڪريٽري ۽ چيف انجنيئر خلاف احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي احتجاج ۾ معشوق پتو جانب لاشاري، سيد احسان شاهه ملازم حسين لغاري،علي گوهر جاڳيراڻي امداد سولنگي، علي حسن جوڻيجو سميت ٻين ٺيڪيدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 13 نامنظور ريلي

اختيار ن صدر وزيراعظم ٿئي ڪنهن اداري کي آهي سنڌ آزاد ۽ خود مختيار رياست طور هن ملڪ جي الحاق فيڊريشن ۾ شامل ٿي هئي، 1940 جي قرارداد ۾ صاف لفظن ۾ لکيل آهي ته جيڪي علائقا هن ملڪ جي فيڊريشن ۾ شامل ٿيندا آهي هزارن سالن کان آزاد ۽ خود مختيار رهيا آهن اهي علائقا جڏهن به احساس محرومي محسوس ڪن اهي الڳ ٿي سگهن ٿا محسن نقوي جي ڏنل بيان ۾ پاڪستان دشمني نظر اچي ٿي جيڪڏهن 35 صوبا ٺهيا ته سنڌ پاڻ کي اوپرو سمجهندي ملڪ جو نظام مفلوج ٿي چڪو آهي بلڪل اوهان جي پاليسين جي ڪري ملڪ تباهي جي ڪناري تي بيٺل آهي انجا ذميوار توهين آهيو ملڪ ۾ جمهوريت ناهي آمريت قائم آهي عدليه ۽ انصاف کي قتل ڪرڻ ڪانپوءِ 28هين آئيني ترميم ذريعي سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي ملڪ دشمن سازش ڪئي پئي وڃي 28هين آئيني ترميم جي ٽالي ۾ سنڌ جي وحدت تي حملو ٿيو ته حڪمران هلي نه سگهندا. پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت سنڌ لاءِ خطرو بڻجي ويا آهن سنڌي ماڻهون نئين صف بندي ۾ هرسازش کي سمجهي ۽ پنهنجي وطن سنڌ جو آيندو روشن ڪري

بقايا 14 گرفتار

۾ ڪيم جي ڪامياب ڪاروائي هڪ ڏوهاري گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيو ويو.

بقايا 15 ڇڪتاڻ مظاهرو

رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي، هر سيل سرٽيفڪيٽ تي هڪ لک کان وڌيڪ رشوت وٺي رهيو آهي جيڪا سراسر عوام دشمني آهي هنن اختيارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي عبدالخالق چانڊيو کان پڇاڻو ڪري رشوت بازار کي بند جو ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ نيب اينٽي ڪرپشن سميت ٻين لاڳاپيل ادارن سان رجوع ڪيو ويندو ٻئي طرف اسسٽنٽ مختيارڪار فهيم الله رند رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته سيل سرٽيفڪيٽ عيوض رشو وٺڻ وارا لڳايل الزام بي بنياد آهن الزام لڳائيندڙن ڪنهن به سيل سرٽيفڪيٽ لاءِ ڪا درخواست نه ڏني آهي جيڪڏهن اهڙي درخواست ڏني وئي ته قانون موجب گهرجون پوريون ڪري درخواست اڪلائي ويندي

بقايا 16 سيڪريٽري پهتو

سمجهوتو سنڌ جي نوجوانن جي مستقبل سان ناانصافي آهي هن احتجاج ڪندڙن جي حمايت ڪندي چيو ته آئين ۽ قانون هر شهري کي انصاف جو حق ڏئي ٿو تنهن ڪري حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کي گهرجي ته ايس پي ايس سي بابت اٿاريل خدشن جي شفاف جاچ ڪرائي اميدوارن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن اعلان ڪيو ته سندن جائز مطالبا مڃڻ تائين ايس پي ايس سي هيڊ آفيس آڏو احتجاجي ڪئمپ جاري رهندي احتجاج دوران نعريبازي پڻ ڪئي وئي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ جي شاگردن ۽ نوجوانن جي مستقبل کي بچائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن

بقايا 17 رقم ڦر ڪري فرار

آڏو دانهيندي چيو پٽ افتخار پنهنجي بيمار چاچي عبدالرحمان کي علاج لاءِ اسپتال کڻي وڃي رهيو هو ته گهمرا پڪٽ وٽ بيٺل هٿياربند انهن کان موٽرسائيڪل، موبائل ۽ 7 هزار روڪ ڦر ڪري ويا، هنن جو چوڻ هو ته گهمرا پوليس پڪٽ تي اهلڪار نه هئڻ سبب ڦر جا واقعا وڌي ويا آهن. پورهيت علي بخش اوڍاڻو ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽرسائيڪل، موبائل ۽ پئسا واپس ڪرايا وڃن

بقايا 18 واري ڇڏيا

وارثن قبر کوٽڻ بابت سخت تحفظات جو اظهار ڪندي پنهنجي وڪيل جبران ناصر ذريعي ٿئين ميڊيڪل بورڊ کي رد ڪري ڇڏيو وارثن مجسٽريٽ کي ٿئين بورڊ خلاف باقاعده درخواست پڻ جمع ڪرائي ۽ بورڊ تي عدم اعتماد جو اظهار ڪيو قبرستان ۾ غير لاڳاپيل ماڻهن کي قنات کان ٻاهر ڪڍيو ويو جڏهن ته پوليس جي وڏي نفري سيڪيورٽي لاءِ مقرر ڪئي وئي.

بقايا 19 سائيڪل ڦري ويا

رهي ته ٽنڊو آدم ۾ ڏوهي ڪاروايون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري رهواسي سخت پريشان آهن هنن وسوارن کان امن امان قائم ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 20 احتجاج جو اعلان

نينگر سان تمام ظلم جي انتها ٿي آهي نينگر کي جوابدارن زبردستي اغوا بعد تشدد جنسي ڏاڍائي وڊيو پڻ وائرل ڪري ظلم ڪيو ويو آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان کان پاڻ مرادو نوٽيس جي اپيل ڪئي ۽ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته 2 ڏينهن ۾ ڪيس ۾ گهربل سمورا جوابدار گرفتار نه ٿيا ته ٽنڊو مستي چونڊڪو ۽ ٻبرلوءِ ۾ تاريخي ڌرڻو لڳايو ويندو.

بقايا 21 ڪارروائي

عبدالرزاق سومرو ڪئي آپريشن ۾ حصو ورتو گڏيل ٽيم مختلف علائقن طور ڪالوني، راڄڙ ٽائون ۽ ٻين علائقن ۾ ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيندي تارون ضبط ڪندي بجلي چوري جي خاتمي ۽ باقيدارن کان رقمون وصول ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا. حيسڪو اختيارين موجب بجلي چورن خلاف مهم جو مقصد بجلي جي نقصانن (لائن لاسز) ۾ گهٽتائي آڻڻ، بجلي جي فراهمي واري نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ بقاياجات جي وصولي کي يقيني بڻائڻ آهي.اختيارين وڌيڪ چيو ته بجلي چوري خلاف ڪاروايون ڊويزن جي مختلف علائقن ۾ جاري رهنديون ۽ غيرقانوني طريقي سان بجلي استعمال ڪندڙن خلاف قانون موجب سخت ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا 22 چڪاس

جنهن ۾ ٽي بي جون ٽيسٽون ڪري سوين مريضن جي چڪاس ڪري ڪين علاج ڏنو ويو جنهن ۾ مردن ۽ عورتن وڏي انگ ۾ معائنو ڪرايو ڊاڪٽر عطا محمد سامٽيو ۽ عبدالحفيظ منگي مريضن کي چڪاس ڪري ڪين علاج ڏنو ان موقعي تي سماجي اڳواڻ سرائي لعل بخش سيال چيو ته اهڙي قسم جون مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳڻ گهرجن ته جيئن غريب عوام کي گهر ويلي علاج جون سهولتون فراهم ٿي سگهن

بقايا 23 احتجاجي مظاهرو

آهي احتجاج دوران نظر محمد لغاري، اصغر لغاري، چنوخان لغاري، اختر لغاري ۽ مسمات صغرا لغاري ميڊيا سان ڳالهائيندي مبينا الزام هنيو ته بااثر حاضر خان بادل خان پانڌي، بگن دلشير زاهد راڻو دولو دلبس قدير ۽ ٻين سندن پٽ شير خان لغاري تي ڪار چوري جو ڪوڙو الزام هڻي زبردستي پنج لک رپيا عيوض طور وصول ڪيا. متاثر ڌر جو چوڻ هو ته رقم وٺڻ باوجود جوابدارن سندن گهر تي لٺين سان حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ نظر محمد، اصغر چنوخان ۽ پيرسن عورت مسمات صغرا لغاري زخمي ٿي پيا. هنن وڌيڪ مبينا الزام هنيو ته جوابدارن سندن اٺ ايڪڙ زرعي زمين تي بيٺل سارين جي فصل تي زهريلي دوا هاري فصل تباهه ڪري ڇڏيو جنهن سبب ڪين وڏو مالي نقصان برداشت ڪرڻو پيو متاثر خاندان ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪرڻ ۽ ڪين انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 24 حڪومت کي خط

ٽينڊڙ ڪاٽ ۽ بيلي جي ٻين شين تي ديوٽي لاڳو ڪرڻ جا قانوني اختيار حاصل آهن ڊويزنل فاريسٽ آفيسر خيرپور هوش محمد شر پنهنجي تجويز ۾ سفارش ڪئي آهي ته فاريسٽ اينڊ وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ سنڌ، حڪومت کي سرڪاري گزيٽ ذريعي نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جي سفارش ڪري، جيئن درآمد ٿيل ڪاٺ سميت ٻين بيلي جي شين تي ديوٽي لاڳو ڪري سگهجي ليٽر موجب اهڙي قدم سان ڪاٺ جي واپار کي ضابطي هيٺ آڻڻ، سرڪاري آمدني ۾ اضافي ڪاٺ جي نقل و حرڪت جي بهتر نموني نگراني، غيرقانوني واپار جي روڪٿام ۽ سنڌ ۾ ٻيلن جي پائيدار انتظام کي هٿي ملندي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته موڪليل ليٽر جو قانون موجب جائزو وٺي ان تي ضروري ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 25 جوابدار گرفتار

سعود مگسي هن ٻڌايو ته هي ڪارروايون راڻي پور اڪري، شاهه لطيف، ٿري ميرواهه، کهڙا ۽ ڪوٽ لالو ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيون ويون گرفتار جوابدارن ۾ سبز علي گوپانگ، امجد منگي، جانب مشوري، امداد ڪنوهر زمان ٻانبڻ فقير محمد ناريجو ۽ نعمان چانگ شامل آهن هن ٻڌايو ته جوابدارن جي قبضي مان هڪ چوري ٿيل موٽرسائيڪل، هڪ هزار 80 گرام چرس، 310 نشي آور سيارپون هڪ ڪلاشنڪوف ۽ ميگزين هٿ ڪيون ويون آهن جڏهن ته گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ۽ پڇا ڳاڇا جاري آهي

بقايا 26 موٽرسائيڪلون چوري

معاشرين تفصيل موجب صالح پٽ ۾ ڌار ڌار واقعن دوران سينيئر صحافي ممتاز پنهور ۽ ڳوٺائي امتياز علي مهر جون موٽرسائيڪلون نامعلوم چورن چوري ڪري فرار ٿي ويا ٻهرين واردات ۾ نامعلوم چور ڳوٺ وينجهڪو ۾ سينيئر صحافي ممتاز پنهور جي گهر ٻاهران بيٺل سندس موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ٻي واردات ۾ صالح پٽ اسپتال مان ڳوٺائي امتياز علي مهر جي موٽرسائيڪل چوري ٿي وئي امتياز علي مهر دوا وٺڻ لاءِ اسپتال ويو هو ان دوران نامعلوم چور سندس موٽرسائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا صحافي ممتاز پنهور موجب ٻنهي وارداتن بابت پوليس کي فوري طور آگاهه ڪيو ويو پر پوليس طرفان هيل تائين ڪا به مؤثر ڪارروائي نه ڪئي وئي هوڏانهن ريجنل يونين آف جرنلسٽس سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور واقعي تي ڳڻتي ظاهر ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته چورن کي جلد گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽرسائيڪلون واپس ڪرائيون وڃن

بقايا 27 ڪوآرڊينيٽر مقرر

زاهده پروين ايڊووڪيٽ عابده سولنگي ۽ ايڊووڪيٽ اقرا خان کي عورت وڪيلن جي رڪنيت لاءِ ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪيو ويو آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب مقرر ڪيل ڪوآرڊينيٽرز پيپلز لائرز فورم ڊويزن حيدرآباد ۾ عورت وڪيلن جي رڪنيت واري عمل کي اڳتي وڌائڻ نون ميمبرن سان رابطي ۽ تنظيمي معاملن ۾ سهڪار فراهم ڪرڻ جون ذميواريون نڀائينديون نوٽيفڪيشن پيپلز لائرز فورم حيدرآباد ڊويزن جي صدر اياز علي راجپر ۽ جنرل سيڪريٽري رفيق احمد ڏاهري جي منظوري ۽ صحيح سان جاري ڪيو ويو آهي جڏهن ته نوٽيفڪيشن جون ڪاپيون سنڌ پيپلز پارٽي جي پارليامينٽيرينز جي صدر سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل کاتي جي وزير ۽ پيپلز لائرز فورم سنڌ جي صدر ڏانهن پڻ اماڻيون ويون آهن پيپلز لائرز فورم پاران عورت وڪيلن لاءِ ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪرڻ واري فيصلي کي تنظيمي سطح تي عورت وڪيلن جي شموليت وڌائڻ ۽ ڪين فورم جي سرگرمين ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ڏيڻ ڏانهن اهم قدم قرار ڏنو پيو وڃي

بقايا 28 مظاهرو، ڌرڻو

ڪوسو ايس ٽي پي ضلعي ڄامشورو جي نائب صدر يونس آوڙ جنرل سيڪريٽري امجد مستوئي، ارشاد پنهور ۽ سرفراز جلباڻي جي اڳواڻي ۾ ڪارڪن تعلقي اسپتال ڪوٽڙي جي مک گيٽ تي پهتا جتي اڳواڻن ۽ ڪارڪن ايم ايس خلاف سخت نعريبازي ڪندي احتجاج رڪارڊ ڪرايو.

بقايا 29 پرنسپال تي فائرنگ

ويا، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل وٺي زخمي پرنسپال کي علاج لاءِ ڪنائي لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر داخل ڪرايو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي

بقايا 30 اجهائي ڇڏيو

ڪارروائي ۽ جاچ شروع ڪري ڇڏي وارثن موجب عورت گهريلو اڻبڻت سبب اهو انتهائي قدم کنيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي سڀني پهلوئن کان جاچ جاري آهي ۽ جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ حقيقتون سامهون آنديون وينديون

بقايا 31 چاليهي جي تقريب

نفيس علي خان ،رئيس مرتضيٰ خان لسڪاڻي ، نواب جام سيف علي خان نواب جام ظهير علي خان نواب جام صادق علي خان نواب جام نوازعلي خان نواب جام طارق علي خان نواب جام شهباز علي خان نواب جام فاروق علي جام شهمير علي خان جام مصطفيٰ علي خان وڏيرو غلام رسول وساڻ رئيس گلزار ڪلوئي اڳوڻي ايم پي اي راڻا ستار عابد حسين ڪلوئي اختر علي زرداري قلندر بخش ڏيرو فيصل غوري جام شاويز علي خان مشتاق رند حاجي اڪرم علي وساڻ سميت وڏي انگ ۾ چونڊيل نمائيندن علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻ چاليهي ۾ شرڪت ڪئي ايصال ثواب لاءِ اجتماعي دعا خير گهري وئي

بقايا 32 خلاف احتجاج

انصاف جو مطالبو احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي مبينا الزام هنيو ته سندن برادري سان تعلق رکندڙ شير محمد ميراڻي، پرويز ۽ ٻين گهٽي جي لنگ وٽ مٿن حملو ڪري ڪين تشدد جو نشانو بڻايو هنن چيو ته واقعي بابت فوري طور اي سيڪشن ٿاڻي تي اطلاع ڏنو ويو جنهن بعد پوليس جوابدارن جي گهر پهتي، پر مبينا طور شير محمد ميراڻي کي گرفتار ڪرڻ بدران رشوت وٺي واپس هلي وئي. متاثر ڌر ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 33 احتجاج

آفيس سامهون پوليس ڪاتي جي اڳوڻي ملازم ماريا ساريو ورغلائي وٺي آهي جڏهن ته ماضي گواهه آهي ته ڪڏهن به ڪورٽ ۽ ٿاڻا ته ڏٺائين ناهن اسان کي ورغلائي ڦاسايو ويو آهي هن چيوته ڪڏهن سڀ ڪان ٻهريان پنهنجي گهريائين ۽ پوءِ سماج جا نظرانداز ٿيل برادري آهي اسان ٻهريائين سماج جا ستايل انسان آهيون اسان کي وڌيڪ اذيت نه ڏني وڃي هن چيوته ماريا ساريو ته اسان جي خلاف ٿي چڪي آهي ماريا ساريو سون ۽ منهنجي تي حملو ڪري چڪي آهي جنهن مان اسانکي جاني خطرو آهي ڪڏهن ان ڪانپوءِ حيدرآباد پريس ڪلب ۽ پوءِ ايس ايس پي آفيس سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا 34 شڪ ظاهر

مطالبو ڪيون ٿا ته نوٽيس وٺي ۽ ڳوليها ۾ مدد ڪري نوجوان ناري انيتا کي واپس ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا 35 ڪري ڇڏي

جي 30 ورهين جي گهرواري مبينا طور گهر اندر لڳل پنکي ۾ ڦاهو کائي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو اطلاع تي پوليس پهچي ناري جي لاش کي تعلقا اسپتال ميرپوربٺورو آندو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش کي وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته ناري پاران کيل خودڪشي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 36 پڄاڻي تي پهتو

تعميري سرگرمين ڏانهن اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪن ٿيون هن چيو ته راندين جي سرگرمين سان نوجوانن جي ذهني توڙي جسماني اوسر ٿئي ٿي ، هن پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو ته ڪاتي پاران نوجوانن کي راندين جا وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳيتا قدم کنيا پيا وڃن ۽ مستقبل ۾ به ضلعي ٿرپارڪر جي مختلف علائقن ۾ اهڙين راندين ۽ ثقافتي پروگرامن کي منعقد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي بعد ۾ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر ٿرپارڪر واشديو مالهي ۽ چاچرو ٽائون جي چيئرمين مير مرتضيٰ بجير نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ رانديگرن ۾ روڪ انعام ٽرافيون ۽ ٻيا اعزازي انعام ورهايا.

بقايا 37 ورسي ملهائي وئي

وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، انهي موقعي تي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته شهيد نظير عباسي کي جسماني طور اسان کان جدا ڪيو ويو پر هو ڪين سنڌ جي باشعور نوجوانن کان ڪين الڳ نه ڪري سگهيا نظير عباسي هڪ شعور هو هڪ انقلاب هو هڪ هلچل هو جنهن پورهيت طبقي غريب هاري طبقي لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي ۽ هن شهادت جو جام پيتو هن سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ کان پوءِ به صرف مظلوم ۽ پورهيت جي ڳالهه ڪئي، شهيد نظير عباسي جي جدوجهد نوجوان پورهيت ۽ شاگردن لاءِ هئي 46 سال گذرڻ باوجود به هو نوجوانن جي دلين ۾ زنده آهي هو هڪ انقلابي ماڻهو هو جيڪو نوجوانن جو ليڊر هو شهيد نظير عباسي جو تعلق ٽنڊوالهيار سان هو جڏهن هن سياست جي شروعات ڪئي ۾ سندس عوامي جدوجهد جي ڪري دنيا جا ٻيا ملڪ به ڪين ياد ڪين ٿا ۽ اڄ پوري دنيا اندر شهيد نظير عباسي کي ياد ڪيو وڃي ٿو سندس ورسي جي موقعي تي اسين ياد ڪندي عوام خاطر ڏنل قرباني تي ڪين سلام پيش ڪريون ٿا.

بقايا 38 احتجاجي مظاهرو

ڪار شايد رياست کان ڏاڍا آهن هن مطالبو ڪيو ته فوري طور پريا ڪماري کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا 39 سيشن منعقد

سڀني شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪيو ۽ انهن کي GSF جي تعارف، تنظيم جي ڪم ۽ سماجي ۽ ترقياتي شعبن ۾ ان جي خدمتن بابت آگاهه ڪيو هن عورتن جي قيادت کي فروغ ڏيڻ ۽ انهن کي سياسي، سماجي ۽ فيصلا سازي جي عملن ۾ اثرائتي ڪردار ادا ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو ٽرسٽ فار ڊيموڪريٽڪ ايجوڪيشن اينڊ اڪائونٽيبلٽي (TDEA) جي اظهر علي خاص طور تي هن موقعي تي شرڪت ڪئي ۽ پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ جي تعارف، مقصدن متوقع نتيجن اهم سرگرمين ۽ هدفن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن چيو ته هن منصوبي جو مقصد عورتن جي قيادت جي صلاحيتن کي وڌائڻ انهن کي جمهوري ۽ شهري عملن ۾ حصو وٺڻ جي قابل بڻائڻ ۽ انهن کي گورننس، عوامي فيصلي سازي ۽ سياسي عملن ۾ اثرائتي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ضروري صلاحيتون اعتماد ۽ موقعا فراهم ڪرڻ آهي شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ هڪ 34 مهينن جو پروگرام آهي جيڪو ملڪ جي 57 ضلعن ۾ لاڳو ڪيو پيو وڃي پروگرام ۾ تربيتي پروگرام بوٽ ڪيمپ، مينٽرشپ، ڪميونٽي آف پريڪٽس ۽ ايلومنائي نيٽ ورڪ جهڙيون سرگرميون شامل آهن ته جيئن چونڊيل عورتن جي قيادت جي صلاحيتن کي بهتر بڻائي سگهجي اورينٽيشن دوران عورتن جي درخواست ڏيڻ لاءِ قابليت ۽ مختلف ڪيٽيگريز بابت پڻ تفصيلي معلومات ڏني وئي شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ويو ته 60 سيڪڙو موقعا سياسي پارٽين سان لاڳاپيل عورتن لاءِ 30 سيڪڙو ايسوسيئيشن ۽ پڻ سول سوسائٽي تنظيمن سان لاڳاپيل عورتن لاءِ ۽ 10 سيڪڙو اوپن ڪال ذريعي مختص ڪيا ويا آهن

بقايا 41 سورو

ڇڏين جنهن سبب ڳوٺن جهڙا معصوم ٻارڙا تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم آهن اسڪول جي عمارت جي خراب حالت سبب هي تعليمي ادارو هاڻي اسڪول بدران ڀوت بنگلي جو ڏيک ڏيڻ لڳو آهي ڪلاس رومن جي ديوارن ۾ هنڌان هنڌان ڏار پئجي ويا آهن جنهن ڪري ڪنهن به وقت حادثي جو خدشو موجود آهي ڳوٺ جي معززين دين محمد مگسي شوڪت علي مگسي عبدالحفيظ مگسي، گل مگسي ۽ ٻين معصوم شاگردن سان گڏ احتجاج ڪندي وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه وزير تعليم سيد سردار علي شاهه سيڪريٽري تعليم زاهد عباسي ڊي اي او تعليم ۽ ڊي سي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي ته گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول دين محمد مگسي جي عمارت نئين سر تعمير ڪرائي وڃي ۽ اسڪول ۾ لوئر اسٽاف عملو مقرر ڪري شاگردن کي محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪيو وڃي

بقايا 42 سٽال لڳي ويا

سان پنهنجي محبت ۽ وابستگي جو اظهار پڻ ڪري رهيا آهن معرڪو حق ۽ جشن آزادي جي تيارين بابت شهرين جو چوڻ هو ته موجوده حڪومت جي دور ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب جشن آزادي جون تياريون ڪجهه حد تائين ضرور متاثر ٿيون آهن پر مهانگائي سندن وطن سان محبت جو جذبو هرگز گهٽائي نٿي سگهي هنن چيو ته ان شاءالله 14 آگسٽ تي جشن آزادي ۽ "معرڪي حق" جي ڪاميابي جي خوشي وڏي شان ۽ شوڪت سان ملهائي ويندي

بقايا 43 گورنرز اجلاس

مالي ۽ ترقياتي معاملن ۽ مستقبل جي منصوبن تي تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي ان موقعي تي خالد حسين سومرو رٽائرڊ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري سميت ٻيا معزز ميمبر به شريڪ هئا هن موقعي تي هن عزم جو ٻيهر اظهار ڪيو ويو ته عوام کي معياري، جديد ۽ بروقت طبي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڪمبٽ جهڙن قومي اهميت وارن طبي ادارن جي مضبوطي، مؤثر حڪمراني ۽ مسلسل ترقي سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي

بقايا 44 سينٽر جو دورو

ڪيو جتي هن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ ليبارٽري، فري فارما، آءِ سي يو ۽ ٻيا شعبا شامل هئا جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ ڪيس مختلف شعبن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سينٽر ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن جي شهرن جا 28 سئو ٻار رجسٽرڊ آهن جن کي رت، دوا ۽ ڪاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي معائني بعد ضلعي آفيسر جاويد ملاح مختلف وارڊن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات پڻ ڪئي ان موقعي جاويد ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان گذريل 2007 کان هن اداري سان رابطي ۾ آهيان ڪئي پيرا سندن پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي آهي جنهن سان اها حقيقت سامهون آئي آهي ته سينٽر جي انتظاميه جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ غلام نبي چنڊ جو اهم ڪردار آهي سي ڏينهن رات هڪ ڪري 28 سئو ٻارڙن جي خدمت ڪري رهيا آهن جيڪو موجوده معاشري ۾ گهٽ نظر ايندو آهي پر چوندا آهن ته " اُڃا ڪي آهن جن ڪاڻ دنيا هلي ٿي " هن سينٽر جي انتظاميه انهن ڪردارن مان آهي انشاءالله اسان جو ساٿ ۽ سهڪار ماضيءَ جيان جاري رهندو ان موقعي تي ٿيليسيميا فائيٽر ايڊووڪيٽ دانش ٽنيو ۽ حسنين سولنگي پڻ موجود هئا ان کان اڳ ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي پاپوليشن کاتي جي ضلعي آفيسر جاويد ملاح کي سنڌ جي روايت موجب اجرڪ جو تحفو پيش ڪري سندس ڪهي اچڻ ۽ سهڪار ڪرڻ تي ڀليڪار ڪئي

بقايا 45 گهر ۾ ڪهرام

پي بلڙي شاهه ڪريم کي ڏني وئي جنهن ڪانپوءِ ڪيو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو پوليس موجب وارثن فوت ٿيل عورت جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ کان انڪار ڪيو جنهن بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو واقعي سبب ڳوٺ جهنگ ڪاٺيار ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڦهلجي وئي

بقايا 46 مظاهرو

ڪلاڪن کان بجلي بند آهي جڏهن ته سٽي ٽو فيڊر تي 8 ڪلاڪن ۽ سٽي ون ۽ سٽي ٿري فيڊرن تي 5 ڪلاڪن کان بجلي جي فراهمي معطل آهي بجلي جي بندش سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي پڻ متاثر ٿي آهي، جنهن ڪري رهواسين کي پيئڻ ۽ روزاني استعمال جي پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي متاثر شهرين جو چوڻ آهي ته انتهائي گرمي ۾ ڏکين ۽ غيراعلانيه لوڊشيڊنگ سبب ٻار، بزرگ ۽ بيمار ماڻهو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن هنن الزام هنيو ته لوڊشيڊنگ جو ڪو به باقاعده شيڊول نه هجڻ ڪري عوام سخت ذهني اذيت ۾ مبتلا آهي شهرين لاڳاپيل اختيارين ۽ بجلي فراهم ڪندڙ اداري جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ميهڙ شهر ۾ مبينا هٿرادو لوڊشيڊنگ جو سلسلو فوري طور ختم ڪري بجلي جي فراهمي بحال ڪئي وڃي جيئن عوام کي سخت گرمي دوران درپيش مشڪلاتن مان نجات ملي سگهي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن صورتحال بهتر نه ٿي ته هو پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 47 موٽرسائيڪل ڦر

ضلعي جي اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري ڦريل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان بحال ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن
آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر (E&M)
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ

512جي. ايم نيو ايم. اي جناح روڊ، گرو مندر، ڪراچي

No: E.E/C.M/E&M/KMC/188/2026 Dated: 06/08/2026

تصحيح

عنوان: NIT نمبر EE/C.M/E&M/KMC/178/2026 تاريخ 28-07-2026

مٿئين نوٽيس ٽينڊر گهرائڻ لاءِ(NIT) جي حوالي سان. جيڪو روزاني عبرت ۾ 30-07-2026، روزاني جنگ ۾ 01-08-2026 ۽ روزاني ڊان ۾ 30-07-2026 تي شايع ٿيو هو آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته شرطن ۽ ضابطن جي شق نمبر 7 ۾ هيٺين ريت ترميم ڪئي وئي آهي:

"واڪ ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته اهي مٿي ڏنل ڄاڻ ۽ اهليت واري معيار جا صحيح ٿيل ثبوت صرف پنهنجي فرم /ڪمپنين لاءِ جمع ڪرائڻ. ۽ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ فرمن جي وچ ۾ گڏيل شراڪتداري (Joint Venture / JV) قبول نه ڪئي ويندي."

تنهنڪري، آڇون جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ترتيبوار 21-08-2026 تي 02:00 وڳي ۽ 02:30 وڳي رهندي. وڌيڪ واضح ڪيو وڃي ٿو ته تيز رفتار ڪم ۽ فوري جواب کي يقيني بڻائڻ لاءِ، هن NIT تحت هر ڪامياب فرم کي صرف هڪ (01) ڪم ڏنو ويندو.

NIT جا ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا ۽ پوري طرح لاڳو ٿيندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (CM)
KMC ،(E&M) انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ

INF/MM/203/2026

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-4255-330117927-2026	SERVICES FOR REPLACEMENT OF GAS COOLER BUNDLES OF SOLAR GAS TURBINES (X-0102A/B/C)	26.08.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-PQ-MMD-60-4237-330218789-2026	PRE-QUALIFICATION OF TRANSPORT FIRMS FOR MATERIAL SHIFTING	26.08.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-4259-330166201-2026	RADIATOR / HEAT EXCHANGER REPAIRING SERVICE	03.09.2026 AT 1030 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **18.06.2026, 08.07.2026, 09.07.2026, 15.07.2026, 22.07.2026** and **24.07.2026** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LE-PT-MMD-CNC-329265895-2026	CALL OUT AGREEMENT WITH MAJOR CASH & CARRY STORES	18.08.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDC-SCM-FA-LOCAL-CB-328411293-2026	CEMENT CLASS G	24.08.2026 AT 1100 Hrs
3.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-326986842-2026	HIRING OF MULTI CYCLE (UNLIMITED) UNDER REAMER SERVICES	26.08.2026 AT 1030 Hrs
4.	OGDC-SCM-FD-CB-ECMP-323322648-2026	TRUCK MOUNTED SEISMIC DRILLING RIGS	07.09.2026 AT 1100 Hrs
5.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-327380371-2026	HIRING OF INTEGRATED FRACTURING SERVICES	10.09.2026 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 70/05

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION WE EXPLORE PROSPERITY

ڪوٽڙي ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿيل نوجوان فوت، وارثن پاران لاش ٽاڪي اڳيان رکي ڌرڻو

چار ڏينهن اڳ موٽر سائيڪل لنگهڻ دوران گپ جا ڇنڊا لڳڻ تي ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ خوني جهيڙو ٿيو

هڪ ڌر جو شيراز موقعي تي ئي قتل ٿيو هو ٻي ڌر جو زخمي ابراهيم ملاح ڪراچي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

مقتول جو لاش ٽاڪي اڳيان ۽ درياهه جي پل تي رکي ڌرڻا هنيا ويا، پوليس ڳالهيون ڪري احتجاج ختم ڪرايو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو/ نعيم سومرو) ڪوٽڙي جي ڪارو کهو جي علائقي ۾ چار ڏينهن اڳ موٽر سائيڪل لنگهڻ دوران گپ جا ڇنڊا لڳڻ تي ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل خوني جهيڙي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: جهيڙي جو زخمي فوت ٿيڻ بعد وارث لاش رکي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

حيدرآباد ۾ واسا ملازمن جو پگهارن ۽ پينشن لاءِ 35 ڏينهن به احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 35 ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو.ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 19

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: پراسرار نموني گم ٿيل ٿيل ناري

ڪنڊ ڪوٽ ۾ بينظير انڪم سپورٽ آفيس آڏو ايس ٽي پي جو ڌرڻو

قمرالدين سهرياڻي سان مبينا بدسلوڪي ۽ تشدد خلاف ريلي ڪڍي وئي، نعريبازي

مستحق عورتن کان سم ڏيڻ عيوض هزار رپيا وصول ڪيا پيا وڃن:مظاهرين

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ بينظير پٽو انڪم سپوٽ پروگرام جي آفيس ۾ عملي پاران سرعام ڪرپشن ڪرڻ عورتن جي تذليل ڪرڻ تي ايس ٽي پي ورڪر قمرالدين سهرياڻي پاران روڪڻ تي عملي جو تشدد ڪرڻ واري عمل خلاف ايس ٽي پي پاران دلمراد ڏاهاڻي جي اڳواڻي ۾ گهنٽا گهر کان احتجاجي مظاهرو ڪري بينظير انڪم سپوٽ آفيس آڏو ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ڪرپٽ ۽ بدمست عملو هٽايو عورتن جي تذليل بند ڪيو سرعام ڪرپشن بند ڪيو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ويجهو حادثي ۾ زخمي ٿيل ڳوٺاڻو علاج دوران فوت، وارثن جو مظاهرو

مبينا طور ايس پي ڪشمور جي گاڏي جو ٽڪر لڳڻ سبب زخمي ٿيل منٺار مگسيجو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

والد جي فوت ٿيڻ سبب دل جو مرض ڄاڻائي خون لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: پٽ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ڳوٺ خدابخش پٽو پرسان 4 ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل رتوديرو تعلقي جي ڳوٺ صابو ڪرٽيو واسي 60 ورهين جو پوڙهيت منٺار علي مگسيجو لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر ۾ علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جنهن جي وارثن سندس لاش ايمبولينس ۾ کڻائي انصاف لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي فوتي ڳوٺاڻي جي پٽن عبدالقدير امتياز

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم واسين جو نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ پلاٽ جي تڪرار تان مبينا قتل ٿيل نوجوان مهربان رند جي وارثن قتل ڪيس ۾ انصاف نه ملڻ خلاف ڪالهه 5 ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون خميسو رند ۽ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته 2 مهينا اڳ پلاٽ جي تڪرار تان جوابدارن منهنجي پوڙهيت سوٽ مهربان رند کي زهر ڏئي قتل ڪيو مهربان جي قتل ۾

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور 4 ارب رپين جا ٺيڪا من پسند ٺيڪيدار کي ڏيڻ خلاف مظاهرو

ٺيڪيدارن پاران پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي عملدارن خلاف احتجاج ڪيو ويو

سيڪريٽري ۽ چيف انجنيئر سيرا رولز کي ٻاءِ پاس ڪري من پسندن کي ٺيڪا ڏين پيا: الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ٺيڪيدارن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري ۽ چيف انجنيئر مٿان سيرا رولز کي ٻاءِ پاس ڪري 4 ارب رپين جا ٺيڪ من پسند ٺيڪيدار کي ڏيڻ جو الزام لڳائيندي احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ ڪانٽريڪٽر ايسوسيئيشن سنڌ جي سڏ تي لاڙڪاڻي سميت ٻين ضلعن جي ٺيڪيدارن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي سيڪريٽري سهيل احمد قريشي ۽ چيف انجنيئر برڪت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف احتجاجي ڪئمپ تي سانا جو اڳواڻ جنرل سيڪريٽري پهتو

حيدرآباد ۾ ايس پي ايس سي خلاف لڳايل ڪئمپ تي اشفاق ميمڻ ۽ ٻيا يڪجهتي طور پهتا

حڪومت کي گهرجي ته متاثر اميدوارن جي جائز مطالبن کي سنجيدگي سان ٻڌي: اشفاق ميمڻ

جائز مطالبا مڃڻ تائين ايس پي ايس سي هيڊ آفيس آڏو ڪئمپ جاري رهندي: مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پبلڪ سروس ڪميشن خلاف احتجاجي ڪئمپ تي ڪئناڊا مان سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جو اڳواڻ جنرل سيڪريٽري اشفاق ميمڻ ۽ ٻيا يڪجهتي طور پهتا اشفاق ميمڻ چيو ته سنڌ جي نوجوانن سان انصاف ٿيڻ گهرجي ۽ حڪومت کي گهرجي ته متاثر اميدوارن جي جائز مطالبن کي سنجيدگي سان ٻڌي، جو ته ميرٽ تي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪدڙا فقير ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

راضيديرو پرسان هٿيارٻندن نوجوان کان موٽرسائيڪل، موبائل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان ٻهارو ٽاڪي جي حد گهمرا پوليس پڪٽ وٽان هٿيارٻند مستري علي بخش اوڍاڻو جي پٽ افتخار احمد کان موٽرسائيڪل، موبائل ۽ 7 هزار روڪ ڦر ڪري ويا. مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻند مٿن وحشياڻو تشدد ڪيو مستري علي بخش احتجاج ڪندي ميڊيا

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ مقتول مير رضا علي جي وارثن نئين ميڊيڪل بورڊ تي اعتراض واري ڇڏيا

مجسٽريٽ ۽ ميڊيڪل بورڊ جا ميمبر قبرستان پهچي ويا ۽ قبرڪشائي جون تياريون ڪيون

مقتول جي وارثن قبر کوٽڻ بابت خدشن جو اظهار ڪندي نئين ميڊيڪل بورڊ کي رد ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ). ڪراچي ۾ نوجوان واپاري مير رضا علي جي موت واري ڪيس ۾ قبر کوٽڻ جون تياريون مڪمل ڪيون ويون جتي مجسٽريٽ ۽ ميڊيڪل بورڊ جا ميمبر قبرستان پهچي ويا، جڏهن ته قبر کوٽڻ ٿيندي يا نه ان حوالي سان غيريقيني صورتحال برقرار رهي مير رضا علي جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ حيسڪو جي بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ڪارروائي

ٽيم مختلف علائقن ۾ ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيندي تارون ضبط ڪيون

مهم جو مقصد بجلي جي نقصانن (لائن لاسز) ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي: ايس ڊي او

ٽنڊوآدم (ن ع) حيسڪو سب ڊويزن اڏيرولعل پاران ٽنڊو آدم شهر جي مختلف علائقن ۾ بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ڪارروائيون ڪيون ويون آهن حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي ڪيل ڪارروائي جي نگراني ٽنڊو آدم ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر غياث الدين شيخ ۽ ايس ڊي او سب ڊويزن اڏيرولعل فيصل بيگ ڪئي حيسڪو جي انفورسمنٽ ٽيم جنهن جي اڳواڻي ميٽر سپروائيزر رجب علي ٻگهيو ايل ايس

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سگهڻ پرسان مفت طبي ڪئمپ، سوين مريضن جي ٽي بي سميت مختلف بيمارين جي چڪاس

سگهڻ (ن ع) سگهڻ پرسان ڳوٺ وريام خان سيال جي چڪي مڙس سماجي اڳواڻ سرائي لعل بخش سيال جي رهائشگاهه تي برج ڪنسلٽنٽن فائونڊيشن طرفان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ عورت جو پنهنجي برادري جي ماڻهن خلاف احتجاج

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي اي سيڪشن ٿاڻي ٻاهران ڳوٺ پنجو ميراڻي واسي ڪريم داد شيخ ۽ مائي عابده شيخ پنهنجي معصوم ٻارن سميت پنهنجي برادري جي بااثر ماڻهن خلاف احتجاج ۽

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: خانپور مهر جا ڳوٺاڻا بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد ۾ ڪدڙن جو ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو

اڳوڻي پوليس ملازم ماريا سارنگ جي ورغلائڻ تي احتجاجي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو: ڪدڙا

اسان کي امن سان زندگي گذارڻ نٿي ڏني وڃي، وڌيڪ اذيت برداشت نٿي ڪري سگهجي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي ڪدڙن جي گرو پنڪي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پري، زاراسڪان ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ،ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي آهي ته ايس ايس پي آفيس احتجاج ڪيس اجو قرار ڏئي پرامن ۽ پرسڪون زندگي گذارڻ جي اجازت ڏني وڃي هن چيو ايس ايس پي آفيس سامهون ٿيل احتجاج ڪيس وعدو معاف گواهه ٿيڻ لاءِ تيار آهيون اسان ايس ايس پي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي خانپور مهر پرسان جروار ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ خدا بخش لغاري جي رهواسين بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

راضيديرو مان 18 ورهين جي ناري پراسرار نموني گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر

شيخ محلي مان انيتا لاشاري ڪم سانگي گهران نڪتي ته واپس نه موٽي: وارث

ناري کي اغوا ڪيو ويو آهي، اعليٰ اختيارين معاملي جو نوٽيس وٺي ڳولا ۾ مدد ڪن

راضيديرو (ن ع) راضيديرو شهر جي شيخ محلا مان ارڙهن سالن جي نوجوان ناري انيتا لاشاري ڌيءُ امتياز علي لاشاري جي پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي وارثن جي چوڻ موجب انيتا صبح اٺين وڳي ڌاري جي هڪ گهر ۾ ڪم سانگي وئي هئي جنهن بعد هوءَ واپس ناهي آئي هنن چيو ته اسان کي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

چاچڙي ۾ ٽن ڏينهن وارو روايتي ملاڪڙو پڄاڻي تي پهتو

جشن آزادي 2026 جي تقريبن تحت منعقد ملاڪڙي ۾ نوجوانن ۽ رانديگرن ڀرپور حصو ورتو

ثقافتي رانديون نوجوانن کي صحتمند ۽ تعميري سرگرمين ڏانهن راغب ڪن ٿيون: واشديو

مٺي (ڊ-ر) رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي ٿرپارڪر پاران جشن آزادي 2026 جي تقريبن جي سلسلي ۾ چاچڙي ۾ منعقد ڪيل ٽن ڏينهن وارو روايتي ملاڪڙو ڪاميابي سان پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.ان موقعي تي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر واشديو مالهي چيو ته اهڙيون روايتي ۽ ثقافتي رانديون نه رڳو مقامي ثقافت جي واڌ ويجهه جو سبب بڻجن ٿيون پر نوجوانن کي صحتمند، مثبت ۽

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٻلوري لڳ 30 ورهين جي پرڻيل ناري ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپوربٺورو لڳ نوجوان ناري آپگهات ڪري ڇڏيو ڳوٺ بجل زنگيجو ۾ فوجي اڪبر زنگيجو جي 30 ورهين جي گهرواري مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو خبر موجب ميرپوربٺورو جي ڳوٺ بجل زنگيجو ۾ نوجوان ناري خودڪشي ڪري ڇڏي انهي سلسلي ۾ فوجي اڪبر زنگيجو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ڪاڇي ڌر جي اڳواڻ شهيد نظير عباسي جي 46هين ورسي ملهائي وئي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ڪاڇي ڌر جي اڳواڻ شهيد نظير عباسي جي 46هين ورسي ملهائي وئي، شهيد نظير عباسي يادگار ڪميٽي پاران ٽنڊوالهيار پريس ڪلب هال ۾ ڪوٺايل ورسي جي تقريب ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي، محبوب حيدر جتوئي، محمد حارث سوڍو، نهال عباسي، غلام رسول درس، شهريار ميمڻ سميت نظرياتي ڪارڪن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

مڪلي جي رهواسي جو پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي جي رهواسي سريش ڪمار پريا ڪماري جي آزادي لاءِ نيشنل پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاج ڪيو هن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪنهن وڏي ماڻهو جو پٽ ڏاڍيل اغوا ٿا ڪن ته اهو چند ڪلاڪن ۾ بازياب ٿي ٿو وڃي پر پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ سڄي سنڌ رستن چونڪن تي احتجاج پٽي ڪري پر حڪمرانن کي شايد انهن جو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي.هن چيو ته وڏي وزير صوبائي وزيرن آئي جي ۽ چونڊيل نمائندن جا واعدا وفا نه ٿيا آهن ۽ پريا ڪماري جي اغوا

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سکر: جشن آزادي جي موقعي تي شهري ٻارن سان گڏ پاڪستاني جهنڊو کڻي بيٺل آهي

Liberty Books
www.libertybooks

اسلام آباد: ليکڪ سائره شيخ جو ڪتاب "هيلنگ ان دي شيڊو آف لاس" جي مهورتي تقريب دوران ورتل فوٽو

ٿري ميرواهه ۾ عورت جو ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مخالف ڌر مڙس کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو، خاندان پريشانين کي منهن ڏئي پيو: عجيبان

ٿري ميرواهه (ن ع) ٿري ميرواهه جي ڳوٺ محب علي خاصخيلي جي رهواسڻ عورت عجيبان خاصخيلي، پنهنجي ڏير غوث بخش خاصخيلي ۽ ڀائيجي رابيل خاصخيلي سان گڏجي پريس ڪلب ٿري ميرواهه پهچي ڪري پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪجهه ٽائم اڳ اسان جي ڳوٺ ۾ آوشاق خاصخيلي قتل ٿي ويو هيو جنهن بعد مخالفن قتل جي ڪوڙي الزام ۾ منهنجي مڙس مست علي کي بيگناهه ڦاسائي ڪيس ٺاهيو هيو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۾ جهيڙي دوران نينگر جي قتل بعد ڇڪتاڻ، وارثن جو پوليس خلاف احتجاج

ميراڻي ۽ گڏاڻي ڌرين ۾ ٻاڻي جي تڪرار تان فائرنگ ۾ عبدالرحيم گڏاڻي مارجي ويو هو

ڪيس داخل ٿيڻ باوجود هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ٿيو انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

پوليس جو ميراڻي برادري جي گهرن جو گهيراءُ، ڪئمپ قائم، ڪيترائي خاندان گهر خالي ڪري ويا

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ چٽن مهر ۾ ميراڻي ۽ گڏاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران نينگر عبدالرحيم گڏاڻي جي قتل ۽ چٽن چٽن جي زخمي ٿيڻ وارو واقعو مقتول نينگر جي وارثن پاران پوليس مٿان بي اعتمادي جو اظهار پوليس هن مهل تائين هڪ جوابدار به گرفتار نه ڪيو آهي انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس جو ميراڻي برادري جي گهرن کي ٽن ڏينهن کان گهيرو برقرار پوليس ڪئمپ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

شهري صوبائي ادارن خلاف مسئلا سادي درخواست ذريعي داخل ڪرائي سگهن ٿا: عمر فاروق بلو

محتسب اعليٰ آفيس عوامي داد رسي، شفافيت ۽ سرڪاري ادارن جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي

ميڊيا ۽ انفارميشن کاتي جي سهڪار سان عوامي آگاهي مهم تيز ڪرڻ جو فيصلو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) ايڊوائزر ريجنل ڊائريڪٽر ريجنل محتسب اعليٰ آفيس خيرپور عمر فاروق بلو چيو آهي ته صوبائي سرڪاري ادارن خلاف عوام جا جائز مسئلا ۽ شڪايتون حل نه ٿيڻ جي صورت ۾ شهري بنا ڪنهن فيس جي محتسب اعليٰ آفيس خيرپور سان رابطو ڪن سندن شڪايتن جو قانون ۽ سرڪاري پاليسي تحت ترجيحي بنيادن تي ازالو ڪرائڻ لاءِ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پبلڪ سروس ڪميشن خلاف احتجاجي ڪئمپ تي ڪئناڊا مان سانا جو اڳواڻ جنرل سيڪريٽري اشفاق ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ آهن

لاڙڪاڻي ۾ مختيارڪار آفيس جي عملي ۽ شهرين وچ ۾ ڇڪتاڻ، مظاهرو

سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ عيوض مبينا طور رشوت طلب ڪرڻ تان ڇڪتاڻ پيدا ٿي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي مختيارڪار آفيس ۾ مختيارڪار آفيس جي عملي ۽ شهرين وچ ۾ سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ عيوض مبينا طور رشوت طلب ڪرڻ واري معاملي تان ڇڪتاڻ کان پوءِ شهرين طرفان مختيارڪار آفيس ٻاهريان مختيارڪار خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي شاهزيب ڏهوٽ، وقار جتوئي، عبدالستار ۽ ٻين الزام لڳائيندي چيو ته مختيارڪار لاڙڪاڻو عبدالخالق چانڊيو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي ڪارروائي ڦرلٽ جي وارداتن ۾ ملوث ٻه جوابدار گرفتار

خدا جي بستي ۽ ڀرپاسي ۾ ڦرون ڪندڙ ماجد علي جلباڻي ۽ عطاءُ الله بروهي سوگهيا

جوابدارن وٽان ڇهه موٽر سائيڪلون، پستول ۽ گوليون هٿ ڪيو ويون ڪيس داخل

ڪوٽڙي (ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي ايس ايڇ او طارق چنا ڊي ايس پي ڪوٽڙي جي نگراني ۾ ڪارروائي ڪندي خدا جي بستي ۽ آسپاس جي علائقن مان ڦرون ڪندڙ ٻن جابدارن ماجد علي جلباڻي ۽ عطاءُ الله بروهي کي گرفتار ڪري ڇهه موٽر سائيڪلون پستول ۽ گوليون هٿ ڪري ورتيون آهن جڏهن ته جوابدارن خلاف اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌ گروهه جي ٻين ڌوهارين خلاف ڇاپا هنيا پيا وڃن ٻي طرف برآمد ڪيل گاڏيون مالڪن حوالي ڪيون ويون آهن

ڪوٽڙي: ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل ٻه جوابدار پوليس حراست ۾ بيٺل آهن

پيپلز لائرز فورم حيدرآباد ڊويزن پاران 5 عورت وڪيل ڪوآرڊينيٽر مقرر

عورت وڪيلن جي رڪنيت، رابطن ۽ تنظيمي معاملن جي نگراني جون ذميواريون سونپيون ويون

نوٽيفڪيشن صدر اياز علي راڄپر ۽ جنرل سيڪريٽري رفيق احمد ڏاهري جي منظوري سان جاري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پيپلز لائرز فورم ڊويزن حيدرآباد پاران تنظيمي سرگرمين کي وڌيڪ فعال ۽ منظم بڻائڻ لاءِ عورت وڪيلن جي رڪنيت واري عمل جي نگراني ۽ سهڪار لاءِ 5 عورت وڪيلن کي ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪيو ويو آهي ان حوالي سان پيپلز لائرز فورم ڊويزن حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري رفيق احمد ڏاهري پاران 5 آگسٽ 2026 ع تي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو جنهن موجب ايڊووڪيٽ عاصمه شبير ايڊووڪيٽ عارفه منگي ايڊووڪيٽ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سينارجا ويجهو رٽائرڊ پوليس اهلڪار کان موٽرسائيڪل ڦر

علي بحر واهه پرسان هٿيارٻند درود گوپانگ کان موٽرسائيڪل ڦري ڪئي

سينارجا(ن ع) رٽائرڊ پوليس اهلڪار کان موٽر سائيڪل ڦر علائقي ۾ خوف جي لهر سينارجا ٿاڻي جي حد ۾ محسن شاهه علي بحر واهه پرسان نامعلوم هٿيارٻندن رٽائرڊ پوليس اهلڪار درود گوپانگ کان نامعلوم هٿيارٻند موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو شهرين جو چوڻ آهي ته جڏهن رٽائرڊ پوليس اهلڪار به ڌوهارين کان محفوظ ناهن ته عام ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪيئن يقيني بڻائي ويندي هنن

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ڄام نوازعلي ۾ بريسٽر ڄام ذيشان علي خان جي گهرواري جي چاليهي جي تقريب

عالم دين سيد عارف حسين ڪاظمي جي اڳواڻي ۾ مجلس، مرحومه لاءِ ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي

ايم پي اي ڄام شبير علي سميت چونڊيل نمائندن ۽ علائقي جي معززن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ڄام نوازعلي (ن ع) ڄام نوازعلي پ پ ايم پي اي ڄام شبير علي جي ڀائٽي بريسٽر ڄام ذيشان علي خان جي گهرواري جي وفات جي موقعي تي چهلم جي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ عالم دين سيد عارف حسين ڪاظمي ايصال ثواب جي سلسلي مجلس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي سياسي سماجي سميت نواب ڄام حيدر علي خان نواب ڄام ذوالفقار علي خان، پ پ سينئر قرت العين مري ،جهانگير جوڻيجو سردار عثمان عالماڻي نواب ڄام

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: عورت مڙس ۽ ٻارن سميت اي سيڪشن ٿاڻي ٻاهران احتجاج ڪندي

سکر ۾ پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ جو اورينٽيشن سيشن منعقد

GSFهيڊ آفيس ۾ ٿيل سيشن ۾ سياسي پارٽين، بار ڪائونسل، سول سوسائٽي نمائندن جي شرڪت

پروجيڪٽ جو مقصد عورتن کي فيصلا سازي، گورننس ۽ جمهوري عمل ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي: اظهر علي

سکر(بيورو رپورٽ) ڳوٺ سينگار فائونڊيشن (GSF) پاران منعقد ڪيل پاڪستان وومين ليڊرز پروجيڪٽ (PWL) تحت ضلعي اورينٽيشن سيشن GSF هيڊ آفيس سکر ۾ منعقد ڪيو ويو سيشن ۾ مختلف سياسي پارٽين، بار ڪائونسل سکر پريس ڪلب سکر جي آفيس بيرير سول سوسائٽي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. هن تقريب جي شروعات ۾، ڳوٺ سينگار فائونڊيشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر نذير احمد اجن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ هٿرادو ڊگهي لوڊشيڊنگ خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

سٽي فور فيڊر سميت مختلف علائقن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي گم رهي ٿي:مظاهرين

سخت گرمي ۽ ٻوسٽ ۾ ٻار، بزرگ ۽ بيمار ماڻهو پريشان آهن، لوڊشيڊنگ ختم ڪئي وڃي

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر): ميهڙ شهر ۾ مبينا هٿرادو لوڊشيڊنگ سبب مختلف فيڊرن تي ڪيترن ئي ڪلاڪن کان بجلي جي فراهمي معطل رهڻ ڪري شهري سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن سخت گرمي ۽ ٻوسٽ واري موسم ۾ بجلي جي ڊگهي بندش سبب نه رڳو گهريلو زندگي متاثر ٿي آهي پر ڪاروباري سرگرمين تعليمي معاملن ۽ روزمره جي معمول تي پڻ ناڪاري اثر پيو آهي شهرين موجب سٽي فور فيڊر تي لڳاتار 10

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

پيٽرول ليوي ٽيڪس ۽ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي جا سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڌرڻا، شاهراهون بند

حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊوالهيار، مٺي، ڪنڊڪوٽ، جيڪب آباد، ڏهر، خيرپور، هالا، ٽنڊو آدم، ڊگهڙي، لکي غلام شاهه ۾ احتجاجي ڌرڻا

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي، ليوي ٽيڪس جي خاتمي، لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ ۽ مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي:مظاهرين

مزدور غريب پورهيت طبقو تمام گهڻو پريشان آهي ۽ هاڻ مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته تحريڪ وڌيڪ تيز ڪنداسين

حيدرآباد (نمائندن وٽان) جماعت اسلامي حيدرآباد پاران پيٽرول ڊيزل جي مهانگائي خلاف حيدرآباد ۾ حيدرچوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب حيدرچوڪ تي گاڏين جي آمد و رفت بند ٿي وئي جماعت اسلامي جي اڳواڻن لياقت ٻهڻ خطاب ڪندي چيو ته مهانگائي خلاف ڪراچي کان خيبر تائين سڄي ملڪ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪندي ڌرڻا هنيا ويا مهانگائي سبب عوام سخت پريشان آهي حيدرآباد ۾ حيدر چوڪ تي لڳل ڌرڻي ۾

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جماعت اسلامي پاران مهانگائي ۽ بدامني خلاف مختلف شهرن ۾ ٿيل احتجاجي مظاهرن ۽ ڌرڻن جو ڏيک

هالا جي صحافي خليل اعوان تي وڏيري معروف هاليپوٽو پاران تشدد واري واقعي جو فيصلو

فيصلو سيد بابر علي شاهه، وڏيري مختيار ٽانگور ۽ ملڪ شاهد اڪرام جي سربراهي ۾ ٿيو

فيصلي ۾ وڏيرو تي پنج لک رپيا ڏنڊ، صحافي جي ٽڙي تي پهچي معذرت پڻ ڪندو

قلم ڌڻين جي جدوجهد رنگ لاتو اڄ حق سچ جي فتح ٿي آهي: سيد جاني شاهه

هالا (ن ع) صحافي خليل اعوان تي ٿيل تشدد وارو معاملو هالا جي سينيئر صحافي خليل اعوان تي ڪوريج ڪرڻ تان وڏيري معروف هاليپوٽو پاران ڪيل تشدد واري واقعي جو فيصلو ٻنهي ڌرين جي راضپي سان پ پ پ ايم اين اي سيد ابرار علي شاهه جي بنگلي تي ٿي گذريو فيصلو ڪائون ڪاميٽي هالا جي چيئرمين سيد بابر علي شاهه وڏيري مختيار ٽانگور ۽ يوسي ڀلڙي جي چيئرمين ملڪ شاهد اڪرام جي گڏيل سربراهي هيٺ ٿي گذريو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي وڏي وزير پاران خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو آهي وڏي وزير چيو ته سيڪيورٽي فورسز بهادري، جرئت ۽ پيشاورانه مهارت سان دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو سيد مراد علي شاهه چيو ته دهشتگردي خلاف

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ملاڪاتيار: ٻڏي فوت ٿيل عورت جو لاش

ڪنڊ ڪوٽ ۾ قومي عوامي تحريڪ جي "سنڌ جو ورهاڱو نامنظور" ريلي

سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول ناهي: مظاهرين

28هين آئيني ترميم ۽ وڌيڪ صوبا ناهڻ جي تجويزن کي رد ڪريون ٿا

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ قومي عوامي تحريڪ پاران " سنڌ جو ورهاڱو نامنظور" ريلي ضلعي صدر سجاد بروهي ارسلاح ڀلڪاڻي شاهه علي سهرياڻي فدا محمدائي رحمت ڇڇڻ علي مراد سبزوئي شاهد سهرياڻي امجد ملڪ وزير ڀلڪاڻي رميش لعل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي جڏهن پريس ڪلب پهتي ته جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ وڌيڪ صوبا ناهڻ جو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ڪانهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، نوجوان قتل

ڳوٺ عمر ڪانهر ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙي ۾ فائرنگ سبب عبدالمجيد ڪانهر زخمي ٿيو

زخمي کي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال، پوليس موقعي تي پهچي صورتحال کي قابو ۾ ڪيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ عمر ڪانهر ۾ ڪانهر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب نوجوان عبدالمجيد ڪانهر سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي موقعي تي موجود ماڻهن ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي پوليس موقعي تي پهچي صورتحال کي قابو ۾ ڪيو

ڪنڊ ڪوٽ پوليس ڪارروائي، هٿيار هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائيم جي واقعن ۾ ملوث ڌوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو پاران سخت هدايت بعد ون فاءِ انچارج خليل لغاري جي اڳواڻي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: چونڊڪو واقعي خلاف چانڊيا اتحاد جو گڏجاڻي، احتجاج جو اعلان

معصوم نينگر سان مبينا زيادتي ۽ تشدد واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت

جوابدار گرفتار نه ٿيا ته ٽنڊو مستي، چونڊڪو ۽ ٻيرلوءِ ۾ ڌرڻا هنيا ويندا: اڳواڻ

گمبٽ (ت ر) چونڊڪو جي تذليل جو نشانو بڻيل معصوم نينگر عاشق حسين چانڊيو جي ڳوٺ سڪندرآباد ۾ چانڊيا اتحاد پاڪستان جي مرڪزي چيئرمين رئيس غلام قادر چانڊيو مرڪزي وائيس چيئرمين شاهه ڏنو چانڊيو مرڪزي فيصلا ڪاميٽي جي ميمبر محمد مٺل چانڊيو فيصلا ڪاميٽي جي مرڪزي چيئرمين رئيس گلشن چانڊيو ۽ ٻين جي اهم گڏجاڻي هنن وڌيڪ چيو ته نارا تعلقي جي سوراهه ٿاڻو جي حد چونڊڪو ۾ معصوم

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم اندر بدامنيءَ ۾ ٺاپر نه آئي، ڦورو مسجد جي پيش امام کان موٽر سائيڪل ڦري ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي طور ڪالونيءَ وٽان 2 نامعلوم هٿيارٻندن فجر جي نماز تي ويندڙ حرا مسجد جي پيش امام محمد ظفر کان موٽرسائيڪل . موبائل ۽ روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويا واضح

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: مقتول نينگر جا وارث قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي

سنڌ ۾ ڪاٺ ۽ ٻيلي جي شين تي ڊيوٽي لاڳو ڪرڻ جي تجويز، فاريسٽ کاتي جو حڪومت کي خط

خيرپور جي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر پاران فاريسٽ ايڪٽ 1927ع جي سيڪشن 39 تحت قدم کڻڻ جي سفارش

ڪاٺ جي واپار کي ضابطي هيٺ آڻڻ، آمدني وڌائڻ ۽ غيرقانوني واپار روڪڻ لاءِ ڊيوٽي لاڳو ڪرڻ جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ڊويزنل فاريسٽ آفيسر خيرپور پاران سنڌ حڪومت کي فاريسٽ ايڪٽ 1927ع جي سيڪشن 39 تحت ڪاٺ ۽ ٻيلي جي ٻين شين تي ڊيوٽي لاڳو ڪرڻ لاءِ چيف ڪنزرويٽر فاريسٽ آف سنڌ کي ليٽر لکي ڇڏيو چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽ سنڌ ڏانهن موڪليل ليٽر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته فاريسٽ ايڪٽ جي سيڪشن 39 موجب صوبائي حڪومت کي سرڪاري گزيٽ ذريعي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ملڪ اندر پيدا ٿيندڙ ۽ ٻاهران درآمد

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپورپوليس جون ڪارروايون جاري، 7 منشيات فروش جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپورپوليس جون ڪامياب ڪارروايون جاري، وڌيڪ 7 منشيات فروش جوابدار گرفتار قبضي مان منشيات، هڪ ڪلاشنڪوف ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي اها ڳالهه ايس ايس پي امير

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي تعلقي اسپتال جي ايم ايس خلاف احتجاج جاري، مظاهرو، ڌرڻو

سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران اسپتال جي مک گيٽ آڏو احتجاج ڪيو ويو

اسپتال ۾ پاڻي ناهي، ايڪسري مشين سالن کان خراب، رات جو ڊاڪٽر نه هجڻ جا الزام

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي تعلقي اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر برڪت لغاري کي هٽائڻ لاءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي جامشورو پاران اسپتال جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن دوران ڪارڪنن پاران ايم ايس هٽايو اسپتال بچايو سميت مختلف نعرا هنيا ويا جڏهن ته احتجاج دوران ايم ايس ڊاڪٽر برڪت لغاري اسپتال مان غائب رهيو ان موقعي تي ايس ٽي پي ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري ساقي منصور

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

HYDERABAD PRESS CLUB

حيدرآباد هٽڙي ٻاءِ پاس جا رهواسي منشيات فروشن خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي

صالح پٽ ۾ چوريون وڌي ويون، سينيئر صحافي سميت ٻن ڄڻن جون موٽرسائيڪلون چوري

خيرپور(ڊ ر) صالح پٽ ۾ سينيئر صحافي ممتاز پنهور سميت ٻن ڄڻن جون موٽرسائيڪلون چوري ٿي ويون واقعي بابت پوليس کي آگاهه ڪيو ويو پر پوليس ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد ۾ ٽن ٻارن جي ماءُ ڦاهو کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي ديهه 330، ڳوٺ ميرحسن ڏونڪائي ۾ گهريلو اڻبڻت سبب ٽن ٻارن جي ماءُ سنگيتا زال گهمن ڀيل مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع ملندي ئي ڪوٽ غلام محمد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني

بقايا نمبر 30ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ملڪيت جي معاملي تان فائرنگ، خانگي اسڪول جو پرنسپال مرٽينگ

دڙي ٿاڻي جي حد نوان ٽڪ واري علائقي ۾ هٿيارٻندن پرنسپال نجيب الله مٿان فائرنگ ڪئي

ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ملڪيت جي معاملي تان خانگي اسڪول جو پرنسپال زخمي، ايس ايس پي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي دڙي ٿاڻي جي حد نوان ٽڪ واري علائقي ۾ ملڪيت جي مامري تان هلندڙ پراڻي تڪرار تان هٿيارٻندن خانگي تعليمي اداري الحفيظ ڊيسينٽ اسڪول جي پرنسپال نجيب الله پٽ حفيظ الله ڪونهارو کي گوليون هڻي سخت مرٽينگ ڪري فرار ٿي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

مورو جي گرلز پرائمري اسڪول جي زبون حال عمارت سبب شاگردن جي زندگي داءَ تي لڳل

ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ سبب اڳ ۾ شاگرد زخمي ٿيڻ جو واقعو پيش آيو هو: والدين

ڪلاس رومن جي ڇتين ۾ ڏار آهن، حادثي جو خدشو آهي، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

مورو(ن ع) مورو تعلقي جي يوسي خيرواهه جي گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول دين محمد مگسي جي عمارت زبون حال ٿي وئي جنهن سبب شاگرد خوف واري ماحول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور اسڪول جي ڇت انتهائي ڪمزور ٿي چڪي آهي ماضي ۾ اسڪول جي ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ سبب شاگرد زخمي ٿيڻ واري واقعي بعد تعليم حاصل ڪندڙ معصوم شاگرد ۽ سندن والدين ۾ خوف واري لهر ڇانيل آهي خوف سبب والدين ٻارن کي اسڪول نه ٿا

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ جي 19هين بورڊ آف گورنرز اجلاس

ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو کي اداري جي ڪارڪردگي ۽ مستقبل جي منصوبن بابت بريفنگ

ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ پاران انتظامي، مالي ۽ ترقياتي معاملن تي تفصيلي رپورٽ پيش

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاتوري) پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمبٽ جي 19هين بورڊ آف گورنرز جو اجلاس، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو صوبائي وزير براءِ صحت ۽ آبادي ڀلائي سنڌ، چيئرپرسن بورڊ آف گورنرز ڪئي اجلاس ۾ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز اداري جي مجموعي ڪارڪردگي، جديد طبي سهولتن جي فراهمي انتظامي معاملن

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ جشن آزادي جون تياريون زور شور سان جاري، بازارن ۾ قومي جهنڊن ۽ جهنڊين جا اسٽال لڳي ويا

سکر(بيورو رپورٽ) آگسٽ جو مهينو شروع ٿيندي ئي ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ پڻ جشن آزادي شاندار نموني ملهائڻ جون تياريون زور شور سان جاري آهن ان سلسلي ۾ ڀهرين آگسٽ کان ئي سکر جي مختلف بازارن ۾ قومي جهنڊا، جهنڊيون بيج ۽ جديد ڊيزائن وارين مختلف شين جي وڪري لاءِ اسٽال لڳايا ويا آهن ٻئي طرف سکر جا شهري پنهنجن گهرن جي ڇتين تي سبز هلالي قومي جهنڊو ڦڙڪائي پاڪستان

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر آفيسر پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جو دورو

سڪرنڊ (ن ع) ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر آفيسر شهيد بينظيرآباد جاويد ملاح ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

دادو: مورو واسي عورت بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ملاڪاتيار ويجهو 25 ورهين جي عورت ڳاجا واهه ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ملاڪاتيار (ن ع) صائمه ملاح جو ذهني توازن درست نه هو جنهن دوران ڳاجا واهه پرسان اوچتو پير ترڪڻ سبب هوءَ پاڻيءَ ۾ ڪري ٻڏي وئي واقعي ڪانپوءِ وارثن پاران عورت کي ڳاجا واهه مان ڪيڏڻ لاءِ لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ تائين ڪوششون ڪيون ويون جنهن بعد سندس لاش پاڻي مان ٻاهر ڪڍيو ويو واقعي جي اطلاع ڊي ايس

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.